Edited
Book of
Sindhi Original
Short stories

۽ سپنو — [illegible]

٣. مانڌير جو انصاف — هوتچند مولچند گربخشاڻي ١٨

٤. مولانا جلال الدين رومي ۽ سندس هدايتون — ليلارام پريمچند واڌواڻي ٢٥

٥. مڇيءَ جي سير — پيرومل مهرچند آڏواڻي ٣١

٦. حقيقي ويڇ ۽ لهار — لالچند امرڏنومل جڳتياڻي ٣٦

٧. گوتم جو ويراڳ — چيتنمل پرسرام گلراجاڻي ٤١

٨. حضرت عيسيٰ ۽ حسين شهزادو — ساڌو واسواڻي ٤٧

٩. ڳوٺ اُڌار — لالسنگھ هريسنگھ اجواڻي ٥١

١٠. لنڊن جا ڪي آزمودا — منگهارام اُڌارام ملڪاڻي ٥٦

١١. مقاطعن جو نيلام — ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي ٦٠

١٢. سنڌي شعر جي ترقي — يوڄراج هوتچند ناگراڻي ٧٠

١٣. ڪر ڏري تہ ڏيئي پري — رام پرتابراءِ پنجواڻي ٧٦

١٤. عمر خيام — ڪلياڻ بولچند آڏواڻي ٨٤

١٥. ادو عبدالرحمان — امرلعل وسڻمل هنگوراڻي ٨٩

١٦. لڏ پلاڻ — تيرٿ وسنت ٩٧

١٧. جوانيءَ جو نشو — چيتن ماڙيوالا ١٠٨

١٨. ندرا ديوي — پوپٽي رامچند هيراننداڻي ١١٧

١٩. ڏيڻ جي ڏات — چندرا آڏواڻي ١٢١

٢٠. چترڪار — ايشوري جوتواڻي ١٢٥

٢١. آدم — ڌرمداس ڪشتريا ١٣٠

٢٢. روشني موٽي آئي ... — آسن اُتمچنداڻي ١٣٤

٢٣. هي شهر ... — سندري اُتمچنداڻي ١٣٩

٢٤. چنڊ ۽ مني — ڪيرت ٻاٻاڻي ١٤٧

٢٥. مهل جو ماڻهو — گوبند مالهي ١٥٧

٢. سامي — سهڻيون تشبيهون ١٦
٣. سچل — محبوب من ۾، ڪيڙو مست پرين ١٦٩
٤. ڪشنچند بيوس — سمجهي ڇڏ ١٧١
٥. پرسرام ضيا — سڀ سيلاني، چاهيون ٿا ١٧٣
٦. ليکراج عزيز — پراڻي پريت ١٧٥
٧. هري درياني دلگير — سي ڪٿي! اڳ ڪٿي ١٧٩
٨. هرومل خادم — رباعيون ١٨١
٩. رام پنجواڻي — اي مرغ دل ١٨٣
١٠. هوندراج دکايل — چا جي ڪري، ڳوناڻو گيت ١٨٤
١١. يوڌراج ناگراڻي — آيو آه آواز ١٨٦
١٢. ڪلياڻ آڏواڻي — روح رهاڻ ١٨٨
١٣. ارجن شاد — شڪوه، ڪٿي ١٩١
١٤. سگن آهوجا — حال پريشان، خوش رهن ١٩٣
١٥. نارائڻ شيام — ماڪ ڦڙا رابيل ١٩٥
١٦. پريو وفا — ڏوهيڙا ١٩٧
١٧. گوورڌن محبوباڻي پارتي — قطعا ١٩٩
١٨. موتي پرڪاش — پريشاني ٢٠١

نثر

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No.
BOMBAY-77.

١. سقراط حڪيم

پرمانند ميوارام

جيڪي به قديم ڏيهه آهن، تن ۾ يونان ڏاڍو ڀاڳارو آهي. جهڙو ملڪ سندس، تهڙا منجهس سورما تهڙي سندس ٻولي! ماڻهو به منجهس چڱ چڱيرا ۽ ناليرا ٿي ويا آهن، پر تن مڙيني ۾ پليرو ۽ فضيلت ۾ سڀ کان سرس هو سقراط حڪيم يا ساڪريٽس. جيڪي جيڪي مالڪ جا چونڊيل آهن، ۽ جن تي سندس الهام جي روشني چمڪندڙ آهي، تن جي ڳالهه نياري آهي، پر جنهن قدر انساني عقل ۽ ادراڪ جي دوڙ هلي سگهي ٿي، تنهن قدر سقراط چئبو ته چيهه وجي ڪيو هو.

عيسوي سن کان ٤٧١ سال اڳي هن جو جنم آٿنز شهر ۾ ٿيو. پڻس نقاش هو ۽ ماڻس هئي دائي. ٻار پيءُ جو هنر سکيو، تنهن مان دل ۾ هي خيال جاڳيس ته (عجب اهو آهي جو هڪ پٿر جي سروٽي کي تراشڻ ۽ گهڙڻ ۾ ماڻهو هيترو سارو وقت صرف ڪن ٿا، پر پنهن جي من ۽ دل کي سڌارڻ لاءِ ڪيترو نه ٿورو وقت خرچ ٿا ڪن.) افلاطون ڳالهه ٿو ڪري ته سقراط جڏهن پنهن جي ماءُ جي ڌنڌي جو ويچار ڪندو هو، تڏهن پيڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ هئن چوندو هو ته (جئن اما ٻار ڄڻائيندي هئي، تئن آءٌ وري مغز مان خيال ۽ ويچار اُپجائيندو هوس.

اڳي فيلسوفي هڪ ڳجهو ۽ اونهو علم ليکبو هو، پر سقراط عام خلق جي اعمالن سڌارڻ جي مدنظر تي فيلسوفي لکي، جنهن ۾ نيڪ بد جو مذڪور ڪيائين ۽ اُن جو سنڌو سيڙهو ڏيکاريائين.

هو ننڍيءَ پرهيزگار، پاڻ رکندڙ ۽ جفاڪش هوندو هو. پئسي جو موهه اصل ڪين هوندو هوس. پاڻ ائين سمجهندو هو ته خدا جي اها هڪ ڏات اٿم، جو ڪنهن به شيءِ جي طمع يا آرزو نه ٿي ٿئيم، ۽ چوندو هو ته (جيتري قدر اسين ٿوري سان راضي ٿا رهون، اوتري قدر مالڪ کي ويجهو ٿا ٿيون.) جڏهن جهجهي دولت ۽ دنيوي ڏيکَ ويکَ ۽ اڊمبر ڏسندو هو ته بي اختيار دانهن نڪري ويندي هيس ته شڪرانا خدا جا جو ڪيتريون شيون آهن، جن جي ذائقي جي به خبر نه اٿم. پرهيزگار هو ته به يارباش هڪڙوئي هو: دوستن سان ڏاڍو رلڻو ملڻو ۽ خوش طبع هوندو هو. منجهس ڏيکَ ويکَ ڪونه هوندو هو؛ مگر بدن جي پوشيدگي ۽ سنائي ڏاڍي هوندي هيس. ٻئي کي ادلو گدلو ڏسندو هو ته ڪراهت ايندي هيس. هڪڙو فيلسوف وڏي نخري سان چوڻ لڳو ته "اڄ مون وهنتو ڪونهي، تيل ڪونه مکيو اٿم، ميرو ڪچيرو آهيان." سقراط چيس ته "تنهنجي ڇنل ڦاٽل جبي مان ڏسان ٿو ته تو ۾ ٺان ۽ ڦوُنءَ ڏاڍي آهي."

سپاه گري هو ڏاڍو تپڻو ۽ اُتاولو هوندو هو، پر ويچار ۽ تجربي سان اهڙو سانتيڪو ۽ ڌيرجوان ٿي پيو، جو ڪي به ٿي پوندو هو ته هنکي سروئي آنند هوندو هو، اندر جي سانت نه ڦٽندي هيس. دوستن کي سنڌس ويٺي هوندي

هئي تہ مونکي ڪڏهن ڪاوڙ ڪندو ڏسو تہ جهٽ خبردار ڪجوم. سندس زال ڏيہ ڏري هئي، ڪيس ڏاڍو هلاڪ ڪندي هئي؛ پر هنجو هو صبر.

زيرڪ ۽ دور انديش ۽ صاحب حڪمت جو هوندو هو. ڪا بہ ڳالهہ هوندي هئي تہ خوش سان اهڙي تڪ ڪندو هو، جو ڳالهہ پوري اچي لڳندي هئي؛ پر پاڻنجي ٿو تہ نعرت وچان چوندو هو تہ مون سان هڪ صلاح ڏيندڙ ملائڪ همراه آهي، سڀ ڪجهہ ٿو ٻڌائيم. هڪ وڏي سپہ سالار کي چوندو هو تہ ٿون جڏهن عمر جو ننڍو هئين تہ مونکي خدا جي هميشہ پل هوندي هئي تہ ڳالهيون جي سمجهہ کان ٻاهر آهن سي ساڻس نہ ڪر. پاڻ تہ ساري عمر ائين سمجهندو هو تہ مون سان ڪو ملائڪ مددگار آهي. اهو خدائي سڏنهون هئي هدايت ڪندو هوس تہ ساري انسان ذات کي سيکار ۽ سڌار، خاص ڪري پنهنجن ماڻهن کي. ننڍن ۽ نوجوانن کي سيکارڻ پنهن جو فرض سمجهندو هو. هن جي سيکارڻ جو دستور ئي پنهن جو هوندو هو. نڪو هوس مدرسو، نڪي ڪندو هو تقريرون، نڪي لکندو هو ڪتاب. هنڌين ماڳين سير ڪندو هو ۽ سادي سليس زبان ۾ عام ۽ روزمره وارين ڳالهين بابت گفتگوءِ ڪندو هو؛ ۽ اُنهن مان جيڪي سوال سوال اُٿندا هئا، تنجي اپاو سان ماڻهن کي ويچار ۾ وجهندو هو تہ پل خوض ڪرڻ سگهن.

سندس شاگردن مان هڪڙو ڪئين سندس پوءِ لڳہ ٿيو، تنهن بابت هو پاڻ چوي ٿو تہ مونکان پڇائين تہ جوان مڙس، ٻڌائي سگهنديم تہ سيڌو سامان ڪٿي وڪامندو

آهي؟ تڏهن آءٌ شهر جا هٿ ڏيکاري لڳو سانس؛ تنهن تي وري اُستاد چيم ته ڀلا ٻڌاءِ ته ماڻهو نيڪي ڪٿي سکندا؟ پر ڏنائين نه جواب ڪونه ڏنو اُڪليو؛ تڏهن چيائينم ته جي انهيءَ جي خبر وٺ ته گهرين ته منهنجي پٺيان اچ ته سڌ پوندءِ.

هن جو چوڻ هوندو هو ته ماڻهو نام ڪنيو ٿئي تنهن لاءِ هر ڪو ضرور ڪينهي ته ڄاڃ جو جڄو ٿي يا عدالت جي وڏيءَ ڪرسيءَ تي ويهي. جنهن وٽ ڪو صلاح پڇڻ اچي، ۽ هو اُنکي عقل جي صلاح ڏئي؛ جو پنهنجن همو طنين کي نيڪيءَ ڏي متوجه ڪري ۽ منجهن انصاف ۽ سخاوت ۽ حب الوطن جا خيال وجهي ته اهڙوئي ماڻهو سچو حاڪم يا ذميدار آهي.

آٿنه شهر جا نوجوان ته هن جي پٺيان چريا هئا. چا ماءُ پيءُ، چا ملڪي جماعتون، ڇا راند ۽ رونشا سڀ ڇڏي اچي سندس شاگرد ٿيا. اُقليدس مشهور رياضي دان يونان جي ميگجر شهر جو رهاڪو هو؛ انهي شهر جي آٿنه شهر سان بلڪل ڪين پوندي هئي. آٿنه جي سردارن کي حڪم هو ته سال ۾ ٻه ڀيرا ميگجر شهر ۾ ڦر ڪريو ۽ اُنجون پوکون ساري چٽ ڪريو؛ ۽ جيڪڏهن ڪو اُتيجو رهاڪو آٿنه جي سرحد ۾ پير وجهي ته اُنکي يڪدم ماري وجهو. تنهن هوندي به اُقليدس کي سقراط سان ملڻ جي اهڙي پياس هوندي هئي، جو زنانو ويس ڪري، برقعو ڍڪي، رات جي وڳري ۾ وٽس ويندو هو ۽ ساري رات ساڻس مجلس ڪري باک ڦٽيءَ کان اڳ اُتي راهي ٿيندو هو.

ٻيون به گهڻيئي سندس ڳالهيون آهن، پر هتي هڪڙو مثال بس آهي. آلڪبيد هڪ وڏو هوشيار ماڻهو هوندو هو، پر ڏانءُ به ڏاڍي هوندي هيس؛ تنهن هڪ لڳا پنهنجي ڏن ۽ جاگيرن جي ڳالهه ڪندي اُپ ۾ ئي تواريون هنيون. تڏهن سقراط ڇا ڪيو، جو نقشي وٽ وٺي ويس، ۽ چيائينس ته ”اٿينڪا شهر ڏيکاريو.“ پلا شهر هو تمام ننڍو سو مسين مسين لڌس، پوءِ چيائينس ته ”پنهنجون جاگيرون ڏيکاريئم.“ تنهن تي شاگرد جواب ڏنو ته اهي اهڙيون ننڍيون آهن جو هتي ته سڃاڻڻ جون نه آهن.“ تڏهن چيائينس ته ”ڏس تون زمين جي هڪ چپي جنهن جو نقشي تي نشان به ڪونهي تنهن جي نسبت ڪيڏو نه فخر ٿو ڪرين؛ سڄي دنيا سان ڀيٽينس ته ڪهڙي نه تچ ۽ خسيس آهي.“

ٻئي هڪڙي شاگرد کان پڇيائين ته ڪڏهن دل ۾ اهو ويچار ڪيو اٿيئي ته ”اسانلاءِ جيڪي ضروري ۽ چڱو آهي سو سڀ مالڪ اسانکي بخشيو آهي“؛ هن چيو ته ”نه.“ تڏهن ڀيريائين روشنيءَ بابت ذڪر ڪيائين ته ”جي اُها نه هجي ته هوند پل به جالي نه سگهون.“ پوءِ سمنڊ، باه، پاڻي ۽ ٻين عناصرن جي ترتيب وار بيان ڪندي ڏيکاريائين ته انهن منجهان ڪهڙا نه عجب فائدا ٿا پهچن. سندس شاگرد ٻڌي عجب ڀيو ڪائي ته هڙين پڌرين ڳالهين تي مون اڳي ڪڏهن ڌيان نه ڏنو آهي. پوءِ سندس اُستاد ٿڌ ۽ گرميءَ ۽ مندن جي وارثا ڪري چيو ته موسمن جي ڦير گهير ۾ ڪين پروردگار جي سياڻپ ڏسي سگهجي ٿي ته

ڪئي انهن مان نه فقط احتياج ٽا پلجن پر اسانکي آنند ۽ خوشي ٿي پڙپي.

شاگرد ورندي ڏني ته "ائين چاڻجي ٿو ته انسان تي برڪتن جي ورکا ڪرڻ ڏاران مالڪ کي بيو خيال ئي ڪونهي."

وري جانورن ۽ سندن ذاتي سمجهه ۽ طاقتن بابت ڳالهائڻ لڳو؛ ۽ پيچاڙي ۾ ماڻهوءَ بابت گفتگو ڪندي اچي سندس سمجهه ۽ بدڻيءَ جي بيان ۾ پيو جنهن مان ڏيکاريائين ته انسان کي بي ساري خلقت کان مٿي شرف مليل آهي. تنهن تان وري آسمان جون قدرتون، يعني گرجنا ۽ ڪنوڻ ۾ هوائون سي ورنن ڪيائين؛ جي جئن اهي ڏسڻ ۾ نٿيون اچن، تئن اسانجو روح به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پوءِ هي حرف چيائين ته "پرميسر جنهن خود هيءَ سرشٽي جوڙي آهي ۽ جو پنهنجي عجيب خلقت جي پالنا ٿو ڪري، تنهن ذرو ذرو وبهي هنر ۽ ترتيب سان ڏهيو آهي، سو ساڳيو پرميسر انهي پنهنجي جوڙ جي وسيلي پاڻ ظاهر ٿو ڪري پر رهي وري به لڪل ٿو."

هن حياتيءَ جا پويان ڏينهن آتنه جي نؤجوانن کي حڪمت ۽ پرهيزگاري ۽ نيڪي سيکارڻ ۾ صرف ڪيا. سندس هڪ مکيه شاگرد ٿو چوي ته "جڏهن کيس گفتگوءَ ڪندو بڌان ٿو ته منهن جي دل وٺيو ٽپا ڏئي، لڙڪ وهيو اچن؛ بلڪ بين کي به ائين ڪندو ڏٺو اٿم." تنهن هوندي به ظلم ته ڏسو ته ههڙي نيڪ ماڻهوءَ تي ٦٩ ورهين جي عمر ۾ تهمت رکيائون ته تو ديوتائن جي نندا ڪئي

آهي ۽ نوجوانن کي بگيڙيو اٿيئي. تواريخ ۾ پيا اهڙا انيڪ مثال نه هجن ها ته هوند ٽپرس وٽي ها ته ڪهڙي نردوش رهت واري ماڻهوءَ تي خود سندس هم وطنين ههڙا الزام رکي ڪئين اُتس مقدمون هلايو ۽ موت جي سزا ٺهرائي. اهڙا ماڻهو جن کي ”ٻاهران زيب زبان سين دل ۾ هڇاڙا“ تن جا ڳاڪند ۽ ڳجها ڪرتوت ۽ بدڪاريون جو ظاهر ڪندو هو تنهن ڪري اُهي ڏنو ڪين سهندا هئس. اُنهن شريرن جو وس پڄي ها ته مٿس ٻيون به ڪي تهمتون رکن ها، پر هن جي جيوت بي عيب هئي، تنهن ڪري ائين مبهم طور الزام رکي ڪيس آزائڻ جي ڪيائون ته ڀل ماڻهن ۾ سندس نسبت بدگمان جاڳن.

آتنه جا ماڻهو گهڻ ڳالهائو هوندا هئا. صبوح سڀُون اڇي هڪ هنڌ مڙندا هئا ۽ گڏجڻ سان هڪ ٻئي کان پڇندا هئا ته ڪهڙي خبر چار آهي؟ تنهن هوندي به ڏرمي شهر هوندو هو، مگر رڳو ٻاهرين ڪرم ڪانڊ ۽ ڏند ڪٿائن کي ڇهنيا پيا هوندا هئا ۽ پنهنجن بدخصلتن کي سڌارڻ جي ڪا به ڪوشش ڪا نه ڪندا هئا. هوريس شاعر چئي ويو آهي ته بدڪار آندر ۾ ڏاڍا بزدل آهن، تنهنڪري هوندا آهن ڏاڍا سنسائي. اهي ماڻهو اهڙا ڀرمي هئا جو گمان ٿين ته متان ڪو اهڙو خدا هجي به ڪٿي جنهنکي نقصان رسائڻ جي طاقت هجي ۽ اسين ڪيس نه مڃائيندا هجون، تنهنڪري ڊنو پئه ڪري اُنهي ”نامعلوم خدا“ جي نالي هڪ قربان گاهه ڪٿي کڙي ڪئي هئائون!

اهڙن ترڙن، عيشي جيئڙن، عالي حوصلي پر بدخصلتن وارن ماڻهن اڳيان هي سياڻن ۾ سياڻو ماڻهو رجوع ڪيو ويو. آٿنه شهر ۾ اُنهي وقت غلامن کان سواءِ ٢٠ هزار آزاد ماڻهو هوندا هئا، جي ڏهن فرقن ۾ وراهيل هئا؛ انهن جون به وري نياتيون هيون. هڪ هڪ فرقي مان ٥٠ پنچ چوندا هئا ۽ سڀئي پنچائت کي پنجن سون جي سڀا ڪري سڏيندا هوا ۽ اُنهن مٿان هو وري هڪ سڀاپتي. انهي سڀا سقراط جو آچار ڪيو.

ٽي مدعي مٿس ڪڙا ڪيائون. هڪڙو شاعرن جي پاران، ٻيو منطقين جي پاران، ٽيون سياست دانن جي پاران. ٽيئي نام ڪنيا هئا، تن تهمتئي کي ڦاسائڻ لاءِ ڪين گهٽايو. مقدمي جو ڏينهن ٽن حصن ۾ وراهيو ويو (١) تهمت، (٢) بچاءُ ۽ (٣) سزا. سقراط جي دوستن ڏٺو ته ماڻي ٻري آئي آهي تڏهن هڪ مشهور سخن آور کي بچاءُ جو وڪيل ڪيائون. انهي هڪ نهايت هوشياريءَ جي فصيح تقرير ڏاهي آڻي سقراط کي پڙهي ٻڌائي پر هو ٻڌي جي نه پيو ڪري. چي نٿي ٿهي، نٿي ٿهي.

سقراط پاڻ پنهن جو بچاءُ ڏنو ۽ تقرير ڪئي، سا افلاطون سربستي لکي آهي. اهڙو عمدو ليک ڪو ڇدو ليندو. وري کهڙي شان ۽ جرئت سان تقرير ڪيائين تڏهن به اُها نعڙت ۽ نهٺائيءَ سان ڀرپور هئي. پنهنجن ججن سان جو ڳالهايائين سو نه پاڻ کي نيازمند ۽ تهمتي سمجهي پر هڪ اُستاد ۽ سيکاريندڙ طور. نتيجو به اهڙو ٿيو جو ٢٨١ سندس برخلاف ويا ۽ ٢٢٠ سندس فائدي ۾.

ڏوهاڙي ته ٺهرايو ويو، پر باقي سوال رهيو سزا جو. سندس مدعين گهريو ته موت جي سزا ملِيس- پر سقراط جواب ڏنو ته "موت جي فتويٰ نه ڏيو پر سڀ جيڪا پلائي مون ڪئي آهي تنهن جي عيوض مون کي سرڪاري خزاني مان پينشن ناهي ڏيو"- هي بڌي ججن کي اهڙي منِيان آئي جو موت جي فتويٰ ڏنائون- سزا لاءِ پاڻ ٣٢١ جڻا سندس برخلاف ويا.

سقراط چيو ته "١١اوهانجي حڪم سان سزا سهان ٿو، پر جنم وٺڻ سان سرشتيءَ مون تي اڳيئي موت جي سزا ٺهرائي ڇڏي هئي."١٢ سندس دوستن مان هڪڙي چيو ته "افسوس جو اوهان بي ڏوهيءَ کي ڪُٺي ٿا مارين"- تڏهن مشڪي جواب ڏنائين ته "تڏهن تنهنجو مطلب آهي ڇا ته آءٌ ڏوهاڙي ٿي مران"؟

بيشڪ سچو ۽ سياڻو ماڻهو هو- جيڪو منو بار بار بين تي ذهن نشين ڪندو هو ته گناه ئي اڳي برائي آهي، جنهن کان بچڻ کپي؛ تنهن ۾ سندس اهڙو ته اعتقاد هو، جو چيائين ته "١٣ساري حياتيءَ جو جس برباد ٿي وڃي، تنهن باقي حياتيءَ جا باقي ٿورا سال ويا ته وڃڻ ڏين"١٤- اهو هو سقراط حڪيم!

٢. راجا ڀوڄ جو سپنو

ڪوڙومل چندنمل کلناڻي

اهڙو ڪو ڀارتواسي ڪونه هوندو جنهن مها پرتاپي راجا ڀوڄ جو نالو نه ٻڌو هوندو. هنجي مهما ۽ ڪيرتي ساري ديش ۾ اڄ سوڌو ڳائجي رهي آهي. هنجو ڏاڪو ۽ دٻدٻو اهڙو هئو جو وڏا وڏا ڀوپت به هنجو نالو ٻڌنديئي ڏهلجي ويندا هئا؛ ۽ وڏا وڏا راجائون هنجي پيرن تي سر نمائيندا هئا. سئنا هنجي جهڙي هئي اڻڳُڻ تهڙي وري هئي اڻ ڳڻي. ۽ هنجي خزاني سان سون چاندي ۽ رتنن جي کاڻين جي به جاءِ نه هئي. نياءُ وري سندس کهڙو جو راجا وڪرماجيت اڳيانس جيڪر لڄي پيو ٿئي. سندس راڄ ۾ ڪو ماڻهو ڪڏهن به بکيو نه سمهيو ۽ نه ڪڏهن ڪو اُگهاڙو ڏسڻ ۾ آيو. هڪ هڪ شلوڪ ڪاڻ پنڊتن کي هزارين روپيا ٿي پڙپيا. هن لکين گئؤ دان ڪيون. تيرٿ جاترائن ۽ ورتن نيمن ۽ اُپواسن لاءِ هو سدائين تتپر هئو. هن گهڻا سوکهڙا کڊيا، چاليها رکيا ۽ جهنگل پربت پيٽنيا هئا. راجا ڀوڄ سوين سُڪرت جا ڪم رتيا ۽ ڪرايا جنهنمان چوڏس چؤڏاري هنجي واه واه ٿيڻ لڳي. سڙڪن تي کوهه کوٽجي ۽ تنجي چؤگرد انبن جا باغ لڳي ويا جتي هيڪار سان پيڙيل وٽن جي چانوري هيٺ وانهڙو وسرام پائڻ لڳا.

اهڙڪو راجا ڀوڄ جي چڙهون چڙهه منائڻ لڳو. هرهند سداورت به کڙا ٿي ويا. هزارين ڀڪشن کي ورهيارو سياري ۾

سوڙيون ملڻ لڳيون. وڏا مندر سنگمرمر جا جڙيا؛ مطلب ته مهاراج جو اُدار چت هئڻ ڪري جڳتر ۾ جهجهوئي جس ٿيو.

هڪڙيءَ رات جو راجا، جئن جو دستور موجب رات جي آرام لاءِ جڙائو پلنگ ۽ ڦولن جي سيج تي وڃي ليٽيو ته جهٽ گهريءَ ننڊ ۾ پئجي رهيو. سگهوئي هڪڙو سپنو ڏٺائين جنهن ۾ پنهنجو سنگمرمر وارو مندر جڙي راس ٿيل ڏسڻ ۾ آيس؛ منجهس جڙت، عاج ۽ چترڪاريءَ جا ڪم اهڙا ٿيل هئا جو ماڻهوءَ جي بُڌِ چڪرت ٿيو وڃي. جواهرن جي جڙت، نيلمن جي جهڳ مڳ، هيرن جا لڙڪ ڏسي اکيون ڀاپن ئي نه. هيٺ وري بلوري حوضن ۾ گلاب ۽ ڪيوڙي جا ڦوهارا پيا وهن، ڏوپ پيو جلي ۽ سوين ڪپوري ڏيا ٻري رهيا آهن، راجا پاڻ ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپي ۽ من ۾ پيو چوي ته ڀلا، ايتريءَ ڪمائيءَ تي به مونکي ڪو سرڳ وڃڻ کان روڪي سگهندو؟ ڪير مونکي پُن آتما نه چوندو؟ مونکي رڳو پنهنجن شڀ ڪرمن جو ڀروسو آهي نه ڪنهن ٻئي جو. ايتري ۾ اُنهيءَ سپني ۾ راجا ڇا ٿو ڏسي ته هڪڙو سوجهرو مٿان اڀ مان هيٺ لهندو ڏانهس پيو اچي ۽ اُنجو اُجالو هزارين سورجن کان به سرس آهي. راجا ڏڪي ويو ۽ ڀؤ ڀيٽ ٿي چاچريل ٻوليءَ ۾ چيائين، مهراج! اوهين ڪير آهيو. هن ڪڪرن جي گرجنا جيان گنڀير آواز سان ورندي ڏني ته آءٌ سنيه آهيان، انڌن جون اکيون کوليندو آهيان، ۽ اُنهنجي اڳيان جو ڏوڪي جو پردو آهي تنهنکي ڦاڙيندو آهيان، مرگ ترشنا جي پنکيلن جي پرم جي نورتي

ڪندو آهيان ۽ جيڪي سپني جا ٻليل آهن تن کي ننڊ مان جاڳائيندو آهيان. هينئر آءٌ تنهنجي من کي جاچڻ لڳو آهيان.

”ڀل جاچيو، مونکي ته ڪو به ڀؤ ڪونهي. راجا ڀوج وراڻيو؛ ”ورت ۽ اُپواس رکي مون پنهنجو گل جهڙو سرير ڪنڊا ڪڍي ڪيو آهي. دکشڻا ۽ دان ڏيندي پنهنجو سارو خزانو لُٽي ڦٽو ڪيو اٿم. تيرٿ ڪو به ڪونه ڇڏيو اٿم. اهڙو ڪو ماڻهو ڪونهي جو مونکي پوتر ۽ پنّ آتما نه ٺهرائيندو.“

ستيه چيو، راجا ڀوج جي! اِهو سڀ چڱو پر ٻڌاءِ ته تون ايشور جي درشنيءَ ۾ ڇا آهين؟ آءٌ تو تنهنجي اکين ڏان پرانتيءَ جي جا پني ٻڌل آهي سا کوليان. راجا کي سپني ۾ اِنهي سمي ٿي وڏا اونچا وڻ اکين جي سامهون ڏسڻ ۾ آيا جي ڦر سان جي ڀريل هئا سي بار هيٺ ڌرتيءَ تي نمي پيا هئا. راجا خوشيءَ ۾ ڀرجي چوڻ لڳو ته ڳاڙها ڳاڙها ڦل، ڦهرئين وڻ جا، منهنجي دان جا آهن، ۽ ٻئي وڻ جا پيلا ڦل منهنجي نياو جا آهن؛ ۽ ٽئين وڻ جا سفيد ڦل منهنجي ڪيل تپ جو پرڀاءُ ڏيکارين ٿا. ستيه چيو، ته اِهي سچ پچ پيدا ڪين ٿيا آهن پر توکي ٺڳڻ ۽ خوش ڪرڻ ڪاڻ ڪنهن اِنهن جي ٽارين ۾ لڙڪائي ڇڏيا آهن. جيئن ڪو ميڻ سان ڪا وست چنبڙائي ڇڏيندو آهي تيئن تو به پنهنجي واڪاڻ ٿيڻ ڪاڻ هيءَ ڦل هن وڻ تي ڪڍي لڳايا ٿا پائنجن. هاڻي مون (ستيه) جي تيج ڪري ميڻ ڳري ويئي ۽ وڻ ٺوٺو ٺوٺو رهجي ويو آهي. تو جيڪي ڪيو آهي سو جڳتر جي ڏيکاءَ ۽

ماڻهن جي ساراهه ڪاڻ. ڪيول ايشور جي ڀڳتي ۽ جيون جي ڪاڻ تو ڪي ٻه ڪين ڏنو آهي. اي مورک! تون هن ڪوڙي ڀروسي تي ڀلجي ۽ ڦوندجي سرڳ ۾ وڃڻ لاءِ سنيهيو آهين. راجا ڀوڄ ٽڏو ساھ کڻي لڄ کان ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو. سنيه پوءِ جئن جو ٻئي وڻ ڏانهن وڌي اُنجي نياءَ وارن ڦلن کي هٿ لاتو تہ فقط ڇهڻ سان اُهي ٻہ اڇي پٽ پيا. سنيه ڀوڄ کي ٻڌايو تہ جنهن نياءَ تي توکي ايمان آهي سو نياءَ جي هوند نہ ڪرين تہ تنهنجو راڄ جتاءُ ئي ڪين ڪري. (جنهن راڄ ۾ نياءُ نہ آهي اهو اُنهيءَ گهر سمان آهي جنهنجي ڀيڙهہ آهيئي ڪانہ) اُهو آهي ڪراڙي جهور ماڻهوءَ جي لڏندڙ ڏندن وانگر جي اڄ نہ ڪريا، سڀان ڪريا. اي مورکہ! تون ڇونہ ٿو ٻڌائين تہ هيءَ تنهنجو نياءُ سوارٿ سڌارڻ ۽ سنسار جي سک ۽ جس پائڻ ڪاڻ آهي، ڪين ايشور جي ڀڳتيءَ ۽ جيون جي ديا جي ڪري آهي؟ راجا ڀوڄ جو متو ڀڳهرجي ويو ۽ ٻہڪ ٻہ ڪڇي ڪين سگهيو. آخر ٽئي وڻ جي ٻہ ساڳي گت ٿي. تو هي ٻگيہ ۽ تپ سڀ ڏيکہ لاءِ ڪيا آهن اِنهيءَ لاءِ تہ تون ٻين کان سرس ليکجڻ ۾ اچين.)

پرٻان مندر جي چوٽيءَ تي جي سندر ۽ رمڻيڪ پکي ٿي ڏٺا تن ڏانهن اِشارو ڪري سنيہ ڀوڄ کان پڇيو تہ اِهي ڇا آهن. راجا هٿ ۾ پرجي چوڻ لڳو تہ اِهي سڀ منهنجي سنڌيا ۽ پوڄا جو پرياءُ آهن. سنيہ چيو تہ تو شڌ هردي سان ۽ نشڪپٽ ٿي اوڄاڳا ۽ پوڄائون ڪين ڪيون آهن؛ ڏس، اِهي تنهنجا پکي، دمُ ئي ڪونهين، اُڏامي نٿا سگهن،

اُنھن جا ڪنپ پاري وانگر ڳرا ٿي پيا آھن، اُڏامڻ ڪاڻ ڦٿڪن گھڻو ئي ٿا پر اُڏامي پٽيءَ نٿا سگھن. راجا ڏاڍو لڄائمان ٿيو. سنيہ ٿھانپوءِ منڊر اندر وٺي ويس. راجا ڇا ٿو ڏسي تہ سنيہ جي سوجھري ۾ نہ رھي ھئي اڳين سون جي چمڪ ۽ نہ رھي ھئي اُھا چانديءَ جي ڏمڪ. لوھہ وانگر ٻنھي کي ڪٽُ وٺي ويئي ھئي ۽ جنھن تنھن مُلمعو لھي ويو ھئو. جنھي رتن لڳل ھئا اُتي رڳا ڪارا ڇنڊا ٿي ڏنا. راجا ھيءُ سڀ ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ ھنجون منھون منجھي ويون. حيران ٿي ويو تہ ھيترا داغ ھن منڊر ۾ ڪٿان ٿيا. ماتا جو چگھيل منھن بہ اِھڙو ڪوجھو نہ ڏسبو آھي جھڙو ھينئر منڊر ٿو ڏسجي. سنيہ سڻايس تہ اِھي داغ سڀ سندس چيل ڏُروچن آھن جي رات ڏينھن سوين ڀيرا سندس مکہ مان پئي نڪتا آھن. ٻين جي اڳيان نردوش ۽ چڱو ڏسجڻ ڪاڻ يا ڪوڙي واڪاڻ ٿيڻ ڪاڻ ڪھڙا آنسنا ۽ ڍونگ راجا ڀوڄ ڪيا ۽ ڪھڙيون ٻناڪون ھنيون ھوائين سي سڀ سنيہ ڪيس ڏيکاريا اُنھن ليکن جي صورت ۾ ۽ ٻڌايائينس تہ ڪٿان پرميشور کي ھڪ ھڪ ڳالھہ ياد رھندي آھي. ھن وٽ ڀوُت (گذريل) ۽ ڀوشيہ (ايندڙ) ٻئي ھلندڙ سمي جيان آھن؛ سنيہ، ڀوڄ کي نرنيءِ ڪري ٻڌايو تہ ڪٿان، (جي مھڻا ۽ طعنا ڏجن ٿا سي ٻرڇين ڀالن ۽ گولين کان بہ وڌيڪ آھن) راجا کي چياءِ تہ تون ھنن ڏُنگن، جي منڊر جي ڀتين ۾ ٿيا آھن، تنکي ڏسي رئين ٿو پر تنھنجي مھڻن ۽ ٽوڪن ڪيترن جون ڇاتيون ڏاريون ۽ ڦاڙيون آھن تنھن جي ڪا

ڪل پوئي ٿي؟ ۽ جڏهن ايمان جي ڪٽُ لڳي ٿي تڏهن هيءَ ڏيکه ويکي ملمعا ڪٿي ٽا ٽڪ جهلي سگهن. سوارٿ ۽ آشرڌا جون سرون نڪري پڌريون ٿيون آهن. اِنهي وچ ۾ راجا کي چمڙن ڏاڍو اچي ورايو ۽ ماڇرن جيتن سان ته سارو مندر ڀرجي ويو پر وڇون ۽ بلائون به ڏيکاري ڏيڻ لڳيون. راجا چڙڪي رڙ ڪري چيو ته هتي هنن نياڳن کي ڪنهن اچڻ ڏنو. سنيه ٻڌايس ته اِهي سڀ تنهنجي من جون بريون ڪامنائون آهن. اي مورکه راجا، تو سمجهيو هئو ته جئن سمنڊ ۾ لهريون اُٿنديون ۽ ليءِ ٿينديون رهن ٿيون تهڙيءَ ريت ماڻهوءَ جي من ۾ به سنڪلپ جون لهريون اُٿن ۽ لئه ٿين ٿيون پر توکي اِها پروڙ نٿي پوي ته مانک جي چت ۾ اهڙو ڪوبه سوچ ويچار نٿو اچي جو جڳت ڪرتا اڳيان پڌرو نٿو ٿئي. هي وڇون ڪيڙا ماڪوڙا جي ڏسين ٿو سي سڀ ڪام ڪروڌ لوڀ موه ايمان، ايرکا جا سنڪلپ وڪلپ آهن جي رات ڏينهن تنهنجي انته ڪرڻ ۾ اُٿندا هئا ۽ هنن بلائن جنيائين تنهنجي ردي جي آڪاش ۾ ڦرندا اُڏامندا رهندا هئا. تون چئي سگهندين ته تنهنجي هردي ۾ ڪنهن راجا ڏانهن ڪڏهن دويش ڀاءُ ڪون هئو، اٿوا ڪنهن راجا جي ديش ۾ ڌن تي تو لوڀ درشٽي نه ڪئي هئي اٿوا ٻئي ڪنهن جي سندر اِستري ڏسي تنهنجو من نه اُٿيو هئو؟ اندري ۾ مندر جي هڪ پٽ بدلجي آئينو ٿي پيئي جنهن ۾ بکه مئليون ۽ اُگهاڙيون مورتون آيون ويون ڏٺائين؛ جو اُنهنکي راجا ڪارائي سگهيو ٿي، پر اُنهنجا دان وارا پئسا اُنهن کان ٺاري اُنهن ڏنن موٽن ٿلهن متارن، هوندي سوندي

وارن کي ڏيندو هئو جي سنديس خوشامد ڪندا هئا، جي ڏانهس ڪنهن جي پارت وٺي ايندا هئا يا راجا جي ڪاربارين کي وڏي ڏيئي سرچائيندا هئا. ڪڏهن وري آرسيءَ ۾ اُهي دين دکي ڏسڻ ۾ ٿي آيا جن تي راجا جي ڪامورن انرت ۽ انڌير ڪيو هئو ۽ راجا اُنهن جو ڪو نياءُ ۽ اُپاءُ ڪونه ڪيو هئو ۽ نه ڪڏهن اُنهن روڳين کي ڏسندو هو جن جو چڱو ڀلو ٿيڻ سنديس وس ۾ هئو؛ ڪڏهن وري پنهنجي ڇوڪرين ڇوڪرن کي پيو ڏسي جن کي جيڪر هو وديا پاڙهي چڱيون چڱيون ڳالهيون سيکاري وڏن وڏن پاپن کان بچائي سگهي ها؛ ڪڏهن اُنهن ڳوٺن ۽ پرڳڻن کي پيو ڏسي جن ۾ کوهه تلاءُ کٽائي ڪرم جو ڀلو ڪري سگهي ها؛ ڪڏهن ڀڳليون پليون ۽ ڦٽل رستا ڏسڻ ۾ پيئي آيس جن کي ٺهرائڻ سان لکن مسافرن جو سک ٿي پوي ها. راجا جو مٿو ڦري ويو ۽ وڌيڪ پنهنجا دوش ۽ ڪچايون ڏسي نه سگهيو. اَيمان وس ٿي اهڙن ڪمن جو ڪڏهن سوچ به نه ڪيو هئائين. راجا ستيه کي چيو ته هاڻي ڪميا ڪريو. ستيه چيس ته تو جيڪي ڪم ڪيا آهن سي پنهنجي نالي ڪاڻ. اِتي ڏرتي ڏڏي ۽ راجا ڀوڄ جي اهنڪار مورتيءَ تي وڄ ٿي ڪري پر راجا ڏانهون ڪيون ۽ هن جي اک کلي پيئي ۽ سپنو سپنو ٿي ويو. صبوح جو راجا سيج تان اُٿيو پر هن جو جيءُ اُداس ۽ مٿو ڳرو هئو؛ اُٿڻ سان آڳيا ڪيائين ته منهنجي نگريءَ ۾ جي چڱا چڱا پنڊت هجن سي ڳولي مون وٽ اچن؛ مون رات هڪڙو سپنو لڌو آهي جنهن ڪري هي جيڪي آهي سو سڀ جنجال ۽ سپني سمان پيو ڏسجي. راجا رات وارو سپنو

جئن جو تئن پنڊتن کي چئي ٻڌايو. هڪڙو پرديسي ماڻهو جو اَڻ ڪوٺايو اُتي آيو هئو ۽ پنڊتن جي پرم ۾ اچي ويٺو هو سو سوچي ويچاري اُٿي کڙو ٿيو ۽ نويدن ڪرڻ لڳو: "مهراج! جو اسانجو ڪرتا آهي، تنهن ساڻس ملڻ جي وات اسانکي پاڻ ئي ڏيکاري ڇڏي آهي. اوهين نراس نه ٿيو؛ اُنهيءَ وات کي ڀوليو. هنن پنڊتن جي ڳالهين کي ڪٽي ڇڏيو."

۳. جهانگير جو انصاف

هوتچند مولچند گربخشاڻي

جهانگير کي سلطنت جي ٻوجي هاڻي گهڻو ڪِي سياڻو ڪري وڌو هو. هوئن سارو ڏينهن نشي چشي ۾ گنوائي ڇڏيندو هو، سو هينئر هر روز ڪجهه وقت رعيت جي اهنجن ايذائن دفع ڪرڻ ۾ صرف ڪرڻ لڳو. اُنهيءَ هوندي به، مسڪينن جي داد-رسي مشڪل ٿيندي هئي، ڇو ته رشوتخور ڪامورن جي چالبازيءَ ڪري، اُنهن کي محلات واري زنجير کي ڇهڻ جو موقعو ئي هٿ نه ٿي آيو. هڪ ڏينهن جڏهن جهانگير پنهنجي ڪچهريءَ جي ڪاروبار ۾ مشغول هو، تڏهن اوچتو ئي گهنڊڻيءَ جو آواز ڪن تي پيس. دربان کي هڪدم حڪم ڏنائين ته ”سگهو وڃي ڏس ته ڪير ٿو گهنڊڻي وڄائي ۽ کيس آڻي هتي حاضر ڪر.“

فرمان موجب، دربان جلديءَ هڪ پيرمرد کي سندس ٻڍڙي زال سميت آڻي حاضر ڪيو. کين ڦاٽل ڪپڙا پيل هوا. ڪچهريءَ ۾ گهڙڻ شرط، نئڙي، شاهي آداب بجا آڻي، اکين مان آب وهائي، پڪارڻ لڳا ته ”انصاف! شاهن جا شاهه! انصاف!“

جهانگير فرمايو ته ”دلجاءِ ڪريو. مونکي پنهنجي ڏک درد جو دل کولي سربستو احوال ٻڌايو. آءٌ اوهانجو پاڻيهي اِجهو ٿو داد ڪريان.“

ڪنبندي ڪنبندي پير مرد ڪڇيو ته "حضور جو شال اِقبال زيادہ هجي!" ائين چئي، هبڪي ٻيهي رهيو. تنهن تي وزير اعظم دلداري ڏيئي چيس ته "خوف خطرو نه ڪر، ۽ بنا ڪنهن حجاب ۽ شرم جي، چٽيءَ طرح، حضور اعليٰ جي اڳيان احوال عرض رکه."

پر پير مرد کان وڌيڪ اکر ٻه نه اُڪليو. آخرڪار زالس همت جهلي ڏڪي ڏڪي چيو ته، "جيئندا قبلا! اسين مصيبت جا ماريل نٿا سور سهي سگهون، ۽ نٿا پاڙون وڏن جي شڪايت ڪري سگهون."

هي لفظ ٻڌي، جهانگير کي ڏاڍو رحم آيو؛ ۽ فرمايائين ته، "خاطرجمع ڪريو. توهان کي منهنجي پٽ اوهان کي ستايو هوندو، ته ٻه اوهانکي انصاف ملڻ وجهندس. هاڻي بنا دٻ داءَ جي پنهنجي ماجرا بيان ڪريو."

ٻڍڙيءَ جي اکين مان ته ڳوڙها بس ئي نه ڪن. نيٺ عرض ڪيائين، "اي اسانجا سردار! مان ۽ منهنجو مڙس بردوان جي ڏورانهين ڏيهه کان مهينن جا مهينا کهندي کهندي، مس مس هت پهتا آهيون. واٽ تي پنڻي پيٽ قوت پئي ڪيو اٿئون. حضور جي در اها اميد پائي آيا آهيون ته اسانجو پورو پورو داد ٿيندو. آهيون سي ضعيف ۽ مسڪين، ته ٻه هيلتائين ڪنهن اڳيان هٿ نه ٽنگيو اٿئون. رب جي رضا تي راضي رهي، ڏکيو سکيو وقت پئي ڪاٽيو اٿئون. خدا جي فضل سان هڪ ننڍي رهڻ جي جاءِ ۽ ٻنيءَ ٽڪر ٻه هئوسين. سِڪي سِڪي ٻيريءَ ۾ پنڙو ڄائوسين؛ جنهنکي لاڏ ڪوڏ سان نپائي، پئي نيڻ ٺاريا سين.

قضا سان، اسانجي دادلي، رستي تي راند پئي ڪئي. اوڏي مهل امير سيف الله بہ ڪو هاٿيءَ تي چڙهيو، اچي اُتان لانگهائو ٿيو. سندس بيپرواهيءَ ڪان اسانجو ابهم، هاٿيءَ لتاڙي، اُفت ماري وڌو. هن ماجرا جي جڏهن اسانکي خبر رسي، تڏهن اسين هاٿيءَ پٺيان ڪاهي پياسين ۽ انصاف گهريوسين. پر انصاف تہ انصاف جي جاءِ، مرگوئي سرڪاري ڪامورن جي ڦٽ لعنت سَنيِسون. اُنهيءَ تي آءٌ پاڻ جهلي ڪونہ سگهيس، سو وٺي ڪٺي ويٺ وزاير ۽ حاڪم کي پڻ چار اکر پٽي ڪڍيم. بس پوءِ جي اسان سان ويل وهايائون، تن جو ڪهڙو بيان ڪريون. اسانجو سارو مال ملڪيت ۽ ٽپڙ ٽاڙي حاڪم جي حڪم سان ضبط ڪيا ويا ۽ پڻ اسانکي شهر نيڪالي ڏني وئي." ائين چئي، ويچاري درد ماري بڍي، ساٽي ٿي ڪري پيئي ۽ ڏندڻ پئجي ويس.

هي روئداد ڏسي، جهانگير کي ڏاڍو آرمان ٿيو. رڙ ڪري چيائين تہ، "آهي اهو ڪير جو اسانجي ملڪ ۾ اهڙا اَنڌير ٿو وهائي؟ آءٌ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي ٿو چوان تہ هنن سنايلن کي پوري داد ملڻ کان اڳ، آءٌ سک ٿي نہ سمهندس" ائين پڪاري، منشيءَ کي اِشارو ڪيائين تہ، "سگهو هنن کي اول شاهي خزاني مان ڏهہ اشرفيون آڻي ڏي ۽ پوءِ ڪاغذ قلم کڻي اچ تہ اُنهي اَڌنگي حاڪم کي سبق سيکاريون."

منشي "جي حضور!" چئي اُٿي کڙو ٿيو، ۽ فرمان موجب ڏهہ اشرفيون آڻي، پير مرد اڳيان رکيائين. پير مرد

ته اشرفين ئي هٿ ٻه نه لائي، ڇي اسانکي داد گهرجي، نڪ پيسا. آخر وڏي زور بعد، مس مس اشرفيون مٽي تي رکي، کڻي ڳنڍ ۾ ٻڌائين. پوءِ ته منشي قلم هٿ ۾ کڻي، شاهي فرمان لکڻ لاءِ بادشاه جي ويجهو ٿيو.

جهانگير فرمايس ته "هاڻ لک ته 'بنگالي جي حاڪم سيف الله کي سڌ ٿي ڏجي ته سندس ڪڏن ڪرتوتن جي اسانکي پوري پڙور پهچي رهي آهي. هن تازو هڪ مسڪين ٻڍڙي ۽ ٻڍڙيءَ جي ڪوڏن جهڙو سڪيلڊو پٽ، هاٿيءَ هيٺان لتاڙي، ماري وڌو آهي. انصاف روءِ ته اهڙي ڪنياءَ جو بدلو کيس هڪدم ملڻ گهرجي؛ پر هن دفعي اسين سندس خطا تي چشم پوشي ٿا ڪريون باقي کيس حڪم ٿا ڪريون ته پهلوان کي سخت سزا ڏئي؛ ۽ هنن آڏينن کي سندن جاءِ ۽ ٻني موٽائي ڏئي، ۽ ٻين نقصانن عيوض کين هڪ وڏي رقم پيري ڏئي. جي هيءَ اسانجو فرمان هڪدم بجا نه آندو ويو، ته پوءِ سندس حياتيءَ جو خير نه آهي'".

اُنهيءَ رقعي تي جهانگير مهر ڪري، ٻڍڙيءَ کي هٿ ۾ ڏنو، ۽ چيائينس ته، "هيءَ وڃي پنهنجي حاڪم اڳيان پيش ڪريو؛ اُميد ته اوهانجو درد جلد دور ٿي ويندا."

زال مڙس اِنهيءَ تي البت سرها ٿيا، ۽ وري منزلون ماريندا، اچي بردوان ۾ پهتا، ۽ شاهي فرمان، سيف الله جي خدمت ۾ آڻي حاضر ڪيائون.

سيف الله هي فرمان پڙهي، تپي لوهه ٿي ويو ۽ اُن کي پرزا پرزا ڪري کڻي پٽ تي اُڇلايائين. ويتر حڪم ڪيائين

ته "هنن باغين کي پڪڙي نظر بند رکو ۽ جيسين پنهنجي خطا نه مڃين، ۽ منهنجو فيصلو قبول نه ڪن، تيسين پل ته قيد ۾ پيا ڪنا ٿين."

بس ويچارن لاءِ وَيل وهي ويا. هڪ اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ وجهي هنيائون. روز صبوح جو داروغو پڇڻ ويندو هون ته "چا، اجا به حاڪم جو حڪم اوهانکي قبول نه آهي؟" ڪيترن ڏينهن تائين ته ويچارن آڻ مڃڻ کان انڪار پئي ڪيو، پر نيٺ فاقا ڪڍي ڪڍي ۽ عذاب سهي سهي، لاچار ڪٺي "هائو" ڪيائون. تڏهن مس مس جندڙي آزاد ٿين. بنديخاني مان ڇٽي، رڙهي رڙهي وڃي هڪ وسيءَ پيڙا ٿيا؛ جتي ڳوناٺن مٿن ديا آڻي، ٽڪر پور اچي ڪارائين. جڏهن البت بت ۾ ورريا ۽ هلڻ چلڻ جهڙا ٿيا، ته اُها وسي ڇڏي، وري آگري ڏي روانا ٿيا. ٿوري گهڻين ڏينهن ۾ چارين وڃي سيف الله کي خبر رسائي؛ پر هو هاڻي پڪڙجڻ کان پري هئا. سيف الله کي سُجهي آيو ته اجهو وري ٿو ممڻ مچي، سو آگري ۾ ڪن دوستن کي لکي موڪليائين ته، "خبر رکجو، متان هي خبيث وري نه ڪو خلم ٻارين."

زال مڙس به ٻنهي کي پيڙيندا، اچي آگري کان نڪتا، پر ڇا ڏسن ته گهنڊڻين واري زنجير تي سپاهي پيا پهرو ڏين. ويچارن جون ته به ويون، ڇهه به ويون. هرروز صبوح کان وٺي شام تائين محلات جي چوڌاري پيا لامارا ڏيندا هئا. پر مجال نه ٿئين جو زنجير جي اوڏو وڃي

سگهن. جي بادشاهه شڪار تي نڪرندو هو ته هي به سندس پويان لڳندا هئا. جي وري شهر مان گذر ڪندو هو، ته هي به پٺ نه ڇڏيندا هئس. بس ويچارن کي ائين ڪندي، مهنن جا مهنا لنگهي ويا، پر مراد حاصل ٿِي نه ٿئين. نيٺ هڪ ڏينهن جڏهن بادشاهه ٻيڙهيءَ ۾ چڙهِي، جمنا نديءَ تي شيل شڪار پئي ڪيا، تڏهن پير مرد پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي، ٻيڙيءَ جو ٻريو جهلي، وڏِي دانهن ڪئِي ته "شاهن جا شاهه! انصاف! اي شاهن جا شاهه! انصاف!" هيءَ فرياد ٻڌِي، جهانگير تپرس ۾ پئجي ويو. جان نهاري ته هڪ پير مرد ٻيڙيءَ جي پاسي ۾ پيو تڙڳي ۽ تڙڦي. هڪدم حڪم ڏنائين ته "پوڙهي کي پاڻيءَ مان ڪڍِي، ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو." ائين ڪيو ويو. پوءِ ته پوڙهي کي چڱيءَ طرح سڃاتائين ۽ ڪانئس حال جِي حقيقت پڇيائين. احوال ٻڌِي، ڏاڍو غم ٿيس ۽ سيف الله تي ڏاڍا ڇوهه ڇنڊيائين. پير مرد ۽ سندس زال کي ٿانئيڪو ڪري، سيف الله ڏي قاصد روانو ڪيائين ته "دربار ۾ هڪدم اچِي حاضر ٿيءُ."

سيف الله کي ته خواب ۾ به ڪونه ٿي سُجهيو ته سندس لاءِ ڪا مصيبت نهِي آئِي هئِي؛ سو شاهِي فرمان جِي تهه طلب پيروي ڪيائين ۽ لشڪر ساڻ ڪري، اچِي جمنا نديءَ جي ڀرِي ڪپ تي خيما کوڙيائين. سندس وارد ٿيڻ جِي خبر وڃي بادشاهه جي ڪن پهتِي. انهيءَ ئِي ڏينهن جهانگير حڪم ڪيو ته، "منهنجو هڪ مست هاٿي صبح جو سوير تيار رهي."

بدڙي ۽ بدڙيءَ کي پڻ امر ڪيائين ته "سياڻي اَچي دربار ۾ حاضر ٿيجو." پوءِ جو زال مڙس کي هاٿيءَ تي سوار ڪري، ساڻن گڏجي، جمنا ندي ٽنگهي پار ٿيو. سيف الله اجا ننڊ جي خمار ۾ ئي هو. جهانگير حڪم ڪيو ته "ڪيس چؤڪنيو بڌي، هاٿيءَ جي اڳيان. آڏي ڦٽو ڪريو." اک ڇنڀ ۾ ائين ئي ڪيو ويو. پوءِ ته هاٿيءَ هيٺ سيف الله کي چِپي چِپاٽي، ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيو. پنهنجي جهوني دوست جو اهڙو درد ڀريو موت ڏسي، جهانگير جي دل ڀرجي آئي؛ ۽ حڪم ڪيائين ته "ڪيس وڏي مانَ ۽ طوماَن سان نيئي دفن ڪريو؛ ۽ ساري ڪچهري برابر ٻه مهنا ماتم ۾ رهي."

اُنهيءَ ڏينهن هن ٻه دربار ۾ ظاهر ڪيائين ته "توڻي سيف الله مونکي ڏاڍو پيارو هو، پر ته ٻه انصاف هن کان وڌيڪ پيارو لڳم. ڇا ٻه ٿي پوي، ته ٻه بادشاهه کي ضرور پوري عدالت ڪرڻ گهرجي؛ ۽ سندس سلطنت ۾ هر ڪنهن انسان کي، خواهه غريب هجي خواهه غني، پنهنجا پورا پورا حق پلئه پوڻ گهرجن."

٤. مولانا جلال الدين رومي ۽ سندس هدايتون

ليلارام پريمچند واڌواڻي

مولانا جلال الدين رومي ايران جو هڪ تمام وڏو شاعر ۽ مشهور اولياءُ ٿي گذريو آهي. هي روشن دماغ ۽ زنده دل صاحب، صوفي مت جو مٺيو ۽ شاعرن جو سرتاج، ١٢٠٨ع ۾ وچ ايشيا جي بلخ شهر ۾ ڄائو هو. هو وڏي خانداني نسل مان هو. سندس پيءُ بهاوالدين وڏو عالم شخص هو، جنهنجو رس ڀريو وعظ ننڍا وڏا، غريب شاهوڪار ٻڌڻ ايندا هئا. هڪ دفعي وعظ ڪندي، ملڪي معاملات بنسبت ڪا ڳالهه ٻولهه ڪيائين، جا اُن وقت جي سلطان کي ناپسند آئي، جنهنڪري هنکي بلخ ڇڏڻو پيو، ۽ ڪٽنب سوڌو لڏي اچي ايشيا مئنر (روم) ۾ ويٺو؛ جنهن تان هن شاعر کي رُوميءَ جو لقب ڏيندا آهن.

بلخ مان روم ڏي ويندي بهاؤالدين کي نيشاپور مان لنگهڻو پيو، جتي هنکي شيخ فريدالدين عطار نامور شاعر ۽ عارف گڏيو. بهاؤالدين جو پٽ جلال اُن وقت ننڍو بارهو ۽ عطار هنجي منهن جو تجلو ڏسي پٽس کي چيو ته "ڪو وقت ايندو جو هيءُ ٻار، چوڌس چؤڏار، اُها جوت جڳائيندو، جا سڄي دنيا کي روشن ڪندي."

بهاؤالدين جي مرڻ بعد جلال الدين پيءُ وانگر روم جي ماڻهن کي شريعت جي سکيا ڏيندو رهيو. پر سگهوئي

اُنهيءَ ڪم کان ڪنو ٿي پيو؛ ڇو جو هنجي دل سچي محبت ڏانهن مائل هئي. اُنهيءَ وقت روم ۾ هڪ وڏو ڪامل درويش شمس تبريز آيو، ۽ جڏهين هڪ ڏينهن شيخ جلال الدين وعظ ڪري موٽي گهر آيو، تڏهن درويش سائين به اندر آيو، ۽ آسپاس ڪتابن جا ڍِڳ ڏسي پڇيائين ته هنن ڪتابن ۾ ڇا لکيل آهي؟ شيخ صاحب جواب ڏنو ته هي ڪتاب آهن قيل ۽ قال جا، يعني حديث ۽ شرعي قانون جا. پوءِ جلال الدين کي چيائين ته تون اجا پيو ٽانگهي ۾ ٽاڦوڙا هڻين؛ اندر بحر ۾ ٽبيون هڻين ته ڪا ڪل پوئي. هي جيڪي تون سيکارين ٿو سو ته رڳو ٻاهريون علم آهي. سچو علم اُهو آهي جو معلوم (ڄاتل يعني ڏٺيءَ) سان ملائي. علم، جو توکي توکان نٿو ڪڍي، تنهن کان جهالت بهتر آهي؛ ڪتاب جنهن جي ڪري مولانا صاحب جو نالو هميشه پيو ڳائجي، سو آهي مثنوي، جنهن ۾ ٢٦٠٠٠ کان مٿي بيت آهن. هن ڪتاب ۾ فيلسوفيءَ جي اُونهن ۽ باريڪ خيالن جي کوجنا ڪئي ويئي آهي.

هڪ ضروري ڳالهه جنهن تي مثنويءَ جي صاحب بار بار ۽ ڏاڍي زور شور سان پئي پڪاريو آهي، سا هيءَ آهي ته روحاني عشق اسانجي دلين ۾ تڏهين جاءِ وٺندو، جڏهين اسين اِنسان ذات سان مٺ محبت ۾ رهنداسون؛ ۽ ڌن دولت، اصل نسل، ۽ دين ڌرم جا فرقا وساري، اندر مان وير ورود ڪڍي، ڪنهن کي به پاڻ کان گهٽ نه ڄاڻنداسين. ديني تعصب کي هو خاص ڪري نندي ٿو، ڇو ته ساميءَ وانگر چوي ٿو ته ”سڀيئي مارڳ مت، ڳالهه چون ٿا هڪڙي.“

رڳو نالا آهن مختلف ۽ ريت هرهڪ جي آهي علحدي علحدي. پيغام سيني پيغمبرن ساڳيو آندو آهي، پر ڪنهن، جدا جدا ماڻهن جي حالتن موجب، پنهنجي پنهنجي نموني ۾ ڏنو آهي. انهيءَ تي مولانا صاحب هيٺين ڳالهہ ڏني آهي:

چار ماڻهو، هڪڙو ايراني، ٻيو عرب، ٽيون ترڪ ۽ چوٿون رومي ڪنهن هنڌ گڏيا ويٺا هئا؛ تن مڙني کي گڏ هڪ درم بخشش طور مليو. خيال ڪيائون تہ ڪا ڪاڏي جي شيءِ وٺي وراهي کائجي. پر ڪهڙي شيءِ وٺجي تنهن بنسبت وڏو تڪرار ڪيائون. ايراني چوي تہ مان وٺندس انگور، عرب گهريو عناب، ترڪ طلبيو اوزم، تہ وري روميءَ زور ٻڌو استافيل تي. انهن چئني لفظن جي معنيٰ آهي ڊاکہ. پر اُنهنکي جو هڪ ٻئي جي ٻوليءَ جو پورو سماءُ نہ هو، سو سمجهيائون تہ هرهڪ جدا جدا شيءِ ٿو گهري ۽ اچي پاڻ ۾ لڙيا، ۽ هٿين ٻڌين پوڻ تي هئا. آخر هڪڙو ڏاهو ماڻهو جو سڀ ٻوليون ڄاڻندو هو، سو اچي لانگهائو ٿيو. اُن سمجهي ورتو تہ جهيڙو آهي رڳو لفظن جو، تنهنڪري ماڻڙي ڪري بازار مان ڊاکہ وٺي آيو تہ هرهڪ پڪاري چيو تہ اِجها هيءَ آهي شيءِ جا مان وٺڻ چاهيان ٿو. تنهن تي هن ڏاهي چيو تہ تڏهين اوهانجو جهڳڙو ڇا تي آهي؟ رڳو لفظن تي! اهو ٻڌي هو سڀئي شرمندا ٿيا.

اِنهيءَ ڳالهہ ۾ هو صاحب ڏيکاري ٿو تہ مول مٽا سيني ڌرمن ۽ دينن جا ساڳيا آهن ۽ ڏٺي صاحب هرڪنهن ڌرم ۾ ملي سگهي ٿو. دلپت صوفيءَ بہ چڱو چيو آهي تہ:-

اجي پڇر ۾ پرميشور، ته ڪو ٻيو ۾ ٻيو؟
جي خانو ڪعبو خدا ڪيو، ته ڪو ڏيون ڏوه ڪيو؟
مڙهيءَ ۽ مسجد ۾، روشن ٿي هڪ ڏيئو؛
دلپت ڪيئن پيو، خلل اچي هن خلق ۾؟

ٻئي هنڌ چيو اٿس ته جيڪي ٻاهرين مسجدن ۽ مندرن کي وڏي شيءِ ڪري ٿا سمجهن ۽ دل جي سچي سندر مندر کي نٿا ليکين، سي ڪم عقل آهن. انهيءَ بنسبت مولانا روميءَ صاحب هڪ عمدو غزل پنهنجي ديوان شمس تبريز جي ڪتاب ۾ پڻ لکيو آهي، جنهنجو پورو ترجمو سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻي هيٺ ڏجي ٿو. اُن ۾ ڏٺي تعاليٰ جي ڳولا ۾ نڪتو آهي تنهنجو ذڪر ڪيو اٿس.

سراسر ڇڳيان منجهه مسيحي صليب،
سچ پڻ جي ڪيم خوب ڦولها، نه هو.
لڳس پوءِ بتخاني ڏي مان پسڻ؛
اُتي پڻ اُهو نور يڪتا نه هو.
مغن جو به ڏيرو ته ڏوري ڏٺم،
مگر جيءَ جيارو اُنهيءَ جا نه هو.
ورايم طلب جي پوءِ ڪعبي ڏي واڳ
اُتي پڻ اڏينن جو آقا نه هو.
هنيم جان نظر سيني اندر ڪڻي
ڏٺم دوست دل ۾ جو ٻيءَ جا نه هو.

مولانا رومي هڪڙي عالم شخص جي ڳالهه ٿو ڪري ته وٽس علم جو خزانو جهجهوئي هو، پر پڻسي پنهنجي اينري به وسعت ڪانه هيس جو مٿي تي پڳ رکي ٻاهر

نڪري. آخر ڪي ٻڍڙيون ٽڳڙيون گڏ ڪري، پڳ جا پيچ ناهي، ٻاهرئين تهه تي عمدي پشم ڳتي، هڪ آبرودار پڳ بنايائين جا ظاهري ائين ٿي ڏني، ڄڻ ته ڪنهن وڏي شاهوڪار جي پڳ آهي. هو عالم اها پڳ ٻڌي مس مس مرڪي ٻاهر نڪتو، ته هڪ شاهينگ ان دستار جو ٻاهريون روپ ڏسي، هرڪنهجي ويو ۽ امالڪ هن جي مٿي تان لاهي اٿي ڀڳو. پڙهيل ماڻهوءَ سڏ ڪري چيس ته، "اي بندا! اول ته پڳ پٽي ڏس ته منجهانس وٺيندين ڇا؟" جان کولي ته مار "اڇي پڳ ۾ پس، اندر مڙيوئي اگڙيون." نڳ ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ غصي ۾ اگڙيون ڦٽيون ڪري عالم کي چيائين ته، "توکي شرم نه ٿو اچي جو وٺين ماڻهن کي ٺڳيندو؟" هن جواب ڏنس، "مان تو جهڙن جون اکيون کوليان ٿو ۽ انهنکي ڏس ڏيان ٿو ته ڪيئن نه دنيا طلسمي ماڻهن کي ٺڳي ٿي. پر جنکي اکيون آهن، تنکي صفا ڇوي ٿي ته مان بي وفا آهيان. جيڪي مون کي ڳوليندا سي شرمسار ٿيندا."

دنيا جي هرڪا شيءِ اوائل ۾ خوبصورت، چمڪندڙ ۽ موهيندڙ نظر اچي ٿي. پر عاقبت ۾ بدزيبي، بدرنگ مڪروه معلوم ٿئي ٿي. دنيا جي هرچيز ناسونت آهي. اهو حسن، جنهن هزارين حيران ڪيا ٿي، سو وقت پڄاڻا بي رونق ٿيو پوي. اها اک جنهن ناز سان موهيو ٿي، تنهن ۾ ئي روڳ ۽ پچيون پيدا ٿيو پون. اهو جوڌو، جنهن شير کي ماري قتل ڪيو ٿي، سو ڏس ته آخر خود ٻليءَ جو شڪار ٿيو پوي.

اهڙيءَ طرح دنيا جون خواهشون، جنهجي پٺيان اسين ڀڄڪي رهيا آهيون، سي ڏکيندڙ آهن. ڇو ته اهي ڪڏهن پوريون ٿيڻ جون نه آهن، بلڪ سڀني مصيبتن جو ڪارڻ آهن. مهاڀارت جي شانتي پرو ۾ ذڪار ريل آهي ته منڪي رشيءَ کي تجربي مان معلوم ٿيو ته شانتي تڏهن حاصل ٿي ٿئي جڏهن دنيوي خواهشن جي ڇڪتاڻ کان ڇڏائجي ٿو. منڪي ڌن دولت پٺيان گهڻو ڀڪيو، پر هميشه دکي رهيو. آخرڪار جڏهين اندر جون اکيون کليس، تڏهين هو عمدي ڪلام ۾ اچي چٽڪيو ته:-

"جو انسان سچي خوشي چاهي ٿو، تنهنکي تمنائون ترڪ ڪرڻ کپن... اي منهنجا من! تون هيترا ڏينهن ٻاهرين طمع جو غلام ٿيو آهين، هاڻ اندروني آزادگي ۽ صبر جي خوشيءَ جو مزو چک... اڙي ترشنا! تنهنجو پيٽ ڀرجڻو ڪونه آهي. تون آگ وانگر جلين ٿي. جيتري قدر وڌيڪ توکي پوکجيٿو، اوتري قدر وڌيڪ تيز ٿئين ٿي. آسمان وانگر تون ڀرجڻ جي نه آهين. تنهنجي مراد هئي ته مونکي رنج جي درياءَ ۾ غرق ڪرين پر اڄ مان توکان رخصت وٺان ٿو. اڄ کان وٺي تنهنجو ۽ منهنجو ميلاپ وري ڪڏهين نه ٿيندو."

اهڙيطرح منڪي تمنا کي ترڪ ڪري آرام پاتو.

٥. ميڪِي جي سير

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

ميڪِي ۾ چڙهي سير ڪرڻ ۾ نهايت مزو آهي. هڪ ڏينهن انهيءَ مزي ماڻڻ سان پيچ پيئيءَ جو گهران نڪتاسين، ۽ سڄ ڪني مس ڪڍي، ته ڪياماڙيءَ ڏي وڃي، هڪ ميڪِيو پاڙي، ان ۾ چڙهياسين. تهي نڪي ويناسين ته ناکئي ڀڳهه ڇوڙيا، ۽ سگهوئي سڙهه چاڙهيائين. هڪڙي صبح جي مهل، ٻي آنند جهڙي هير، تيون ميڪِيو شئل لاءِ، مؤج ۾ مؤج هئي! سڻائي هوا جهٽ سڙهه کي ڀري بيٺي، ۽ سڻائيءَ وير ڪري ڪاريءَ ۾ ميڪِيو لس ئي لس ڇوهو ٿي هليو، ته اسانکي هيڪاري فرحت پئي آئي. رکي رکي ميڪِي، ڪنهن ناڻي سڄي ته ڪنهن ناڻي کٻي، اهڙيءَ پر ليٽ ٿي ڪئي، جو پاڻ ۽ ته سمنڊ بادشاهه کي هر هر نمي، نياز پئي ڪيائين، ۽ پنهنجا ٻئي پاسا لهرين کان چاهه مان ٻئي چماياٿين.

ميڪِي ۾ چڙهي چؤڦيرِ نهاريوسين، ته نهايت عمدو نظارو نظر آيو. ڏيساورن جا جهاز ۽ دنگيون، ڪوٽيا ۽ ٻنيلا، واهڻ ۽ ٻگلا هڪ پاسي بيٺا هئا، جي هڪڙا مال ڪنيو اچن ته ٻيا ڪنيو وڃن. ٻئي پاسي پاڙي جا ميڪا هڪ ٻئي سان لڳيتو اهڙي طرح بيٺا هئا جو پلي هڪ مان ٽپي ٻئي ۾ ۽ ٻئي مان ٽپي ٽئين ۾ هليو وڃجي. ڪنڌيءَ جي ويجهو ٿوڙي وچ سير ۾ ڪيترا "بويا" (Buoys) بيٺا هئا، جنڪي

ڳاڙهو رنگ لڳل هو، جنهنڪري نهايت سهڻا پئي لڳا. هرهڪ بوٽي جي مٿان لوهہ جو ڪنڊو يا ڇلو ٿئي ٿو، جنهن سان ٻيڙي پکي چڙهي ته سک تي ويٺي رهي.

هن ڪاريءَ ۾ طرح طرح جا پکي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن مان گهڻا "ڪينا" آهن، جي اڪثر ڪري رنگ جا اڇا ٿين ٿا. هڪڙي پکيءَ جي چهنب ڏوئيءَ جهڙي ٿيندي آهي، تنهنڪري سڏبندا آهي "ڏوئل" اٿس. انگريزيءَ ۾ انکي چون "سپُون بِل" يعني چمچي جهڙي چهنب وارو پکي. انهن سارس پکين مان "ڪنيو" نالي هڪ پکي ته انصاف ڪندو آهي. ڪنيو مٿي آڪاس ۾ پيو اُڏامندو، ته به اکيون سندس پاڻيءَ ۾! ڪا مڇي پاڻيءَ مان مٿي ٻاهر ڪڍي سهين ته هي ڏس ته تنبندو تنبندو هيٺ لهي ايندو ۽ انهيءَ وچ جي مڇي موٽي پاڻيءَ ۾ گهڙي ويندي، ته هيءَ پاڻيءَ ۾ ٽٻرڪو ڏيئي، اُتان به ڪڍي ايندس ۽ چهنب ۾ جاتي، ڪنهن گوشائتي هنڌ ويهي کائيندس! پاڻ ڪو وڏو پکي ڪونهي، تنهنڪري ڦاسائيندو ئي ڦهيار يا سنهي مڇي آهي.

ناڪئا ته اهڙيون قدرت جون ڳالهيون ڪيين ٿا ڏسن. گهڻو ڪري سڀ اڻ پڙهيل آهن، پر هوا پاڻيءَ جي سڌ پڙهيلن کان به وڌيڪ اٿن. بنا ڪنهن ڪتاب جي ٻڌايو وجن، ته هيڏي مهل وير چڙهندي ۽ هيڏي مهل آلٽ ٿيندي. طوفان يا برسات جو اسانکي خوب ارڪان ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو هوندو، پر جيڪڏهن ڇوهو لڳو يا مينهن وسڻو هوندو، ته هي اهي ڳالهيون اڳواٽ ٻڌائي سگهندا.

مطلب تہ ڪتابي علم ڪونہ اٿن، باقي پنھنجي ڪم ۾ پڙ آھن. ٻيو ھيءُ بہ لکڻ اٿن جو ڪنارين ڇوڪرين جو پاڙو اصل ڪونہ وٺن. شاباس اٿن جو نياڻين جو ايترو قدر ڪن ٿا. اسان اجا قدرت جون ٿوڙي مهاڻن جون ڳالهيون پئي ڳڻيون تہ ايتري ۾ اسانجو ڌيڄو لهرن مان لنگهي، اچي هڪ ٽڪي وٽ بيٺو ۽ اسان سڌو رخ رکيو "بريڪواٽر" ڏي.

بريڪواٽر تي بيشڪ موج آهي. پرم قلعو؛ اڳيان اٿاهہ سمنڊ، جنهن مان لهرون هڪبئي پٺيان ٽڪريون ٽڪريون لڏنديون ڪڏنديون، گنجي ۽ گڙگات ڪنديون، ڪنارن وارن شاهي پٿرن سان زور مان لڳي، وڏا ٺڪاءُ ٺيون ڪن؛ ۽ جنهن مهل چنڊا اُڏامي اچي ٿا پون، تنهن مهل روح کي راحت پيئي اچي. ائين هرگهڙيءَ ڇوليون پيئون ڇلڪن، پٿرن کي لهرن جون لپاٽون پيئون لڳن، ۽ چنڊا اُڏامي اچيو پون، تہ ٻارن کي پاڻ اهو رونشو ٿيو اچي. ڪپڙن پسڻ جو سانگو ڪونہ ڪندا؛ پر جاڻي واڻي پاڻيءَ کي پيا ويهجو ويندا. سمنڊ جي موج ڏسي ٻارن کي بہ اهڙي موج ٿي اچي، جو پنهنجا قيمتي ڪپڙا بہ پيا قربان ڪن! اسان تي بہ ڪيترا چنڊا پيا ۽ اسان پاڻ بہ اهو رحمت جو ريلو ڪري ٿي جاتو. هتي ڪيترو بہ وقت ويهجي تہ ڏءُ ٿيڻ جو نہ آهي. هن بريڪ واٽر جوڙائڻ جي رٿ مسٽر واڪر وڏي هئي، ۽ ١٨٧٣ع ۾ سڄو ڪم جڙي راس ٿيو هو.

بريڪ واٽر جو مزو ڏسي تائين ماڻهو پوءِ اچي قلعي وٽان لنگهيا سين. اهو قلعو اصل ميرن جي صاحبيءَ جو آهي. سنه ١٨٣٨ع جي آخر ڌاري انگريزن جو جهاز ”ويلسلي“ نالي ڪراچيءَ ڏي ٻيٽي آيو، ته ميرنَ جي ماڻهن جهاز وارن کي ڊيڄارڻ لاءِ منهوڙي واري قلعي مان وٺي توب ڇوڙي. هنن هڪ توب ڇوڙي، ته انگريزن اهو توبن جو وسڪارو لاتو، جو قلعي جو جيڪو پاسو سمنڊ ڏي هو، سو سمورو اڏائي ڦٽو ڪيائون، ۽ حڪمان حڪم ڪراچيءَ تي ڪاهي، سڄو شهر پنهنجي قبضي ڪيائون. ١١ مارچ ١٨٣٩ع جي ميرن ساڻن عهدنامو ڪيو، جنهنڪري منهوڙو ۽ ڪراچي موٽي ملين. قلعي اندر هاڻ نيون جايون جڙيل آهن ۽ اتي انگريزن جو سپاهه رهي ٿو.

منهوڙو هاڻ ڇانوڻي آهي ۽ منجهس هر طرح جا سهنج آهن. اُتي اسڪول، لئبرري، بلئرڊ ۽ ٽينس رانديين جا بندوبست آهن. ٿورا دڪان به آهن، جتان هرڪا شيءِ ملي سگهي ٿي. عيسائين لاءِ ديول، مسلمانن لاءِ مسجد ۽ هندن لاءِ شوالو به آهي. هتي هڪ پير جي تربت آهي، جنهن بابت چون ٿا ته وڏو ڪرامت جو صاحب هو. هتي هر سال چيٽي چنڊ جو ميلو لڳندو آهي، جنهنکي عام طرح ”منهوڙي“ وارو ميلو چوندا آهن.

منهوڙي تي لائيٽ هائوس يا روشني منار آهي. جنهنجي ڦرندڙ بتيءَ جو ڌهو سمنڊ ۾ ڪن ڪوهن تائين ۽ سڪيءَ طرف دابيجي اسٽيشن تائين ٿو پهچي. ٻيو هڪ لائيٽ هائوس ڪراچيءَ کان ڏهه ڪوهه پري ڪيپ مانز يا

راس العماريءَ وٽ آهي، پر اُنجي ٻتي ڦرندڙ نہ آهي ۽ روشنائي بہ گھٽي گهٽ اٿس. ايسٽر جي موڪل سبب آفيسون ۽ ڪارخانا بند هئا، تنهنڪري ٻئي ڪنهن پاسي ڪين لڙياسون؛ باقي پورٽ ٽرسٽ وارن ڪلارڪن جي جاين وٽ هڪ عمدو ٽـڙ نهيل آهي، تنهن ۾ خوب سنان ڪري، پوءِ ماڻهئي ۾ وڃي ڇپو ڇڙرو ڪيوسين.

اسانجو ماڻهو پوءِ الله آهار اُهريو ۽ اسان سڌو رخ رکيو ڪياماڙيءَ ڏي. سامهي هٿ ڏي رام جهروڪو ڏٺوسين، جنهنکي انگريز "آئسٽر راڪ" يعني ڪالن جو ٽڪر چوندا آهن. (ڪالوُ هڪ قسم جي ماڇي آهي، جا پٿر جي اندر ٿئي ٿي. اڳي ڪلفٽن يا هوا بندر، رام جهروڪو ۽ منهوڙو گڏيا پيا هئا، پر پوءِ سمنڊ جي پاڻيءَ ٽڪر ٽوڙي ڇڏيا، جنهنڪري اهي ٽيئي هڪ ٻئي کان ڇڳجي ڌار ٿيا)

ڪياماڙيءَ ڏي ويندي ڪٻي طرف ٻيٽ ۽ بابا ٻيٽ ڏٺاسين. اهي ٻئي ٻيٽ جيتوڻيڪ ننڍڙا آهن تہ بہ جهڙيءَ تهڙيءَ وير جي ٻوڙڻ جا نہ آهن؛ باقي ڪا الاهي اُٿل ٿئي تہ پوءِ ٻي ڳالهہ آهي. اهڙي اُٿل جون ١٩٠٢ع ۾ ٿي هئي، جنهنڪري ٻئي ٻيٽ ڪجهہ وقت صفا ٻڏي ويا هئا.

منهوڙي ۽ ڪياماڙيءَ جي وچ ۾ ڪو گهـڻو مفاصلو ڪونهي، تنهنڪري اسانجو ماڻهو سگهوئي سکہ سان اچي بندر وٽ بيٺو ۽ منجهند ڌاري گهر وڃي آرامي ٿياسين.

٦. حقيقي ويج ۽ لهار

لالچند امرڏنومل جڳتياڻي

جيؤ جيڪا ٻه پيڙا ڏسي ٿو، تنهن ۾ ڏوهه سندس ئي آهي؛ پنهنجي افعالين ئي ماڻهو پاڻ کي دکي ڪري ٿو، هون ۽ صحت جا سرشتي ۽ وٽ پاندا پيريل، هر درد لاءِ وٽس دارون هڪيو۔- انهي ۽ ويچار جي پڌرائي ۽ لاءِ شاهه روپڪ ٻه اهڙوئي ٻڌي ٿو، جنهن ۾ ويج جو ذڪر ٿو اچي، ويج جي ٻُڪي ۽ جو ذڪر ٿو اچي، ڪِري ۽ جو ذڪر ٿو اچي، توانائي ۽ جو ذڪر ٿو اچي. چي:

هاريا! تو هِرِي،

هاريا معني هٿڙا تهڙا، يا اُهو جنهن بازي هارائي هجي؛

ڪُپَچ ڪايا سين ڪيو؛

ڪپچ معني ڪچائي، ڪايا معني بت، سرير؛

هاريا! توهِرِي، ڪُپچ ڪايا سين ڪيو،

ڪريين جي ڪِري، ته تون توانو ٿئين.

ڪِري معني رَکَ، پرهيز؛ توانو معني سگهو، چڱو ڀلو، تندرست.

۽

وهڻ ويڄن وٽ، جي سگهين ته سگهو ٿئين،

اڳين عادت مٽ، ته اَڳها! عاجز نه ٿئين.

اڙي!
هُتين تہ ويچن وٽ، تون ڪئن جي جڏو ٿئين؟
سر ڏيئي ۾ سَتِ، ڪُڪہ نہ ڪيءَ ڊ پِڙا؟

۾ سَتِ معنيٰ بدلي ۾؛ ڊپڙا معنيٰ دوائون، علاج.

هاڻ خود اهو خيال تہ جڳہ پڌرو عالمگير آهي؛ شاهہ جي جيڪا خوبي آهي، سا هيءَ، تہ ويس انهيءَ کي نپٽ سنڌي ٿو ڏيکائي.

صوفي مڃين ٿا تہ پاڻ لهبو، جڏهن پاڻ سهسائبو؛ غير ڪڍبو تڏهن نہ ٿبو؛ خودي ڪائنبي، تڏهن خدا ملندو.

انهيءَ ڳالهہ جي چٽائيءَ لاءِ وري مثال وٺي ٿو لوهر جو، جو لوهہ ڪُٽي؛ مثال وٺي ٿو آڳڙيي جو، جو دُونهين دکائي؛ مثال وٺي ٿو ڏوڏي جو، جو کوري ۾ اُگر اوتي؛ مثال وٺي ٿو سراڻيءَ جو، جو ڪپ ڪئنچون سِراڻ يعني روهيءَ تي لائي.

چي:

پڇائي پهاڻ، جن رساڻيو رُڪ کي،
تنين سندو چاڻ، آهي آڳڙين کي.

رُڪ نهندو، جڏهن پهاڻ يعني ڪچي ڌاتوءَ کي پڇائبو. هاڻي جيڪي پهاڻ مان رڪ ناهين ٿا، تنهجي سُڌ آڳڙين کي، جنهجو رات ڏينهن آڳـ (آگ) سان ڪم.

شاهہ جو مطلب هي آهي تہ جيڪي سالڪ پاڻ جي پَهاڻ مان بيو غير ڪڍي، رڪ جئن نہ ٿين ٿا، تنهجو سماءُ ستگور ديو يعني ڪامل مرشد کي.

تنهن ۾ چوي ٿو ته جي چاهين ته مان به انهيءَ ڪڙيءَ رسان ته پوءِ:

سِرُ ساندان ڪري، پُهچِجِ گهر لوهار جي،
ڏَکن هيٺ ڌري، مانَ گڏينئي رُڪ سين.

پر رڳو رڪ جي مثال مان ڏؤ ڪٿان ٿو ڏٺيس! سو وري آڳرين ۽ سِراٽين جي صورت ٿو چئي.

چي:

اَج آڳڙيا آيا، سوڌا سِراٽِي،
پياري پاٽِي، ٽيغون ڪندا تکيون.

اَج آڳڙيا آيا، سائو ڪي سجاڻ،
لاهيندا مورباڻ (ڪٽُ)، رُڪ ڪريندا پڌرو.

پوءِ جن به اُنهنجي سنگ جو لاڀ ورتو، تنهنجي روح جي تلوار چمڪي به پارهوئي پيئي؛ ڪٽ لڳيس ئي ڪانه.

سرها ڏنم سي، جن ساڃاءِ سراڻ سين،
تيغ تنين جي کي، ڪٽ نه لڳي ڪڏهين.

لوهر ٻيو چا ڪندا آهن، جو لوه مان ڪا شيءِ ٺاهين ته پهريائين لوه کي تپائي جڙ ڪن؛ پوءِ تنل لوه کي ٻُڙَڏيءِ يعني پاڻيءَ جو چندو هڻي، ٺارڻ رکنس. لوه نري رهي ته وري به کوريءَ ۾ تپائينس. ائين هر هر لوه کي ٻاري، وري پيا اُجهائيندا، تانجو لوه پورو پاڻي وٺي، منهن ڪيندو؛ ۽ پوءِ جيڪا به شيءِ ٺاهڻي هوندين، سا منجهانس ٺاهي وٺندا.

منکہ بہ ایشور جي هٿ ۾ ائين آهي، جئين لوهر جي هٿ ۾ لوہ.

انهيءَ لاءِ ئي انسان کي ڏٺي ٽڏيون ڪوسيون ٿو سهائي.

شاہ انهيءَ ويچار جي نرواريءَ لاءِ بہ تمثيل لوهر ۽ لوہ جي ئي ورتي ٿو. چي:

ٻاريو اُجهائين، پرين اُجهايو ٻارين،
مونکي ٿا مارين، لُڙا لوهارن جا.

مطلب چا تہ مون ۾ جيڪا 'مون' آهي، 'خودي' آهي، سا مريئي اُنهن لُڙن يعني ڇڙگن جي برڪت سان ٿي. اهي ٽڏيون ڪوسيون آءُ سهانئو، تڏهن ئي آءُ ڪا شيءِ ٿيو آهيان!

انهيءَ ساڳئي ويچار جي پڌرائيءَ لاءِ پتنگن تي بہ اچي پلٽيو آهي. چي:

پتنگن پڙُ ڪيو، مڙيا مٿي مچ،
پسي لهس نہ لچيا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ڳچين ڳچ (ماس جا سُڌ)، ويچارن وڃائيا.
چڙهيو چڪاسين چاءِ (ٻاهہ)، اڳہ ٻرنديءَ آئيا،
وهسن واڙيءَ ڦُل جئن، محبتي مچ لاءِ؛
تنهن ۾ تون بہ
آڻي ٻاڙ آڙاءِ، ڪٺي ڪوري وڃ ۾.

انهيءَ جي معنيٰ ته نڪي ڪُجھ نڪي پڄ، اندر ۾ پيو لُڇ؛ جو ته اهو لوچو، اها بي آرامي ئي تومان غير ڪڍي، توکي نج ڪندي.

هونءَ به صوفيءَ جي منزل سولي ڪانهي؛ انهيءَ پيچري تي جيڪو پير ڌريندو، تنهنکي ڪَٽَ چڙهئي ڪيرون ڪين ملنديون.

پلا سنڌ ۾ لوهر جي دڪان وٽان ڪير نه لنگهيو هوندو؟

قاعدي جي آهي ڳالهه؛ انهيءَ ڪارڻ ترار هنئر ريل جيل رکڻجي ڪانه، پر ڪپ يا ڪئنچي لمي ٿئي ته اجا به سِراڻ (روهيءَ) تي ئي لارائبي آهي.

ساڳيءَ ريت پتنگ، ساڳيءَ ريت نهائين، ساڳيءَ ريت نار، ساڳيءَ ريت مَيو، ساڳيءَ ريت لاٽي؛ شاه هرهڪ کي پنهنجي ناپيد شعر ۾ شرف ڏيندو وڃي.

M.71

۷. گوتم جو ويراڳ

چيتنمل پرسرام گلراجاڻي

بهار جي مند شروع ٿي ته هڪ ڏينهن راجا پنهنجي پٽ وٽ آيو. چيائينس ته گوتم، اڄ تون مونسان هل ته مان توکي گهمڻ وٺي هلان. گوتم پيءُ سان گڏجي نڪتو. راجا پٽ کي واٽ تي ڪيتريون شيون ڏيکاريندو ويو، ۽ ڪيتريون نئيون ڳالهيون ٻڌائيندو ويو. چيائينس ته ”منا پٽ، ڏس ته بسنت رت ۾ ڪهڙي نه فرحت ٿي اچي! هيءَ ڌرتيءَ تي ڪهڙي نه ساوڪ لڳي ويئي آهي! هن مند ۾ چڱا فصل لهندا، ۽ پوکيندڙن کي چڱو مال حاصل ٿيندو. پٽ، هڪ ڏينهن هي منهنجو بدن چکيا جي اڳ ۾ ٻرندو ۽ پوءِ تون راڄ ڪندين. (هيءَ زمين نه رڳو ماڻهن جي بک لاهيندي، پر راجا جي خزاني ۾ به دولت وڌائيندي). ڏس ته هيءَ بهار جي مند ڪهڙي نه خوشي ڏيندڙ آهي! نوان پن، روشن گل ۽ ساوا گاهه، رنگ وٺايو بيٺا آهن. هوڏانهن ٻڌ، نار جو ڪهڙو نه منو آواز ٿو اچي!“ پيءُ پٽ گهوڙن تي هلندا هلندا هڪ شهر ۾ اچي پهتا جو شهر کوهن ۽ باغن جو هو، جتي ڍڳن پئي هر ڪيڙيو، ۽ نار جو پاڻي زمين کي پئي مليو. ٻئي هنڌ وري ٻج چنيندڙن ٻج پئي چنيا؛ وڻن مان منا منا آواز پئي آيا، ۽ ٻيلن ۾ ساهوارا ننڍا وڏا پئي ٽپيا ڪڏيا. ڪرڙيون، ماکيءَ جون مکيون، سرندڙ ساهوارا، سڀ بهار جي مند ۾ خوش هئا. انبن جي وڻن ۾ سورج پکي

خوب پئي ٻھڪيا، ننڍن پکين وري پوپٽن پٺيان پئي ڊوڙون پاتيون، پتاپتي نوريئڙن شرطون پئي پچايون، مينا ٽپ ٽپ پئي ڪيئي، ڪَنڌن ۾ ٽڏين چين چين پئي ڪئي، وچيرا مينھن پٺيان پئي ڦريا، بازن آسمان ۾ پئي گول چڪر ماريا، منڊر جنھنجي پنبن تي چنسالي لڳل ھئي، تنھن ۾ مورن پئي ناچ ڪيا، ڪبوترن ۽ ڪابڪن پئي ڪؤ ڪؤ ڪئي ۽ پيرسان ڪنھن شاديءَ تي دھلن جا آواز پئي آيا؛ مطلب ته ٻاھران ائين پئي ڀانيو ته سڀ ھنڌ سک ۽ آرام آھي. سو جيئن پئي شھزادي ھي رنگ ڏٺو، تيئن پئي خوش ٿيو. پر شھزادي نظر ھلائي ته معلوم ٿيس ته ٻاھران ھڪڙي ڳالھ ٿي ڏسڻ ۾ اچي، پر اندر ۾ ته وري ڪو ٻيو قصو پيو ھلي. ڏٺائين ته (جيوت جي گلابي گل تي ڪنڊا ٻه ڪيترائي لڳل آھن) نار جو منو سر برابر پيو اچي، پر ناري وھي وھي پگھر ۾ ٻڏجيو وڃي، ۽ اُس ۾ ٻيھي ٻيھي ڪارو ٿيو وڃي؛ ھر زمين کي برابر پيو اُکيڙي پر تَني سنجھ ۾ ڍڳو وَھي وھي ماندو ٿيو وڃي. چڱيءَ طرح جاچي گوتم ڏسي ته مار! ڪرڙي ڪيليءَ کي پيئي کائي، ۽ نانگ وري ڪرڙيءَ کي پيو ڳرڪائي ۽ باز وري ٻنھي ڪرڙيءَ ۽ نانگ کي چنبن ۾ چاٿيو وڃي. بلبل برابر باغ ۾ ٽڪلو ٽڪلو پيئي ڪري، پر بلبل پٺيان وري ڪاسائي پکي ٻَنجھ لڳايو ويٺو آھي، ۽ بلبل پاڻ وري سھڻن پوپٽن پٺيان پيئي پوي؛ مطلب ته جتي ڪٿي ھڪڙو ٻئي تي مارو ڪيو ويٺو آھي، ۽ مٿس وري ڪو ٽيون مارو ڪيو ويٺو آھي. جيوت موت تي پيئي گذران ڪري، ۽ سنجھ پنجھ سارو نظارو مٺاڄري تي پيو

سهڻو ڏسڻ ۾ اچي؛ پر مٿاڇري جي تهه اندر هڪ ڏکدائڪ
منصوبو موجود آهي، جو جيئن هڪ ٻئي جو پيا خون ڪن،
ڪينئين ڪان وٺي آدم ڏائين هرڪو پيو هڪ ٻئي کي مات
ڪري؛ آدم به پيو آدم کي ٻڪ ڪري، ڪيئن نه ٻڪيو
هاري ۽ سندس ڏڪل ڍڳا، جنهنجي ڪنڌ تي ڦوڦينڊا ڦٽي پيا
آهن، سي پيا ڳهن! هي حال ڏسي گوتم سرد آهه ڀري چيو
"ڏڌهين حياتي به اِنهيءَ کي چئبو آهي! ڇا، اِها آهي عمدي
دنيا جا ٻاٻو مونکي ڏسڻ لاءِ وٺي آيو آهي؟ هاريءَ جي روٽي
پگهر ۾ پيرجي ڪاري ٿي پيئي آهي! ڪيترو نه ڏکيو وهي
وهي ماندو ٿيو آهي! ڪيئن نه جتي ڪٽي ڏيري ۽ ڏاڍي
جي لڙائي لڳي پيئي آهي! هوا ۾ منصوبو لڳو پيو آهي
۽ پاڻيءَ ۾ به ڪو اڃهو نٿو ڏسڻ ۾ اچي. هي ڇا آهي!
اڪيلو ويهي ڪو خيال ڪريان."

*　　*　　*　　*

ڪپل وستوءَ جي شهر ۾ سڀ سهڻائي لڳي ويئي.
راج ڪنور زيبدار رٿ تي چڙهي ٻاهر نڪتو، جنهن کي
نهايت سهڻا سفيد گهوڙا هئا، جن تي سونا سنج هئا. ماڻهن کي
به اَزحد خوشي وٺي ويئي ته پياري راج ڪنور جو ٽا مکڙو
پسون. گوتم به ماڻهن جا خوش چهرا ڏسي نهايت راضي
ٿيو؛ پانيائين ته حياتي نهايت ڪا سکي شيءِ آهي. چيائين
"واهه واهه، دنيا ته ڏاڍي وڻندڙ آهي، مونکي ڏاڍي ٿي
وڻي! ماڻهو سڀ راجا نه آهن ته به نهايت خوش آهن. هي
منهنجون پيئرون جي پورهيو پيئون ڪن، سي به ڏاڍيون
مٺيون آهن. ڇو ٿيون مونتي هيترو پيار وسائين؟ مون

سندن ڪهڙي خدمت ڪئي آهي؟ ٻار مونکي سڄاڻن ٿا ڇا، جو ههڙي سندر مُرڪ سان ٿا مونڏانهن اکڙيون کڻي نهارين؟ هيڏانهن، هن ننڍڙي گل جهڙي ڇينگر، جنهن گلن جي ورڪا ڪئي، تنهنکي ته اندر رَتَ ۾ وهاريو، ته مونسان رت ۾ هلي. واه واه! ههڙي ملڪ تي راجائي ڪرڻ ۾ ڪهڙو نه آنند هوندو! چاڻ، هلاءِ رت کي، هل اَڳتي ته ڏسون ته باقي ڇا ڏسڻو آهي."

سو خوشيءَ ۾ راج ڪنور رت ۾ هلندو رهيو. ماڻهن جا حشام رت جي پٺيان هئا، جن جيءَ جيءَ جا آواز خوب پئي ڪيا. رستن تي ماڻهو خوش مزاج ۽ چمڪندڙن چهرن سان بيٺل هئا. نهايت آنند لڳو پيو هو. ڪنهن وقت اوچتو رستي جي وچ ۾ هڪڙو ماڻهو پنهنجيءَ گنديءَ جهوپڙيءَ مان لنگهي اچي ٻاهر بيٺو. شڪل نهايت مريض هيس. ڪپڙا بت تي ڪونه هئس، مگر غليظ اڳڙين ٽڳڙين سان ڍڪيو پيو هو. بلڪل جهوُر سنهو سڪل اِنسان هو، بت هڏائي هڏا هوس ۽ پٺي جهڪي پيئي هئس. اکين ۾ ڪڏون هينس؛ شايد ڪئين سال کو رت رنو هئائين؛ ۽ اکيون پڇڻ سان پڙيون پيئون هينس. ڏند هڪڙو به نه ليبس. هڪڙو سڪل هٿ لٺ تي هوس، جنهنجي آڌار تي مس مس ٿي چريو ۽ ٻيو هٿ ڇاتيءَ جي هڏن تي رکي دم ۾ گهڻڪا ڪائيندو پئي چيائين، "ڀڳوان جي واسطي ڪنگال کي ڪجهه ڏيو، مران ٿو؛ سيان يا پرينهن مس ڪيان!" وري جو اچي کنگهه ۽ دم ڪنيس، سو ماندو ٿي ويو. ٿوري وقت بعد وري به

هٿ ٻڌي ڳيري ٻيو ساڳيا آواز ڪري. اهو حال ڏسي ڪن ماڻهن هن مسڪين مريض مظلوم اِنسان کي سندس ضعيف پيرن کان وٺي ڏکي رستي کان پري ڦٽو ڪيو ۽ چوڻ لڳس، ”بي ايمان ڏسين ڪين ٿو ته راج ڪنور ٿو لنگهي؟ وڃ پنهنجي جهنم ڏي.“

راج ڪنور گوتم جي به ڪا نظر وڃي هن ماڻهوءَ تي پيئي، تنهن پريشان ٿي پڪاريو ”ڇڏيوس، ڇڏيوس. چاڻ! خبر ڪر، هوءَ ڪهڙي شيءِ آهي جا اِنسان وانگر پيئي، ڏسڻ ۾ اچي، پر اِنسان آهي ته ڪين ڪي؟ جهڪيو پيو آهي، دکي آهي ۽ هيبت ناڪ شڪل اٿس. ڇا، اهڙيءَ طرح به ماڻهو ڪڏهين ڄمندا آهن؟ هيءَ ڇا ٿو چوي! سپاڻي يا پرينهن مري ويندس! ڇو، هنکي ڪاڏو به ڪونه مليو آهي ڇا، جو هڏا به هيئن نڪري آيا اٿس؟ هن غريب تي ڪهڙي آفت اچي پيئي آهي؟“ انهيءَ تي چاڻ رٿيءَ جواب ڏنو ”مٺا شهزادا، هي ماڻهو ٻڍو آهي. ڪو وقت هو جو هنجي ٻڌي سنئين هئي، هنجي اکه روشن هئي ۽ هنجو بدن خاصو هو؛ پر هاڻي هو ورڻ اوستا ۾ آهي ۽ ٨٠ ورهين کان به مٿي لنگهي آيو آهي. چور ڪال هنجي ستيا چوسي ڪڍي آهي؛ هنجي طاقت لٿي هنجو عقل ۽ ارادو ڦري ورتو آهي؛ هنجي جيوت جي ڏيئي مان تيل کپي ويو آهي، رڳو وٽ ڪاري پيئي ٻري. اها آهي ٻڍاپڻ! پر راج ڪنور جي! اوهين ڇو ٿا ڪو به خيال ڪريو؟“ شهزادي تنهنتي چيو ”ٻڌاءِ چاڻ! اهو حال ٻين جو به ٿيندو ڪين هي مثال ڪو هڪڙو آهي؟“ چاڻ اُتر ڏنو: ”اي شاندار

شهزادا، جئين هي ٻڍو ٿيو آهي، تئين جي ٻيا به ڄڻ جيتري عمر کائي چڙهيا ته اهي به ٿيندا.“ گوتم پڇيو: ”پر جي آءُ به ايترو وقت جيئرو رهيس ته منهنجو به اهو حال ٿيندو ڇا؟ ۽ جي منهنجي يشودرا به ايترا ورهيه جيئري رهي ته اُن جو به اهو حال ٿيندو؟ ڇا جالني، ننڍڙي هستنا، گوتمي ۽ گنگا، اهي به ائين ٿينديون؟“ ”هائو بندهء نواز!“ چاڻ جواب ڏنو. شهزادي چيو: ”ڦيراءِ تڏهن رٿ کي ۽ هل وري گهر ڏانهن، مون اِهو ڏنو آهي جو نٿي ڀانيم ته ڏسندس.“

٨. حضرت عيسيٰ ۽ حسين شهزادو

ساڌو واسواڻي

اِڪ رات اِيشا پيو پنڌ ڪري. رات وڃي وڌندي. ساڻس گڏ ڪي ٿورا شش آهن. شش کي چِنتا ته اَڄ آسان جو سائين، آسان جو مالڪ، ستگروُ ڪٿي سمهندو. هنن پيارن جي اکين ۾ اِنتظاري ته اسان جو پيارو ڪٿي ٿو سمهي. اِڪ گهر پرسان لنگهن ٿا. ان گهر جي آسپاس آهه اِڪ ٻِئي. سندر گهر نهيل آهه. ڪنهن شاهوڪار جو گهر. ڪيترِيون ڪوٺيون اُت. ڪنهن نه ڪنهن ۾ اِيشا سمهي سگهي. پر اِيشا چوي ٿو: ”مان ڪنهن کي ڪين سوال ڪندس.“ اکيون کڻي مٿي نهاري ٿو. ڇا ٿو ڏسي؟ ته اِڪ ننڍِي عمر جو نوجوان آهه. شڪل ۾ ڏاڍو حسين. اُن کي اِيشا پيار ڏئي ٿو. نهاري اُن کي ڏسي ٿو. پوءِ اَلائي سانت ۾ ڇا ٿو چوِيس. نهاري نهاري، پنهنجي پيار سان نهاري نهاري اَلائي ڇا ٿو چوي. پوءِ چوي ٿو پنهنجي شش کي: ”پيارا! مان اَڄ ٿڪل آهيان.“ ڪاڏو ڪين اٿس. ٿڪل آهه. چوي ٿو شش کي: ”مان هت ئِي آرام ٿو وٺان.“ هڪ وڏو پٿر آهه. اُن تي ويهِي رهي ٿو. ڪاڏو ڪونه آٿس. پر دل جي اَندر نام. نام وينو جپي. ڪنهن کان گهري ڪجهه ڪين.

اِڪ پٿر تي وهي ٿو. ۽ اِهو حسين نوجوان ڏسي ٿو ته اِيشا وڃي وينو آهه پٿر تي، سو ڊوڙندو ڊوڙندو اچي نيٺ اِيشا کي ملي ٿو. اِيشا جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو. اِيشا

چويس ٿو: ”پيارا! تون ڀلي آئين!“ بيشڪ، هيءَ اِيشا جو پيارو هو. ڪيس وڏي ملڪيت هئي. اِيشا جي دل اندر هن لاءِ پيار هو. چويس ٿو: ”پيارا! تون ڀلي آئين!“ تڏهن هيءُ شهزادو ڇا ٿو چوي؟ چوي ٿو: ”سائين! ٽن دنيائن جو، ٽن طبقن جو تون ڌڻي آهين. غيب جو خزانو تو وٽ آهي. مان اِڪ نوڪر به نه سُونهان. مان آيو آهيان هڪ ڳالهه ڪرڻ، هڪ وينتي رکڻ. جي موڪل ملي ته چوان.“

هيءُ درويش، هيءُ فقير اِيشا چويس ٿو: ”پيارا! تون بيشڪ چئه.“ تڏهن هيءُ شهزادو ڇا ٿو چوي؟ چوي ٿو: ”سائين! مون کي ٻڌايو ته مان ڇا ڪريان، جو مون کي پريوءَ جو درشن ملي؟ پياس اٿم ته مون کي پريوءَ جو درشن ملي. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته مان ڇا ڪريان؟“

تڏهن اِيشا پنهنجي نرمل نهار سان هن شهزادي کي وري نهاري ٿو؛ ۽ اِيشا جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو. چويس ٿو: ”پيارا! تون پڇين ٿو مون کان ته مان توکي ٻڌايان. ٻڌڻ لاءِ تون تيار آهين؟ جيڪي سچ سمجهان، سو توکي ٻڌايان؟“ هي چويس ٿو: ”سائين! مون کي ٻڌايو، جيڪي اوهين سچ سمجهو.“ اِيشا چويس ٿو: ”پيارا! ڏس، تون راجا جو پٽ آهين. تون شهزادو آهين. توکي بنگلا ڪيترا، توکي سون ڪيترو، توکي اشرفيون ڪيتريون، توکي ملڪيت ڪيڏي نه آهه! سو وڃي وڪڻ. ترس نه. هيئنئر ئي جيڪي اٿيئي، سو وڃي غريبن کي ڏي، جيڪي پئسا اٿيئي، سي وڃي غريبن دکين کي ڏي؛ ڇو ته اهي غريب، دکي اٿيئي منهنجو روپ. مان به اِڪ غريب، دکي.

غريب ويچارا نماڻا، نماڻا؛ اهي آتيئي منهنجو گهر، اهي
آتيئي منهنجو روپ. انهن ۾ پنهنجي ملڪيت وڃي ورهاءِ.
منڊن ۾، سورداسن ۾، ڪوڙهين ۾، دکين غريبن ۾،
مسڪينن ۾ وڃي پنهنجي ملڪيت ورهاءِ؛ ۽ سڀ ملڪيت
پنهنجي خلاص ڪري پوءِ تون اچ پيارا! پوءِ اچ مون وٽ
ته مان توکي ڀاڪي پايان ۽ چوان: "ڀلي آئين! منهنجا
پيارا! تون ڀلي آئين! تون منهنجو شش؛ هينئر منهنجي
چرنن ۾ قبول آهين!،"

اِهي اکر ٻڌي، شهزادو عجب ۾ پوي ٿو. ڪنڌ ڪڍي
ٿو هيٺ ڪري، چو ته ويچارو تيار ڪونهي. "سڄي ملڪيت
مان پنهنجي ڪئن ورهايان؟ پنهنجي لاءِ ڪجھ نه رکان؟
سڀ ڏيئي ڇڏيان ٻين کي؟" پيو چوي: "ڪئن ڪريان؟
ڪئن ڪريان؟" هن شهزادي جي اکين ۾ اچي ٿو پاڻي،
چو ته پنهنجي حالت ڏسي ٿو ۽ اُن حالت تي کيس ڏک
ٿئي ٿو. پوءِ وري اِيشا جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو. سر
جهڪائي وڃي ٿو. وري کين ٿو موٽي.

پوءِ اِڪ شش چوي ٿو اِيشا کي: "سائين! هو شهزادو،
خوبصورت شهزادو، حسين شهزادو، توهان جو پيارو؛ توهان
هن کي ڪيڏو نه پيار ڏنو؛ اجا موٽيو کين آهه." اِيشا چوي
ٿو: "پيارا! اجا کين موٽيو آهه ۽ موٽندو به کين. چو ته
پيارا! سبب هي؛ مون چيو مانس، وڃي پنهنجي ملڪيت
ورهاءِ غريبن دکين ۾. پوءِ تون مون وٽ اچ. پر ملڪيت
ورهائڻ ڪانئس پڄي نٿو. بيشڪ، هن ۾ ڪيترا گڻ آهن.
ڪيتريون سندر ڳالهيون آهن؛ پر هي ڪم ڪرڻ کان ٻڄي ٿو.
چوي ٿو، سڄي ملڪيت غريبن دکين ۾ ڪئن ورهايان؟"

اُن وقت اِيشا پنهنجي ٻاڙي چوي ٿو. اِها ٻاڙي ٻه عجيب آهه. ٻاڙيءَ ۾ چوي ٿو: "پاڪڙي منجهان"؛ توهان پاڪڙو ڏٺو آهه. اِڪ اِڪ وڏي گهر ۾ توهان ڏٺو آهه، دروازو ٿيندو آهه. پوءِ دروازي ۾ هڪ ننڍي دري ٿيندي آهه. دريءَ منجهان ڪيترا لنگهي ايندا. پر اِيشا چوي ٿو: سئيءَ جيڏو پاڪڙو. هي دريون اسان جون وڏيون آهن. پر سئيءَ جو ننڍڙو پاڪڙو، اُن مان اُٺ ڪين لنگهي سگهندو. اُٺ کي چئو، لنگهه؛ سٽڪا هڻوس، موچڙا هڻوس؛ پر اُٺ ننڍڙي پاڪڙي مان ڪين لنگهندو. تنهن اِيشا چوي ٿو: "جيڪي شاهوڪار آهن، جن کي ڌن دولت لاءِ پيار آهه، سي سورڳ ڌام جي ننڍڙي پاڪڙي مان لنگهي نه سگهندا. اُهي سورڳ ڌام ۾ وڃي نه سگهندا، ڇو ته هڪ هڪ کي اُن ننڍڙي پاڪڙي مان لنگهڻو آهه. جن کي ڌن دولت لاءِ پيار آهه، جن کي سنسار جي پدارٿ لاءِ پيار آهه، سي اِن ننڍڙي پاڪڙي مان لنگهي نٿا سگهن. شاهوڪارن لاءِ تنهنڪري سورڳ ڌام ۾ جڳهه ڪانهي."

وري اِيشا چوي ٿو پنهنجن پيارن کي: "پيارا! مان غريب آهيان. غريبن جو دوست آهيان. غريبن جو پوڄاري آهيان. غريبن جو نوڪر مان. غريبن جو خادم مان. توهين ٻه پنهنجي جيوت ۾ ڏيکاريو ته توهان کي غريبن دکين لاءِ پيار آهه." اهي اکر اِيشا چوي ٿو پنهنجن ششن کي. چوين ٿو: "هي شهزادو مون وٽ موٽي ڪين ايندو، ڇو ته ويچارو پئسي سان ڇنبيو پيو آهه. پئسي پدارٿ لاءِ هن کي پيار آهه."

٩. ڳوٺ اُڏار

لالسنگهه هريسنگهه اجواڻي

ڀارت جو اُڏار ڳوٺن مان ٿيڻو آهي نه شهرن مان. ڀارت جي سڀيتا ڳوٺن ۽ آشرمن، جهوپڙين ۽ بنن مان نڪتي، نه وڏن شهرن جي ماڙين ۽ محلاتن مان، يا گدامن ۽ ڪارخانن مان. ڀارت جي آڳاٽي راجنيتي اسمرتي ڏسڻ کپي ته ڀارت جي پراچين ڳوناٺين پنچاتن ۾؛ ۽ ڀارت جو فن ۽ هنر به جي پرسڌ آهن ته ڪن ڳوٺن ۾، جتي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪاريگر اڃا به اهي ساڙهيون ٿا ٻڻائين ۽ ڪيمخاب، جي ملين مان نه ٿا ملن، اُهي ٿانو ٿا گهڙين، اهي رنگ ٿا ڏين، اُها سنگتراشي ٿا ڪن، اُها چمڪ ٿا ڪڍن جا ڪلن ۽ انجڻين جي وس ۾ نه آهي. ڀارت جي اُڏار جون رٿون هن زماني ۾ به انهن گهڙي راس ڪيون جن ڳوناٺن سان رهڻ پسند ڪيو آهي ۽ شهرن کان منهن موڙيو آهي: مهاتما گانڌي ۽ رابيندرناٿ ٺاگور، اروند گهوش ۽ ونوبا ڀاوي. وڏا آدرشا ۽ وڏيون تجويزون جي شهرن ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ۽ جن تي سياڻن ۾ بحث ٿو ٿئي سي سابرمتي آشرم ۽ وارڌا، وشوڀارتي ۽ پانڊيچري آشرم مان نڪتل ڌارائن جو استول روپ آهن. پشچمي سڀيتا جي ڦهلڻ ۽ شهرن جي اهميت بلڪل وڌي وڃڻ هوندي به ڀارت جو گهڻو ۽ مکيه حصو مردن ۽ زالن جو، ٻارن ۽ مويشين جو ڳوٺن ۾ ئي رهي ٿو. ڳوٺن مان ئي گاهه ۽ ان، کير مکڻ

پراپت ٿئي ٿو ۽ ڳوٺاڻن جي محنت ۽ ٻئي ماڻن شهرين کي سک ٿو پهچي ۽ واپار ڌنڌي جو سامان ٿو مهيا ٿئي. ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻا، ڀارتي سنسڪرتي ۽ ڀارتي رواج ۽ ريتيون سانڍيندا پيا آيا آهن. هي جي وڏا شهر هتي هتي ڦوڪجي پيا آهن، ۽ ڳوٺن ۽ ڳوٺاڻن کي سڄو ڪري، سياري جي سوڙ وانگر سڀ ڪجهه پاڻ ڏانهن پيا ڇڪين، تن کي نيٺ هٿ هڻڻا پوندو ۽ ڳوٺن ۽ ڳوٺاڻن جي شرن وٺڻي پوندي. زماني جي رفتار بلڪل تکي هلي رهي آهي ۽ وڏن شهرن جي نابودي لاءِ شستر گهڙجي رهيا آهن. هينئر ڪا مهاڀاري لڙائي لڳي ته وڏن شهرن جو اهو حال ٿيندو جو جاپان جي وڏن شاهي نگرن هيروشيما ۽ نگاسڪي جو ٿيو جڏهين ائٽم بم ڦٽن ڪريا. ايندڙ لڙاين جي طوفان ۾ شهرن جي تباهي ٿيندي؛ پر ڳوٺ بچي سگهندا جيئن واچوڙي ۾ درخت جو ٿڙ وڃي پري پيو پر ويچاري ڪاني جو وار به ونگو نه ٿيو.

سمجهو ۽ ديس پريمي ڀارتواسي جو ڪرتويه ٿيڻ کپي ڳوٺن کي اڳرو ڪرڻ ۽ سندر بڻائڻ ۽ ڳوٺاڻن جي حياتيءَ ۾ آسودگي ۽ عزت آڻڻ. پر شوڪ جي ڳالهه آهي جو ڀارت جا ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻا ڏسي اکين ۾ پاڻي ٿو اچي وڃي. جو ڳوٺاڻو ڪسان هر ٿو ڪيڙي، ان ٿو اپائي، بيل گاڏيون ٿو ڪاهي— جنهن جي بدولت شهري جيئن ٿا، وڌن ويجهن ٿا، تنهن کي ٻه ويلا، شايد هڪ ويلو به، ماني نه ٿي نصيب ٿئي. ڳوٺاڻن جون جايون شهري اصطبلن ۽ وٿاڻن جهڙيون به نه آهن؛ ڳوٺن جا رستا يا ته چڪڻ آهن يا آهن ئي ڪونه. صفائيءَ ۽ تندرستي جا ڪي به وسيلا واهڻ هنن ڳوٺاڻن وٽ نه آهن،

۽ گيان وگيان کان هو بلڪل اڻ واقف آهن. جيسين ڀارت جي ڳوٺن ۾ هي بک آهي، بي سروساماني آهي، بي علمي آهي، تيسين قوم جو اُڌار اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي؛ ۽ آزادي ۽ سڀيتا جا خالي ۽ پورا ڀوتا جي شهرن ۾ ڏسجن ٿا سي ڏسڻ جا ڏيل سمجهڻ کپن ۽ قومي واڌاري جا ڍونگي سانگ. ٻين سڌريل ملڪن ۾ ڳوٺن جو مان آهي، ۽ ڳوٺاڻن جي جيوت ۾ سڦلتا ۽ سندرتا جو راڄ آهي. اهي ڳوٺ اهڙا صاف سٿرا آهن جو مک پيئي ترڪي، اُنهن ڳوٺن جي جهوپڙين ۾ آنند ٿو ملي. شڌ هوا، ۽ شڌ پاڻيءَ ڪري ۽ ڦٽ ڦٽ ۽ سوڙهه مان نڪرڻ لاءِ شهري ماڻهو ور ور ڏيئي پيا ڳوٺن جي زيارت پيٺين، ۽ ڳوٺن ۾ بنگلا اڏين ۽ باغ بڻائين. جن کان پڄي سگهي سي ته رهن ئي ڳوٺن ۾، رڳو ڌنڌي يا ڪرت لاءِ ڏينهڪ شهر ۾ گذارين.

شڪر جو قوم جي سرڪردن کي هينئر آترويلا ٿي آهي ته ڳوٺ اُڌار جو ڪم يڪدم کڻڻ ۽ بسر ڪرڻ کپي ۽ انهيءَ ۾ دير وجهڻ نه کپي. ديس جي سيوڪن لاءِ ڳوٺ اُڌار کان وڌيڪ مکيه شايد ڪوبه ڪم ٿي نه سگهندو. البت هي ڪم ڪن چڙ و چڙ ۽ ڳاڻ ڳڻين ماڻهن کان نه ٿي سگهندو. هن ڪم لاءِ سنگيا کپي ۽ سنگهٽن کپي؛ سون سالن جا صدما جي ڀارتيه ڳوٺن ڏٺا آهن، جن جي ڪري هو بک، بي علمي، بيڪاريءَ جا آستان بڻيا آهن، سي منٽ ۾ ميٽجي نه سگهندا. هن ڪم ۾ زبردست هلچل ۽ زبردست سيوڪ سيئنا ۽ زبردست وسيلا کپن. ڳوٺ اُڌار لاءِ ته منهين بلا تي

قبضو ڪرڻ ۽ هن جو زور ڀڃڻ ۽ نيٺ سنگسار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي.

هن بلا جو ٻهريون منهن آهي بڪ: اهو منهن تڏهين ڀڄبس جڏهين ڳوٺاڻن جي لاءِ کاڌي پيتي، لٽي ڪپڙي، رهڻ، آرام جو پورو بندوبست ٿئي. اسانجن ڳوٺاڻن کي ابي ڏاڏي کان ورثي ۾ مليل هنر پوکڻ جو ۽ ڍورن پالڻ جو گهڻو ئي آهي، پر هاڻوڪي دنيا ۾ رهڻ ۽ ڪمائڻ ۽ سرخرو ٿيڻ لاءِ هنن کي نوان طريقا سکڻ کپن، نيون ڪلون ڪم آڻڻ کپن، ۽ جاپانين ۽ چينين، آمريڪن ۽ انگريزن جي ڪاشتڪاري ۽ کير مکڻ ناهڻ جون واٽون وٺڻ کپن. حڪومت کي کپي ته زمين سڌارڻ لاءِ پاڻ ۽ ٽرئڪٽر ميسر ڪري ڏئي ۽ زمين کي ريج ڏيڻ لاءِ پاڻي اڻ ميو پيدا ڪري. ڳوٺن ۾ جاين ۽ رستن ناهڻ جو بار ڳوٺاڻن تي نه پوڻ کپي پر شهري واپارين ۽ ڪارخانن جي مالڪن تي. ڳوٺاڻا اڌ سال بيڪار ٿا ويهن (جيئن آن پڇي يا لابارو ڪن) تن کي پنهنجين جهوپڙين ۽ گهرن ۾ گهرو هنرن ۾ رنيائڻ کپي. مهاتما جو ڪاڌيءَ ۽ چرخي کي ڇهڻي ٻيو هو سو ڪنهن خفت جي ڪري نه، پر ڳوٺاڻن جي بڪ لاهڻ جي چنتا ڪري.

هن بلا جو ٽيو منهن آهي بي علمي. انهيءَ سان جنگ جوٽڻ لاءِ سنئون سنڌو قاعدو پاس ڪرڻ کپئي ته شهرين کي ڊگريون ۽ ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ تڏهين ملندا يا اهي سندون تڏهين ڪارگر ٿينديون جڏهين سال ۾ ڳوٺن ۾ بي علميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ شيوا ڪندا. جن کي سڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسيٽن مان علم جي جوت پهتي آهي، تنهجو ڌرم آهي

اها ڏياتي پري پري ڪٽي وجڻ ۽ اونداهي ۾ روشني ڪرڻ.
اها خبرداري ڪرڻ کپي ته ڳوناڻن کي سکيا اها ڏجي جا سندن گهرجن ۽ حالتن سان ٺهڪي اچي ۽ اهڙي طرح ۽ اهڙن وقتن تي ڏجي جو انهيءَ سکيا جي ڪري هنن جي پوک يا هنر ۾ رنڊڪ نه پوي. حڪومت کي سکيا جا وسيلا بنا ڪنهن دير جي هرهڪ ڳوٺ ۾ نيڻ کپن- سڪول ۽ ڪتاب، سڪشڪ ۽ اوزار، ريڊيو ۽ سنيما.

ساڳئي وقت ٽيون مڇهن يعني بيماري تنهن کي به ناس ڪرڻ کپي. سڌريل ملڪن جي ڳوٺن ۾ صحت ۽ سگهه تي خاص ڌيان ڏيڻ ۾ اچي ٿو، پر ڀارت جي ڳوٺن ۾ مليريا ۽ سلهه، چمڙيءَ جون بيماريون، ڪوڙهه...۽ ٻيون نگريون بيماريون راڳا ڪري رهيون آهن. جڏهين ڀارت جي ڳوٺن جي اها صورت ٿيندي صفائي ۽ بيهڪ ۾، جا انگريزن جي عهد ۾ انهن محلن يا ڪوارٽرن جي هئي جتي گورا رهندا هئا- خاص ڪري جتي گوريون پلنٽيون بيٺڪ ڪنديون هيون-تڏهين ڳوٺن مان بيماري ويندي ۽ ڳوناڻا رشٽ پشٽ ٿيندا ۽ قوم جا سچا جوان ۽ سينگار لڳندا.

هرڪا ٽموٽي اصل ۾ هڪ مورت ئي آهي ۽ هيءَ ڳوناڻي بلا جا ڏسڻ ۾ نه منهين ٿي اچي، اصل ۾ ساڳي بلا آهي: جنهن کي بک آهي سو بي علم ئي رهندو ۽ جو بيمار آهي سو بک کي لڙڻ لاءِ کهڙو ڪم ڪندو! ڳوٺ اُڌار هڪ يڪو ۽ پڪو ڪاريه آهي، جنهن لاءِ سڀني ديس واسين کي ڪمر ڪشڻ کپي.

١٠. لنڊن جا ڪي آزمودا

منگھارام اُڌارام ملڪاڻي

لنڊن ۾ مان ڏيڍ ڏينهن رهڻو هوس. هڪ جھوني سعادتمند شاگرد کي چيم ته پهرين مونکي زير زمين ريلوائيءَ (Tube Railway) جو سفر ڪراءِ. پاڏڙا جنکي اسين "Foot-Path" چئون، پر انگلنڊ ۾ "Pavement" ڪوٺيندا آهن، تن جي پير ۾ ٿوري گهڻي مفاصلي تي ٽيوب ٽيشنون ٿينديون آهن. اُنهن مان ويجهي ۾ ويجهيءَ ڏاڪڻ تان هيٺ لٿاسون ته هڪ شاهي هال آيو، جتي ٻجليءَ ۾ ٻهڪندڙ سوين دڪانن تي هر قسم جا کاڌا پيتا، شيون شڪليون، گل ڦل سجايا رکيا هئا. گويا ڌرتيءَ جي اندر هڪ گولائون مارڪيٽ ٺهيو پيو هو. وچ ۾ ٽڪيٽن جي ڪڙڪي هئي ۽ چوڌاري ڪيترا بورڊ لڳا پيا هئا ته فلاڻي طرح جون ٽڪيٽون فلاڻي ڪڙڪيءَ مان وٺجن ۽ اُن ترين پڪڙڻ لاءِ فلاڻو رستو وٺي اڃا ٻه هيٺئين پليٽفارم ڏانهن وڃجي. ڀلا، مونکي کهڙي سڌ ته پڪدلي اُپرندي طرف ٿيندي آهي يا اُلهندي؟ سو منهنجي سونهين مونکي وڌيڪ گهبرائجڻ جو وجهه ئي ڪونه ڏنو ۽ يڪدم ٽڪيٽون وٺي ڏکڻ واري راهه ورتائين. پوءِ ته ساڄي کان کاٻي، کاٻي کان ساڄي، هن زير زمين ڀُول ڀليئان مان ڦرندا گهڙندا هڪ عجيب ڏاڪڻ وٽ آياسون جا ٻجليءَ جي زور تي ازخود پئي لٿي ۽ پيرسان ٻي ڏاڪڻ مٿي پئي چڙهي! بس ڏاڪي تي پير

رڪڻ جي دير هئي ۽ اَسين هڪ هنڌ ئي ويٺا هئاسون ته ڏاڪو کسڪندو اچي هيٺ پهتو ۽ لهي پياسون. ڏٺم ته ڪي مسافر هڪڙي ڏاڪي تي بيهي رهڻ بدران، پاڻ به ڏاڪا لهي رهيا هئا ته ڏاڪڻ به هيٺ کسڪندي ٿي ويئي. يعني ٻٽيءَ رفتار سان مفاصلو طئي پئي ڪيائون. پڪدلي واري ٽرين انهيءَ منزل تي اچڻي هئي، جتي هڪ ڪشادو پليٽفارم هو جنهنتي هڪ لنبي ٽنل مان بجلي گاڏي لنگهي، اچي بيهڻي هئي. پليٽفارم تي ڪيترين مشينون رکيل هيون، جنهن جاٽايل انداز جون پينيؤن مٺان وجهجن، ته چاڪليٽ، ٽافيون، ڪلفيون ۽ بوهيچٽا هيٺان نڪري اچن. مطلب ته زمين کان سوين فوٽ هيٺ، ڌرتي ماتا جي آنڊن ۾، هڪ ڀڪندڙ وگيانڪ جهان ڪٽي خلقيو اٿن، جو ڏسي ڏندين آڱريون لڳيو وڃن! جلدئي ٽنل مان گنجگوڙ ڪندي، سيمينٽ واري فرش تـوڙي عرش کي ڌڪائيندي، ٽرين اچي بيٺي، ته پاڻمرادو گاڏن جا درواز کلي ويا ۽ اَسين اندر وڃي ويٺاسون ۽ هلڻ لڳي ته دروازا بند ٿي ويا!

ٿرڊ ڪلاس جا گاڏا ڏسو ته وائڙا ٿي وڃو. هندستان جي فرسٽ ڪلاس کان بهتر وهڻ جا بينچ تختن وارا نه، پر گديلن وارا، گديلا به سخت ڪاپاري سان ڀريل نه، پر سپرنگن وارا هيٺ مٿي ٿيندڙ ۽ گديلن تي نقلي چمڙي جا پوش چڙهيل نه، پر سهڻن نقشن وارا سچيءَ بخمل جا پوش. گويا ٿرڊ ڪلاس مسافر محلات ۾ سوفائن تي آرام ڪري رهيا آهن، ۽ پونجيواد ملڪ ۾ ساميواد اچي ويئي آهي!

اندروني توڙي ٻاهرين صفائي سٿائيءَ ۾ انگلنڊ جون، زير زمين ٽرينون سڀني يورپ توڙي اميريڪا جي ٽيوبن ۾ بهترين مڃيون وينديون آهن. پر ڌرتيءَ هيٺان سفر ڪرڻ تي منهنجو هڪڙو اعتراض آهي ته نئون ماڻهو اُنهن تهخانن ۾ ٿري گهڙي هوند مٿيون وجائي وهي ۽ بتال تي وڃي ۽ بيو ته سموري سفر ۾ اهي ساڳيون سيمينٽ جون ديوارون ۽ ڪمانون ڏسي ڪڪ ٿيو پئجي ۽ شهرن جا بدلجندڙ نظارا ڏسي نٿا سگهجن، جي گهڻو مٿي رهجي ويا آهن. تنهنڪري مان ٽيوب کان بس ۾ چڙهڻ وڌيڪ پسند ڪندو هوس. جيئوٽيڪ لنڊن جون بسون هوبهو بمبئي جي گاڏين به ماڙين جهڙيون هيون پر ٽيوب ٽرين هڪ نرالي انوکي چيز هئي. آخر مقصد واري شٽيشن اچي ويئي ۽ وري به وڏ وڪڙ ڪندڙ لنگهن مان هلندا، کسڪندڙ ڏاڪڻيون چڙهندا، اچي ڌرتيءَ جي سطح تي پڪڊلي سرڪس ۾ منهن ڪڍيوسون.

دهليءَ جو ڪناٽ سرڪس ته ڏٺو هوندو، اُهو به خريد فروخت جو شاهي مرڪز آهي. پر منهنجي ويچار ۾، اُهو وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل اجايو وڏو گولو آهي، جنهنڪري هڪ پاسي جا دڪان ٻئي پاسي جي دڪانن کان نهايت دور ٿي پيا آهن، ۽ ايڏي دائري ۾ ويجهڙائيءَ جو احساس نٿو ٿئي. پڪڊلي سرڪس جو دائرو نه اجايو وڏو نه ننڍو، پر پوري ميزان وارو هو، جتي کهڙي به هنڌان سڄي گولائيءَ جو عاليشان منظر ڏسجي سگهيو ٿي؛ تن وچ ۾ پريم جي ديوتا مدن (Eros or Cupid) جو ڪاري چمڪندڙ

پٺ ۾ مان نھيل پٽلو اُڀيو ھو، جو راھگيرن کي پنھنجي ڪمان مان ڪشيل تير جـو نشان بنائي رھيو ھو. چوڌاري وڏا شاھي دڪان اَڏيل ھئا، جتي ھر قسم جي تجارت جون شيزون، ڪانچ جي موڪرين ڪڙڪين ۾ ڪاريگريءَ سان ٺاھي ٺڪي، نمائش لاءِ رکيل ھيون، ۽ ٻيون ھيون شاھي ھوٽلون، جن ۾ ھر قسم جا طعام ڪانچ وارن ڪبٽن ۾ پرچيا رکيا ھئا. اُنھن تـي، سفيد چمڙيءَ وارن مردن ۽ زالن جا حشام، ٽپ ٽاپ ڏريسون پھريو اچي وڃي رھيا ھئا. دڪانن جي ٻاھران الاھي شاھي بورڊ ۽ سنيما جا آدم قد پوسٽر لڳل ھئا، جي سڀ رات جي وڳڙي ۾ لکھا بجلي بلبن سـان اھڙو جھڳمڳائيندا آھـن، جـو پڪڊلي سرڪس ۾ ھر رات دائما ڏياري لڳي پيئي ھوندي آھي.

١١. مقاطعن جو نيلام

ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي

گهڻا سال ٿيندا ته هڪ سياري جي موسم ۾ نوابشاهه وڃڻ ٿيو. مڃاڻ اُنهيءَ ڏينهن ١١ بجي صبح جو زمين جي مقاطعن جو نيلام ٿيڻو هو. يارن جي مرضيءَ تي ته اِهو لقاءُ هلي ڏسجي، سو مونکي به ڪنهن ڪنيائون. شهر گهمندي ڦرندي ڪليڪٽريءَ ۾ آياسين، جتي نيلام ٿيڻو هو. ڇا ڏسون ته ونءَ ونءَ جي ڪاني اچي ڪٺي ٿي آهي. ڪي وڻجارا، مٿي تي ميري پڳڙي، ڳچيءَ ۾ بوچڻ، ڪٿل ڏوتي ۽ ههڙي ٿرڪائيندڙ سيءَ ۾ سرد ڪوٽ پائي، مٿانئس ڪيس ويڙهي، وائڙن وانگر پيا نهاربن؛ ته ڪي وري، جي پوشيدا هئا ۽ سيٺيون ٿي لڳا، تنڪي مٿي تي اچي پڳڙي، مفلر يا گرم شال ڳچيءَ تي ويڙهيل، جنهن هڪڙي ڪن کي ڍڪيندي، پڳ تان ورندي، ٻئي ڪن کي هوا کان بچائيندي، وري اچي ٿي گردن تي نڪاءُ ڪيو؛ ڪشميري جو ڪوٽ، گرم جورابن تي روغني پمپ-شوُ پيل، ڏوتيءَ جو پلاند هٿ ۾، ٻه چار گماشتا اِرد گرد بيٺل، ڪن سن جون ڳالهيون پيا ڪن. مسلمانن مان ڪي وڏيرا ٿي ڏٺا، تنڪي مٿي تي وڏي ڦيرهه، آکين ۾ ڪجل، ڏاڙهيءَ جو خط ورتل، وارن کي ڦٽي ڦوڪارو ڪيل، ٿان جي شلوار، جنهنجي ريشمي مگر رنگين آڳٺ چولي کان ٻاهر هوا ۾ پئي ناچ ڪيو، بت تي وبڪرو ۽ سنهو پهراڻ، جنهنجي

آندران گرم ڪپڙا پيل نمايان هئا، ڏاڍي مزي سان مڇون پئي مروٽيائون؛ ته ڪي جوان زميندار، ڪلاهه تي ريشمي پٽڪو ٻڌل، جنهنجو طرهه هٿ ٻاهر هوا ۾ پئي اُڏامندو ۽ پلاند ٻه هٿ پٺيءَ جي پٺيان پئي لٽڪين، ناهوڪي شلوار، اُڇي قميص مٿان عمدو گرم ڪوٽ پيل، وات ۾ بيڙي، ڏاڍي بي پرواهيءَ سان پيا سوٽا هڻن. ڪي غريب، جن کي لڙيل ۽ چتين لڳل شلوارون پيل هيون، بدن کي گندي ويڙهيل هين؛ ٻگها وار، جي ڦڻيءَ نه ڏيڻ ڪري آهڙا ته ڳنڍيون ڳوڙها ٿي پيا هئن، جهڙيون جوڳيءَ جون جٽائون؛ ڪن جي ڏاڙهي ٻچي، ڪن جي چاپئين، ته ڪن جي وري سورجاڻ جبل جي سرءَ جهڙيءَ منجهيل؛ منجهائن ڪي ڪاريون، ڪي ڪڪيون، ڪي مينديءَ رتيون، ڪي ٻولهايون؛ البته ڪڪين ۽ ٻچين جو تعداد جهجهو هو. هڪ ٻئي کي ڏاڍيءَ پاٻوهه مان پيا ملن. "جوڙ، مٺارو، پڙ" جي ڏم پئي پيئي. هڪڙو چئي بس ڪري، ته ٻيو ساڳيو سر آلاپي. ڀاڪر پائيندي، ساڃي ڪاٻي ڪلهي مٿ پيا ڪن، ڇڻ ته ساڻن جون سڪون ٿي لاٿائون.

ايتري ۾ هڪ شخص کي ايندو ڏٺم: قد جو لانيرو، مگر بت ۾ گاڏيرو هو. ڪن ۾ قلم، هٿ ۾ ڪاغذ، اک کي نڪاءَ ڏيندو، ڏهه ڏائي ته سؤ ساڃي چٽ ڪندو، هڪ هڪ ماڻهوءَ جو نالو نشان پڇندو، ڪاغذ تي پيو آڻڪائي. جڏهن اسانجي ويجهو آيو، تڏهن پڇيومانس ته، "منشي صاحب! ڪهڙي ڪارروائي ڪرڻي آتو، جو هيئن خبرداريءَ سان نالا پڇي پيا داخل ڪريو؟ هننڪي ناري جيل جي هوا

وناٸيندؤ چا؟" کلي چياٸين، "مسٽر! آسين اِها يادداشت پنهنجيءَ سوجهيءَ واسطي رکندا آهيون، ته جي اوچتو نيلام ڪرڻو پوي ته اِنهن نالن تي خط ڪڍي، جهٽ پٽ مالڪن کي اِطلاع ڏيئي، نيلام ڪري سگهون." آسان به ڪٽي پنهنجا نالا ٻڌايس. پر ٻيهي ٻيهي ٻيٽ موري ويا، جي ڪٽي وڏو صاحب پيدا ٿئي. پير ٻيٺل مسلمان کي چيم ته، "آدل يار! هنجو ڏنل وقت يارهن جو، مٿان اَچي پريا ٻارهن ٿيا آهن، سڄو سارو ڪلاڪ آکيون پاٽيون اَٿئون، ته به صاحب جو پتو ڪونهي. نيت ڪهڙي سٺي اَٿس؟ ٺيڪيدار آهيون يا سندس دربان؟ وقت جي پابندي فقط مقاطعدارن لاءِ آهي چا؟" ته هڪڙي مومن نهه پهه وراڻيو، "ساٸين! حاڪم آهي، جيڏي مهل وڻيس، تيڏي مهل اَچي؛ ڪير چوي ته شينهن مونکي ڪاءِ؟ ڪنهنجي مجال جو چون چرا ڪري! آسان ٻه سهڻ ڪونهي. صاحب ڪاوڙجي پوي، ته مورڳو نيڪي ڪان جواب مليئون. ٻچڙيوال آهيون، سندس تاريءَ تي پيا تڳون. ڪنداسون گهڻي گهڻي، ته ماڳهين خراب ٿينداسين." مون چيومانس ته، "ياءِ! اوهانجين اِنهن ڳالهين ته ماريا آهيون، جو ذري جوف تي عزت وڪڻيو وهو. جيڪڏهن پاڻ ۾ ملي اعتراض وٺي هليا هلون، ته هوند صاحب به گهڻن سان سچيون ڪري. ٻڌاءِ ته پوءِ مقاطعو ڪٽي ڪير، پاڻ يا سندس ڪوتار ڪرا؟" اِتي هيءَ ٻار ڪکو وکو ٿيو، ته ٻيو، جو سندس پير ۾ ٻيٺو هو، تنهن ڳالهه ٻڌي پؤن سٽ چئي ڏنو، "ديوان! آسان ۾ اِها همت هجي ها ته هڙي بري حال ڇو ٿيون ها؟ ٻڌي

کانهي، تڏهن ته سورن ۾ پيا آهيون. هڪ ٻئي تي چڙهت لڳي پيئي آهي. هرهڪ چوي ته هو مري، ته منهنجو وارو وري. آپو آپ ملڪ کي کائي ويئي آهي، تڏهن ته خانو خراب ٿيو آهي. پر ديوان، ٻي ته ٻڌ! اسين ته آهيون جاهل، اوهين پڙهيل ڪڙهيل، قاعدن کان واقف، پوءِ ڇو ڪورٽ ۾ ويهي جج جو اِنتظار ڪندا آهيو؟

"ڪورٽ جا وقت مقرر هڪڙا، جج اچن پنهنجي مرضيءَ تي؛ نه ڪو پڇين، نه ڪو ڳاڇين، سو ڇو؟ اوهين ٻه ته اسان وانگر واسانگا ويهي ڳائيندا آهيو! فيءَ مهل ڏنا ڏيندا، اُناو ڪندا، پر قضا سان اسين ڇرڪو اچون ۽ جج صاحب کي سائينءَ ٻُلائي سوير ڪٺي آندو ۽ اسانجو نالو پڪارجي ويو ته محشرئي رُليوسين. يا ته ديواني دعوي رد، يا هڪ طرفي ڊگري نڪرندي. پر جي فوجداري ڪيس هوندو، ته بنا شرح وارنٽ جاري ٿيندو. جج صاحب ته نراڙ ۾ ٺهڙي وجهي، اکيون ڪڍيو ويٺو هوندو. اوهانجي ٻه هوندي اسان غريبن تي آڪڙ. اسين ته هيڪر اويرو آياسون ته ههڙو هاجو سَنوسون، پر جج کان انهيءَ روزانيءَ دير جو ته ڪو پاڙو جهاڙو ٻه ڪونه ٿو وٺي؛ سو ڇو؟ اوهين ٻه ته اوڏي مهل رياءَ ڪري سندس راءِ تي هلندا آهيو. سائين، ملڪ مان ٻَڌي ۽ سچائي ڪڏهوڪو اُٿي ويئيون؛ شال ڌڻي تعاليٰ جنت نصيب ڪرين؛ وڏڙن جون هُيون، وڏڙن پيڙهيون وڃي ٿيون. اڄ ته ڏاڍي جي ٿي هلي، (هيڻن جو آهي الله!) ڇور ڇُنيو وڃن، ساڻ پيا ٻَڌجن."

اينري ۾ هال جا دروازا کليا ۽ اسين به جو اُڀي ڪڙيءَ تي بيهي ٽڪا هئاسون، سو لنگهي اندر ٿياسون. هال جي اُتر پاسي کان هڪ اُچي سنگمرمر جو ٿلهو ٺهيل هو. ٿلهي جي مٿان گلم وڇايل هو، جنهن تي هڪ ميز ۽ هڪ شاهي ڪرسي رکيل هيون. پنيانس ديوار تي بادشاهه سلامت جي تصوير ٽنگيل هئي. ميز جي پاسي کان مگر پرڀرو، ٻه رواجي ڪرسيون ۽ هڪ ڇوٽي ميز پيليون هيون. سايا ٻارهن لڳي ڪجهه منٽ ٿيا ته هڪ ٽوپلائي ڪرڙ وڏ جوان ايندو نظر آيو. سندس سوٽ، ڪڙيءَ کان اٽڪل چار انچ مٿي ناچ ٻي ڪيو، ۽ ڪالر جي هڪڙي ڪنڊ جو رخ زمين ڏي هو، ته ٻيءَ آسمان سان پئي ڳالهيون ڪيون. مڙس جو مٿهن داڀلي جهڙو ۽ بدن سبر هو؛ پنيانس ٻه تي پٽيوالا هئا، جنهجي لال پٽن تي پتل جو چپرو چنبڙيل هو. مونکي ياد نه آهي ته مٿن کهڙا اکر اُڪريل هئا، پر مڙيئي ڪنهن ڪاتي جو نالو نقش ٿيل هو. صاحب جي آواز اچڻ تي هرڪوئي تعظيم لاءِ اُٿي بيٺو. جيئن صاحب اچي ڪرسي والاري، تيئن اسين به پنهنجي جاءِ وٺي ويٺاسون، پر ڪي آهڙا سائينءَ سنواريا به هئا، جو جيسين صاحب بهادر وهڻ جو اشارو نه ڪيو، تيسين اُڀا ڪات ٿيا بيٺا هئا.

هاڻي مقاطعن نيڪال ڪرڻ جي ڪارروائي شروع ٿي. منشيءَ صاحب سان ڪجهه ڳالهائي، اُٿي پڪاريو: ”ديهه نصرت، سؤ ايڪڙ آرڙهن گُهبنتا، ٽي سال مقاطعو، ڇهين رپئي ايڪڙ سان ٿيندا ڇهه سؤ ۽ ڪي رپيا. اڳي ڇهين سوبن رپئين ۾ مقاطعو ڏنل آهي.“ ٻه منٽ ته شمشان واري

ماٺ ٿي ويئي. پوءِ ٿوري ٿوري سس پس شروع ٿي ۽
هڪ جڻي اُٿي ٻن سون رپين جو واڪ ڏنو. اِتي منشين،
پٽيوالن ۽ اِنسپيڪٽرن جي ٿي واڪو واڪاڻ شروع.
"ٻه سؤ ايڪوار"، نه نه تڏهن ٻه ٽيهه دفعا پڪاريائون.
ماڻهن جي منهن ڏي نهار ته اهڙا اٻوجهه پيا لڳن، جهڙا تازا
چاول ٻار. آخر هڪ زميندار، جنهن تي جڻ ڪا چٽي ٿي
پيئي ۽ لاچار ڦاهو ڪاٺو هوس، تنهن اُٿي ٢٥٠ ڪيا، پر
تيسين تائين غريب پٽيوالن ۽ منشين جي ٻڪر واري
ٻاڪار پئي پيئي ۽ سڄي هال کي ڪَٽي ڏنائون. صاحب
بهادر پنهنجي خنڪيءَ سان ڪرسيءَ تي جيئن اچي ويٺو
هو، تيئن ئي ويٺو رهيو. مٿي تان ٽوپلو به ڪونه لاٿائين.
بيڙيءَ جي ڏاڍي ٻاڙٽي ڏنيس؛ هڪڙي بيڙي چڪي بس
ڪيائين، ته ٻي ٽي دکايائين، جنهنجو دونهون ڇت تي
ڪکر ٻڌجي ٿي بيٺو. منشين کي ڏس ته زميندارن کي
پيا سنائين ته ٻيلي سگها ٿيو، واڪ ڏيو، ته مقاطعو نبڪال
ٿئي! هڪڙا جانا سي ڪونه ٿي پڙيائون، پر ويچارن
ليلائڻ سان گهڻا يوئي ڪونه.

هوڏانهن آيل مقاطعدار ڏسو ته هڪ ٻئي کي اِشارا پيا
ڏين. ڪن سن جون ڳالهيون پيا ڪن. پاسيرو اُٿي پيا
پاڻ ۾ پڇن. وقتي پٽڪي جي پلاند هيٺان ۽ وقتي ٽوتيءَ
جي پلؤ هيٺان هٿ هٿ ۾ ملايو اَگهه پار پيا ڪاهين. نيٺ
ٿورو ٿورو ٿي واڪ چڙهڻ لڳو، پر اِنهيءَ وچ ۾ ماڻهن اَڻڳوءَ
وارو گوڙ لائي ڏنو؟ هتان اُٿي پيا هٿي وهن ۽ وڏي آواز
ڳالهيون ڪن. منشين ماٺ ڪرڻ لاءِ گهٽيئي منٿون ڪين،

پر سندن عرض ڪنهن به ڪونه اونايو. آخر واڪ ٥٠٠ رپين تي پهتو. پنيوالن ۽ منشين جا ڳلا گهٽجي ويا. پر صاحب کي ڏس ته بيٺڙي وات ۾، ڪرسيءَ تي چٽيو ڏکيو ويٺو آهي. جڏهن واڪ جي وڌيڪ چڙهڻ جو چارو نظر نه آيو، تڏهن "دو وار" ٿي ۽ ڪجهه وقت بعد "تين وار". منشين ۽ پنيوالن جا اوڏيءَ مهل جڻ بند خلاص ٿيا هئا، ۽ منهن ۾ ڪجهه پاڻي آيو. پر هڪڙيئي مقاطعي کي نيڪال ڪرڻ ۾ ويهه پنجويهه منٽ لڳي ويا. مقاطعي نيلام ٿيڻ جي رفتار جونءِ واري ڏسي، عجب ۾ پيس ته هينئرا سارا مقاطعا ڪڏهن پورا ٿيندا! اينري ۾ بيو مقاطعو پڪاريو ويو، جنهن ۾ به ساڳي ڪار ٿي. ٽي چار مقاطعا مس بحال ڪري، صاحب ٻپهري کائڻ واسطي اڌ ڪلاڪ جي چوٽي ڏني. هال کان ٻاهر برهما پٽي نڪتيو، سو ڀلا ماڻهو نڪري چا ڪن؛ ٽنهنڪري گهڻا اُٿيئي رهاڻين ۾ لڳي ويا. باقي ٿورا ٻاهر ٽنگون ساهڻ لڳا. ڏٺم ته آيل ماڻهن خاص خاص مقاطعي ۾ دلچسپي ٿي ورتي، جنهنجي نيڪال ٿيڻ وجڻ تي گندي چندي ٿي روانا ٿيا. مون هڪ پنيوالي کان سڌي پڇيو: "هيترين ٽنگون هنيون ۽ رڙيون ڪيون اُٿيئي، ٽڪو ڪونه آهين؟"

چي، "ديوان، ڪهڙا ٽا ٽڪ پڇو؟ مقاطعي جي نيڪال ڪرڻ جي ڏينهن کان ٽي ڏينهن اڳي سمجهندا آهيون ته قيامت جڻ ته آئي. هيترو ٽا ڳهون ۽ رت ولوڙيون، ته به آهي ڪو قدر؟ ڪٿي پگهار ۾ چار ڏوڪڙ وڌن، تڏهن به ٽپن تي ٽار پوي. هتي ته مورڳو وجنتا ڪٽر وجهندا. چون تخفيف

ڪاميٽيءَ جو فيصلو آهي، سرڪاري خزاني ۾ پئسا ڪونهن، ڪپيو ته ڪٿ پگھار تي نوڪري ڪريو، نه ته ٻڌو ٽپڙ؛ وٺو گھر جي ٽڪيٽ. ملڪ ۾ لڳي پيئي آهي اُڃ سُڃ. اَسين ٻه سرڪار جو نمڪ کائي، ننڍين مان وڏا ٿيا آهيون، سو پڇاڙيءَ ۾ ڪهڙو ڪارو منهن ڪريون؟ ڏکيو سکيو پيا پيٽ پاريون. بخت ته آهي اسانجي صاحب جو؛ ڪيئن نه ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو، نواب ٿيو ويٺو آهي. جنهن وقت وڻيس تنهن وقت اَچي، جنهن وقت وڻيس تنهن وقت وڃي. اَسين آهيون جو سندس حضوريءَ ۾ ڪاٺو پيٽو حرام ڪيو، هٿ ٻڌيو حاضر ٿيا بيٺا آهيون. ٿر تفاوت پيو ته موچڙا منهن ۾؛ وري دانهن ڪوڪ ڪريون ته ٻُڌي ڪونه. سورن ۾ سور اَٿئون؛ پيا بکئي پيٽ لاءِ مٽا ڏيون."

"پگھار گھڻو ڪٽين؟"

"ڏٺي! سورهن رپيا."

"تو جهڙو مڙس رڳو پيري مزوريءَ ڪري ته ٻه ٻارهن آنه روز ڪَن ۾ وجھي اَچي."

"مالڪ! ڪهڙا ٿا حال پڇو؟ (جن ڪاڏا پلن جا پيٽارا، تنجا هينئڙا ويچارا) ڪڇيءَ ۾ اِهو ڪم ڪونه ڪيوسين، هينئر اَسان کان ڪٿي ٿا ڏلها ڪنيا پڇن."

"پلا، اولاد ڪهڙو اَٿيئي؟"

"بچين! ٻه پٽڙا ۽ ٻه نياڻيون اَٿم؛ جن مان هڪ نياڻي اُٿارڻ جيڏي ٻه ٿي آهي."

"ڪجھه ميڙيو سيڙيو اَٿيئي؟"

"سائين! ڪائي سنجهي نه ڀائي، ڪڙهي ٿي آسر ڪي. پلا خيال ته ڪريو! گهر ۾ ڇهه جيوَ، تنهنجو پيٽ، لٽو ۽ ڪپڙو، تنهن ڪانسواءِ ننڍڙن جي پڙهائي ۽ خرچ پکو: ڇا نٿو گهرجي! ۽ برادريءَ ڪي به ته منهن ڏيڻو آهي. شادي غمي سدائين بيٺي آهي. اڃا به آباڻا ڪڪ آهن، جو مسواڙ ڪان بچيا پيا آهيون، نه ته الائي ڪهڙا حال ٿيئون. مالڪ تي تنگ آهي، پيئي خير سان نبهي."

اينتري ۾ ڪيس صاحب سڏ ڪيو ۽ هو موڪلائي ويو.

اڌ ڪلاڪ گذرڻ ۾ ويرم گهٽي! آسان اڃا اوپاريون لهواريون ڳالهيون ئي پئي ڪيون ته صاحب به اچي ڪرسي سينگاري ۽ مقاطعن جو نيلام وري شروع ٿيو. پر جهڙي سٽ، تهڙيون ئي ويهون! ساڳيا صبح وارا پار ڏناسون. مطلب ته شام تائين ڪي زمينون نيڪال ڪري، باقي ٻئي ڏينهن تي رکيون ويون. ماڻهو، جي سڄو ڏينهن بک مئا هئا، سي هال ڇڏي گهر ڏي هليا. رستي تي سندن ڀاڙون به ڀڏڙ وڻان هيون. ڪو پيو چوي، "ڪيئن، ڪهڙي نه ڇوٽ ڏني مانس. اهڙا ٿيٺهر ڇا اسان ڪان مقاطعا ڪٽي ويندا! پٽ، اڃا گهٽو گهرجي!!" ٻيو پيو چوي، "ڪهڙو نه ٽڪرياسون! آسين سياڻا، عقل جا اڪابر، سو ٽا جوش ۾ اچي هوش وڃايون! نيٺ واهو پيڙي، مقاطعو مٿي ۾ هنيو مانس. ڪندو گهڻا ڏينهن ياد!" ته سندس ڪمدار جو پنيان پئي آيو، تنهن چيو: "سيٺ! اهو سڀ سچ، پر بازي ماري ويو. چار سؤ مرن، ڪ جيئن. ڪمائيل زمين هٿان مان ڇڏي ڏنءِ!"

"اِنصاف آسانجا بہ تہ مڃ!"

"هائو سيٺ! پر ڳالھہ هنجي پيٽ ڳائبي."

"فصل اڳيئي ڪونهن، ٻيو پاڻيءَ جا ڏک، مٿان ڍلن جون چٽيون؛ ويچار ڪر، گھر وڪڻي پورائي ڪجي ڇا؟ زميندار اڳيئي پيا مٿا پٽين."

"برابر! ليڪي لَلُ ڪونهي. پر سائينءَ جا رڃ پيريا پيا آهن. هڪڙو وارو ڏئي ها تہ ٻئي ڇڏي ها."

اِتي دوستن چيو: "يار هل. توکي آلائجي ڇا مان تو مزو اچي!" سو ڇڪي هليا جاءِ تي. هڪ سيءُ، ٻي بک، سو طعام تي اِئين ڪرياسون، جيئن بکيا بروچ. نيٺ ڪائي، پيپ پيري، ڪلاڪ اڌ باھہ تي پاڻ تئي، زٽ شٽ هٽي، وڃي هنڌ تي پياسون. خبر تڏهن پيئيسون، جڏهن ٻئي ڏينهن صبح جو نوڪر رڙ ڪري چيو: "سائين نوَ لڳي ويا آهن، خير تہ آهي؟"

١٢. سنڌيِ شعر جيِ ٿورتيِ

ڀوڄراج هوتچند ناگراڻي

شاهه، سچل ۽ ساميِ سنڌ جا تي بي بها رتن آهن. شاهه سنڌ جي واريءَ سي ٽڪرن ۾ تصوف جو ڪنو چاڙهيو. تصوف جي مشڪل مسئلن کي هن رنگين پيرايي ۾ پيش ڪيو. لوڪ ڪٿائون جي هرهڪ جي زبان تي هيون، تن دواران شاهه صاحب ماڻهن کي روحاني راز سيکاريا.

”جي تو بيت ڀائيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سنديءَ پار ڏي.“

سچل هن چاڙهيل ڪني جو وقت ساروُ ڏيکڻ لاهي، سيني کي پڪل لقمو کارايو. سچل اسانکي سيکاريو ته ”اگر اپنا قدر جانو، سپهسالار تم هوگا.“ سچل کي ماڻهو ڪيئن به سڏين، پر سائين خود فرمائي ٿو ته ”مان جوئيِ آهيان سوئيِ آهيان، هندو مومن ناهيان، مان ناهيان.“ اها پنهنجيِ پڇاڻيِ هر مذهب ۽ ڌرم جو تت آهي.

ساميِ نماڻو، گرڪرپا ۽ گرگم سان آکي ٿو: ”ويدن جي واڻي، توکي سنڌيءَ ۾ سڻايان.“ سنڌوءَ جي پوتر ڪنني تي پراچين رشين ويد منتر اُچاريا. اُنهيءَ سنڌوءَ جي آباد ڪيل ملڪ ۾، ١٨ ۽ ١٩ صديءَ ۾ ساميِ صاحب ڪوتا ۾ ويدانت اُچاريو.

ساميِ، شاهه وانگي، ڪهاڻيون نٿو ڪٿي، ۽ نه اُنهن مان، شاهه وانگي بعضي روحاني اشارا ٿو ڏئي. شاهه

سسئيءِ پنهونءَ جي ڪهاڻي ڪٿي، آخر ۾ چوندو:

"پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ؛
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ؛
(پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءِ تان سور هوا.)"

ٻہ مومل راڻي جي ڪهاڻيءَ ۾ درد پلٽي، سيني ۾ درد ٿو ڦوڪي؛ عاشق جڏهن معشوق جو ڏيان ڪندي ڪندي، معشوق روپ ٿئي ٿو، تڏهن چوي ٿو:

"ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڌس چناڻو؛
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڏاڻو؛
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي، ٻيو ناهہ ڪي."

شاهہ لاءِ "روزا نمازون، اِي پڻ چڱو ڪم"، "پر او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي." سچل جنهنجي جيوت جو مقصد ئي هو، تہ شاهہ جي کُني جو ڍڪڻ لاهيان، سو سالڪ کي سڌ ڪري ٿو چوي: "آءُ ادا، سالڪ صحي ڪر، تون تہ طلسمات کي؛ پيچ دوئيءِ، تا ڪل پوئي، دور ڪر درجات کي." هن جو زور سچو پنهنجي ذات سڃاڻڻ ۽ عشق تي آهي. هو عشق جي ميدان ۾، وڏي نغاري تي ڏئونڪو هڻي چوي ٿو، تہ "ٻانهون ٻان ءَم پاڻ، تون هين مالڪ ملڪ جو.... الله، الله، چو چوين، پاڻ ئِي الله جاڻ." سندس آتڻ عشق اکوڙي ويو آهي؛ پاڻ فرمائي ٿو: "وسريو روزو ناهي ياد، نماز مونکي؛ ڪيڙو مست پرين جي ناز مونکي." اُن ڪري سيني کي صلاح ٿو ڏئي تہ "اوهي ڪم ڪريجي، جس وچ الله آپ بڻيجي؛ دين ڪفر اسلام ۾ عاشق ڪڏهان نہ اڙيجي."

شاه ۽ سچل سنڌ کي قرآن شريف، مولانا رومي ءَ جي مثنوي ءَ، عربي آيتن، حديثن، منصور ۽ عطار جي گفتن کان واقف ڪيو. سامي صاحب هند و فيلسوفي ءَ جي اونهي ابياس ۽ ڏيان بعد پنهنجي ڏيان غفا مان، وچن جوڙي چٽڪين تي گرمکي ءَ ۾ لکي مٽڪين ۾ ٿي وڌا. هو اسانکي ويدن جي ساک، ڇٽ درشن جو سار ۽ ١٨ پراڻن جو تت ٻڌائي ٿو:

”ڇهه، اناره‍ن، چار ڳالهه چون ٿا هڪڙي،
ڀڳت ڪر ڀڳوان جي، نانا پرم نوار.“

سندس سلوڪن ۾ اسانکي ڀڳوت گيتا، سريمد ڀاڳوت، ڀڳتن جي ڪهاڻين، يوگ درشن، ويدانت سوترن ۽ اپنشدن جا اشارا ملن ٿا. ڏسو ته ڪهڙي نه سهڻي نموني ۾ ٿو بيان ڪري:

”نارد سڀ قبول، پت پاڻي ڀڳتن جو،
جنهين ڏنو مانکي، محبت سان من مول،
ليءَ ڪيائون اک ۾، سوکم ۽ استول،
تون بي وجي جهول، پريم هندوري تن سان.“

اسانکي صلاح ٿو ڏئي ته:

”پريم بنا پرڪاس، ڪنهنکي ٿيو ڪينکي،
ائين چوي ٿو نامديو، ڪبير ۽ روداس،
ڪري ڏس ڪلپت ري، سامي انن ابياس،
ته چيتن چد آڪاس، پرگهٽ ٿيئي پاڻهين.“

جن ڀاڳوت پڙهيو آهي سي ئي سمجهندا؛ ته جڏهن سامي چوي ٿو:

مڌر مڌر مرلي، ڪان وڄائي مک سان،
ٻنڌي گوپي گوار جي، سامي سرت پلي،
اوديا ڳنڍ کلي، ڏسي منهن محبوب جو.
تڏهن سنڌس اشارو ڪٿي آهي.
گيان جي مهما ڪندي چوي ٿو ته:
”بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي،
توڙي سڀ ساڌن ڪري، پڙهي ويد پران،
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.“

سامي فقط گيان ۽ ڀڳتي نٿو ڳائي، يوگ جا به اشارا ڏئي ٿو. اهو يوگ پاڻ پچايو اٿس:

”جو نڪري ذاپ منجهان، تون سهي سڃاڻج ساه کي،
گهڙي گهراڻ گهٽيءَ مون، واءَ ڪيو وسٿار،
دامودر تنهن دم ۾، آهي اونڪار،
ويدن جو ويچار، سو سنڌيءَ ۾ سٽايو.“

ڪيترن ئي ڀڳتن جي ساکين ڏي اشارو ڪيو اٿس، جيئن ڪ:

”وڏي وڏائي، سامي جاڻ ڀڳت جي،
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا، ڪري ڪمائي،
ڍيڍ، چمار، جولاهه، پيڃار، نائي،
جنين لنوَ لائي، سي سڀيئي سڌ ريا.“

هيءَ اشارا روداس، ڪبير، دادو ۽ سئني ڀڳتن جي ساکين ڏي آهن.

سامي صاحب پڻ پراچين رشين مثل، روپڪن يا پيتن سان، ويدانت جون اونهيون ڳالهيون سوليون بڻايون

آهن. هو شاهه صاحب وانگي تشبيهون ڏئي ٿو، پر شاهه سائين جون تشبيهون وڻ، سانداڻ، نهائينءَ، ڪونج پکيءَ وغيره جون آهن. سامي صاحب اهي روپڪ اُپنشدن مان ٿو کڻي، جن ۾ گروءَ ۽ چيلي جون آتم گيان نسبت روح رهاڻيون لڳل آهن.

(١) پاري ۾ پاڻي، تئن وياپڪ وسي وس ۾،

(٢) جئن گهاگهر لوڻ جي، پرڻ هلي پاڻي،
سنڌ ۾ سماڻي، موتي مونتي ڪينڪي.

(چاندوگيه اُپنشد)

(٣) نيارو رهي نپ جان (ڪٺ اُپنشد)

اهڙي طرح:

”اڻهوندو سنسار، ڪلپت ڪري سڌ ٿيو،
جيئن سپني ۾ سڌ ٿيو، نانا وڌ وهنوار“

اهو خيال پڻ هڪ کان وڌيڪ اُپنشدن ۾ آهي. ساميءَ جو گفتو آتما نسبت:

”من بڌ واڻيءَ کون پري، اَگم اگوچر“.

اسان کي ”ڪين“ اُپنشد ۽ گيتا ۾ ملي ٿو. شنڪراچاريه پڻ اِهو خيال هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

”منو، بڌي، اهنڪار چتاني ناهم.“

ساميءَ جا آتما نسبت ڪي سلوڪ ته سنئون سڌو گيتا تان ورتل آهن، جئن ته:

”نڪي جيءَ مري، نڪي اچي گرڀ ۾،
نڪي ٻڏل جل ۾، نڪي اگن جري،
رهي آليپ آڪاس جان، توڙي روپ ڌري،
سنتن سهي ڪري، ساک ڏني سامي چئي.“

اَپياسي سامي، ساڌ سنگت جو ڪوڏيو: ان ڪري سنڌ ۽ هند جي سنتن مان واقف آهي. سندس سلوڪن ۾ اسانکي سنڌ جي شاعرن جا ڪيترا بيت ۽ ٽڪون ملن ٿيون، جن ۾ ڪيترن هندَ سندن شعر جا اکر تعظيم وچان ڇيل آهن؛ ۽ ڪٿي ڪٿي اُنهن جي اختياريءَ تي پنهنجي خيال کي ٽيڪ ڏني اٿس. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:—

١- سِڪ منجهائون سِڪُ، نا ته پس سڪنديين،

اوڳو عنايت شاه چئي، پورن جان مَ پيڪ،

لِڪ منجهائون لِڪُ، پسڻ ٿيئي پرينءَ جو.

٢- پاڻهِ پيچي ڇڏ، مٿان چاڻ وجهيئي چار ۾،

تن تنين سان گڏ، نينهن جنهين جو نانهه سان.

(شاه)

٣- پري نهارڻ پرينءَ کي، هي پي جتن سندو چاڻ،

سائين توهي ساڻ، راڌيون ڏينهن روحل چئي.

اهڙيءَ طرح بادل، بخت، مگڻ، سڪو پڳت، لکو پڳت، شاه عبداللطيف، عنايت، پٺو، سچل سرمست، شاه ڪريم، روحل سائين، ٻالو پڳت، سيني جا بيت اسانکي سامي صاحب جي سلوڪن ۾ ملن ٿا.

سياڳا آهن سنڌي، جنکي شاه، سچل ۽ ساميءَ جهڙا اُستاد مليا، ۽ پوتر آهي اها ڀومي، جتي هنن جنم ورتو. هي ٽيئي ترويڻي آهن، جن جي شعر روپي ڌارائن ۾، ۽ اِسلام، تصوف ۽ هندو فيلسوفيءَ جي امرت روپي پاڻيءَ ۾، سنڌين پاڻ کي ڌوئي، پاڪ ۽ پوتر بڻايو آهي.

M.71

١٣. ڪر ذري تہ ڏيئي پري

رام پرتاب راءِ پنجواڻي

واڌيا مووينون وارن سنڌيءَ ۾ هڪ پڪچر "ايڪتا" تيار ڪئي هئي ۽ اُن ۾ ٻن راڳين ڳائڻ لاءِ مون کي ڪوٺ ڪئي هئائون. ۵ آگسٽ ١٩٤٢ع مان ڪراچيءَ مان نڪتس ۽ ٦ تاريخ شام جو اچي احمدآباد پهتس. احمدآباد ۾ گاڏي روڪجي پيئي. زبردست برسات جي ڪري ٻڙودي وٽ بندن ۾ گهارا پئجي ويا هئا ۽ گاڏي اڳتي هلي نٿي سگهي. جيڪي مسافر هئا ئي احمدآباد تائين سي تہ وڃي گهرن ۾ سکي ٿيا پر اسان جهڙا بمبئيءَ وڃڻ وارا مسافر ڦٽڪي پيا. خبرچار وٺڻ سان اهو پتو پيو تہ ڪي ڏينهن بندن ٺهڻ جي اُميد ئي ڪانہ هئي. ايڏيءَ اجهل بارش ۾ ڪم ڪير ڪري جو بند ٺهن؟ گاڏيءَ ۾ ڪيترا مسافر ٩ آگسٽ واري آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي خاص اجلاس ۾ شامل ٿيڻ وارا ڊيليگيٽ ۽ ملاقي هئا. اُهي تہ ويتر ٻہ نراس ٿي ويا. سڄي رات گاڏيءَ ۾ گذاريسون ۽ ويندي ويچاريوسون تہ موٽي ڪراچيءَ وڃون. صبح جو ريلوي وارن هڪ رٿ سوچي ڪڍي. رٿ هئي تہ بمبئي جا مسافر ساڳيءَ ٽڪيٽ ۾ اجمير ۽ چتور جي طرف کان بمبئي وڃي ٿي سگهيا. صلاح سٺي هئي ۽ جي بمبئيءَ پهچڻ لاءِ آتا هئا سي اجمير جي طرف کان روانا ٿيا. کاندوا تائين ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿي. گاڏيءَ ۾ جاءِ ملي؛ اجمير ۾ بہ

رزرويشن ٿيل هئي، پر کانڊوا ۾ پهچڻ کانپوءِ ائين ڏسڻ ۾ آيو ته بمبئيءَ لاءِ ڪا گاڏي ڪانه ملندي جنهن ۾ چڙهي، وڃي بمبئيءَ پهچجي. مون جهڙا ڪيترا مسافر جن کي کانڊوا ۾ گاڏي بدلائڻي هئي سي اسٽيشن تي پيا رهيا ڇو ته جيڪي به گاڏيون بمبئي لاءِ اُتان لنگهيون ٿي سي ڇڪار هيون. ڪنڊڪٽر گارڊ مدد ڪرڻ لاءِ تيار هئا پر ڪا برٿ خالي هجي ته ڪٿي ڏين! ٿرڊ ڪلاس ۾ پيهه هئي، سيڪنڊ ڪلاس ۽ فرسٽ ڪلاس ۾ خالي جاءِ ڪانه هئي! خيال ڪيم ته اِتان واپس وران ۽ وڃي سنڌ ۾ ٽائينڪو ٿيان. ٻارهن ڪلاڪ نمبري ويا، چار گاڏيون لنگهي ويئون؛ مون سوچيو ته ٽڪيٽ کان موٽڻ ڀلو. نراسائي ڪيتري به ملي پر انهيءَ نراسائيءَ جي پٺيان آس لڪل ٿي رهي. اُميد ته جيئون جو جياپو آهي! موٽڻ جو ارادو ڪيم ته به ويهي رهيس اسٽيشن تي انهيءَ آس ۾ ته متان ڪلاڪ کانپوءِ ايندڙ گاڏيءَ ۾ جاءِ ملي وڃي. جتي ٻارهن ڪلاڪ اتي چوڏهن! گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳس. گاڏي آئي پر اڳي کان وڌيڪ ڀريل. ڪوليءَ بڪ ٻوڙ ڪئي، گارڊ چارٽ ڏٺو، مون اندر ۾ پرارٿنا ڪئي پر سڀ وئرٿ! بر ٿي پيس. خارن ۾ پٽ پٽ ڪري چيم "ڪڏ ۾ وڃي پوي." پنهنجي پُور ۾ هوس ته ڪنهن جو آواز ٻڌم، "ماما، توهان هتي؟" ڪٿي مٿي نهاريان ته سيڪنڊ ڪلاس مان پنهنجو ڀاٽيجو لهندو ڏٺم. ڏاڍي خوشي ٿي. مون چيو "پريم! تون ڪيڏانهن؟" پريم چيو: "بمبئيءَ. ناگپور مان چڙهيو آهيان، وڃان ٿو بمبئيءَ. توهان هتي ڪئن؟" ڳالهه

ڏاڍيمانس ته يڪدم ٻئگه ۾ هٿ وجهي چيائين، "هلو، منهنجي گاڏي ۾. ساٿي سڀ سنا آهن، اعتراض نه آڻيندا". پهرين پريم گاڏي ۾ چڙهيو. پنجن منٽن ڪانپوءِ مان چڙهيس ته سيٽي ڪيڪاريو. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي، مان نهي نڪي وينس ته پريم پليٽفارم تي بيٺل هڪ بزرگه ڏانهن اشارو ڪري چيو: "ماما! هيءُ به شايد منجهيو بيٺو آهي. پڇانس؟" مون چيو، "پنهنجن ٻين ساٿين کان پڇ، متان ڪين اعتراض هجي." هن ٻين کان پڇيو. ويچارا شريف اِنسان هئا، يڪدم هائو ڪيائون. مون اِتي ئي محسوس ڪيو ته سچ پچ گپت اعتراض مونکي هو ۽ ٻين جي آڙ ۾ اعتراض ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيم. منش ڪيڏو نه سوارٿي آهي! جڏهن پاڻ ڪنهن ڪشٽ ۾ آهي تڏهن چاهي ٿو ته هرڪو سندس سهائتا ڪري، پر جڏهن سندس سهائتا ٿي ٿِي وڃي تڏهن پاڻ کي ڪجهه سوڙهو ڪري ٻين جي سهائتا ڪرڻ کان ڪيٻائي پيو. ڪيترا دفعا اڳين ٿيندو آهي ته گاڏي ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ته گاڏي مان "جڳهه نهين هئه" جا نعرا پيا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، پر جڏهن حيلي بهاني گاڏي ۾ گسي ايندا آهيون ته ٻيءَ اسٽيشن تي پاڻ منهن ڪڍي ۽ واڪا ڪندا آهيون "جڳهه نهين هئه". پنهنجي سک جو وڏو ويچار ڪندا آهيون پر ٻئي جي دک کي نورت ڪرڻ جي بجاءِ اُنهيءَ جي سک آڏو اَڏ ٿي بيهندا آهيون. سنسار به هڪ گاڏي آهي جنهن ۾ جيڪڏهن سري پري هڪ ٻئي کي جاءِ ڏيون ته ڪيترا جهيڙا ۽ جهڳڙا گم ٿي وڃن. سوارٿ انڌو آهي، خود غرضي

اِنسان جي وڏي ۾ وڏي خامي آهي. پريم جي چوڻ تي بزرگ گاڏي ۾ آيو. پهرين تہ ڪڇيائين ڪين پر جڏهن سندس سامان اندر آيو ۽ هو هڪ جڳهہ تي ويٺو تڏهن سندس مک مان نڪتو "اِنسانيت اڃا بہ آهي، شرافت پر ڪري اُڏامي ڪانہ ويئي آهي. خدا توهانجو خير ڪري. توهانجو مان احسانمند آهيان." پريم ڏانهن منهن ڪري چيائين، "ٻچا، هن اوستا ۾ تو ۾ نيڪيءَ جو ايڏو انگہ آهي تہ وڏي هوندي تون فرشتو ٿي پوندين." هن جي اکين مان ڳوڙها ڳري آيا. رومال سان اکيون اُگهندي چيائين "هن دنيا ۾ خودغرضي ايتري تہ آهي جو جڏهن ڪو اڻ چاتل اِنسان ٿوروئي احساس ٿو ڪري تہ اکين مان خوشيءَ جا آنسو وهي ٿا نڪرن" اسين سڀ خاموش هئاسين.

گاڏي هلي، ماني ڪائي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون شروع ڪيون سون. منڪي ڏانهن اشارو ڪري ڪنهن پڇيو: "هي برتڻ ڪنهن خاص ڪم لاءِ آهي؟" منڪي جي معنيٰ سمجهائي مون چار راڳہ ڳايا. ڪنهن چيو: "چڱو ٿيو جو تون اسانجي گاڏي ۾ چڙهئين." مون چيو: "توهانجي مهرباني جو گاڏي ۾ اچڻ ڏنو." بزرگ چيو: "مونکي تہ راڳہ ڳائڻ بہ ڪونہ ٿو اچي پر جيڪڏهن دلچسپي هجيو تہ بہ سٺا شعر جهونگاري ٻڌايانو." واه جو غزل ترنم ۾ ٻڌايائين. پوءِ تہ پيا بہ ڪلي پيا. سنگيت محفل مچي ويئي. اڌ رات تائين وروتهن هلي. ٿوري وقت ۾ هڪ ٻئي کي ايترو ويجهو اچي وياسين جو ڄڻ سالن جا واقف هئاسين. راڳہ ڪان پوءِ

چڱي طرح چاڙ پيچاڙ ڪئي سون ۽ هڪ ٻئي ڏانهن خط پٽ لکڻ جا انجام ڪياسون. پر اهي انجام هلندا مشڪل آهن. گاڏيءَ جي سنگت گهڻو وقت ڪان هلندي آهي. ڳالهين ڪندي، بزرگ چيو: "مان توهانجي سنڌ ۾ سر غلام حسين کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ۽ تنهن کان سواءِ هارون وارن سان به عليڪ سليڪ اٿم. آڪٽوبر ۾ ڪراچيءَ اچڻو آهيان. اچڻ جو اطلاع ڪندو سانوَ، ضرور ملجو." آڪٽوبر ۾ خانبهادر حسن دين ڪراچيءَ ۾ آيو. لٿو ئي اچي سر غلام حسين وٽ. مان ساڻس مليس، ڏاڍي قرب سان مليو، پر مونکان وڌيڪ قرب سان مليو پريم سان. سر صاحب سان پريم جي واقفيت ڪرائيندي چيائين: "سر صاحب، جنهن سنڌ ۾ هن پريم جهڙا فهميندا ۽ نيڪ نينگر آهن، تنهن سنڌ جو شان اُوچو آهي. منهنجي دل ۾ سنڌ لاءِ تمام اوچو خيال آهي. انهيءَ خيال لاءِ جوابدار هيءُ جوان آهي." سر صاحب اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين، "اهي جوان ته قوم جا سچا عيوضي آهن، جن جي هٿن ۾ آهي ملڪ جو مان." حقيقت آهي ته قوم جو هڪ هڪ مرد پنهنجي ملڪ جو صحيح ايلچي آهي. اهو سبق اسانجي ديس واسين کي سکڻ کپي. واپاري هجي يا شاگرد، سيلاني هجي يا سرڪاري ملازم! جڏهن پرديس ۾ وڃي تڏهن هو اهڙي روش ۽ هلت هلي جنهن ٻين تي سنو اثر پوي ۽ هنن جي دلين ۾ سندس ملڪ لاءِ عزت وڌي.

خانبهادر تي ڏينهن سنڌ ۾ هو، پر گهڻو وقت اسان سان گذاريائين. ڏاڍو رلڻو ملڻو هو. حليم، سچا جو نيڪ ۽

نماڻو. مون کي پائي صاحب ڪري ٿي سڏيائين ۽ پريم کي بيٺا. پٽ رگهو وات سان ڪونه ٿي ڪونيائينس پر جيڪي سوڪڙيون هن کي ڏنائين تنهن مان ظاهر هو ته هو هن ٿي موهت ٿي پيو هو. سندس ڏنل فائونٽن پين اجا به مون وٽ آهي، پر پريم وٽ گهڻيئي شيون آهن. پريم گهڻيئي آنا ڪاني ڪئي پر هو چڏڻ وارو مڙس نه هو. چي "موت ڪانه ٿو ڏيان پر اِنسانيت جو قدر ٿو ڪريان. مان تو لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهيان ٿو پر ڇا ڪريان اهو سمجهڻ ۾ نه ٿو اچي." پريم کلندي چيو: "چاچا مون ڪيو ڇا جنهن لاءِ توهان ايڏي موت ڏيڻ ٿا چاهيو؟" هن چيو "ڪيو ڇا؟ نه ڄاڻ نه سڃاڻ، تون هندو ۽ مان مسلمان. ڀاڳمرادو اچي آڇ ڪيءَ ۽ پنهنجي برت مونکي ڏنيءِ! اجا ڇا ڪيءِ؟ وڏي ڳالهه اها آهي جو جيڪي ڪيءِ تنهن ۾ خود غرضي ڪانه هئي. وقت گذري ويو پر ڳالهه رهجي ويئي.

ڪام اِنسان ڪا اِنسان ۾ پڙتا هئه ضرور
بات رهه جاتي مگر وقت گذر جاتا هئه

هاڻ مونکي ٻڌاءِ ته مان تو لاءِ ڇا ڪريان؟" پريم ننڊائيندي چيو: "وقت تي ڪجهه گهري وٺندس". ٻنهي ڌاڙي هڻي انجام پڪو ڪيو.

پريم اِنٽر سائنس پاس ڪئي. سيڪنڊ ڪلاس ۾ آيو. ڊاڪٽري پڙهڻ ٿي چاهيائين پر انهن مارڪن سان بمبئي جي ڪاليج ۾ داخلا ملڻ مشڪل هئي. بمبئي چڙهي آيو پر ڪامياب نه ٿيو. حسن دين سان خط پٽ جي وات قائم هئس. پيو ڪيس احوال ڏيندو هو. بمبئي مان نااُميد ٿي

ڪلڪتي ڏانهن ويو. خيال هوس ته داخلا نه ملي ته گهٽ ۾ گهٽ دوست سان گڏجي ايندس. ڪلڪتي پهتو ته خانبهادر اسٽيشن تي بيٺو هو. موٽر ۾ چاڙهي گهر وٺي آيس. جڏهن واندا ٿي ويهي روح رهاڻ ڪيائون تڏهن خانبهادر پڇيس، "بمبئيءَ ۾ ڪو آسرو ڪونهي داخلا جو؟" پريم چيو "ناممڪن!" خانبهادر پڇيو "جيڪڏهن ڪلڪتي ۾ بندوبست ٿي سگهي ته ڳالهه وڻنديءِ؟" پريم چيو "ڪلڪتي ۾ ته بمبئيءَ کان به وڌيڪ ڏکيائي آهي. چون ٿا ته بينگالي هجي يا بينگال جو ڊوميسائيل هجي ته داخلا ملنديس نه ته..." اتي ۾ ڪاٽي خانبهادر چيو "تون منهنجو پٽ آهين نه؟ پوءِ پلا توکي بينگال ۾ ڏاريو ڪير ٿو ڪوٺي سگهي؟"- پريم پڇيو: "توهان بندوبست ڪري سگهندا؟" خانبهادر سندس ڪاڌيءَ تي هٿ رکي پيار مان چيو: "بندوبست ڪيو اٿم. سر بمل راءِ ڪلڪتي جو رئيس آدمي آهي. ميڊيڪل ڪاليج لاءِ وڏو چندو ڏنو اٿس تنهنڪري هر سال ٽي جايون هن لاءِ مقرر رهنديون آهن. منهنجو جهونو دوست آهي. هڪ جاءِ گهري ورتيمانس. ڏنائين ته سهي پر جڏهن ٻڌائين ته جاءِ نان بينگاليءَ ڏانهن ٿي وڃي تڏهن مُڪري ٿي ويو. مون ڪيس ڪاندوا سٽيشن واري سربستي وارتا ڪري ٻڌائي ته من پيڇي پيس ۽ انجامُ تي قائم رهيو." پريم ٿورو مڙڪيندي چيو: "توهانجي مهرباني ۽ سر صاحب جو احسان!"

خانبهادر سچائيءَ سان چيو: "نه منهنجي مهرباني، نه سر صاحب جو احسان. احسان جيڪڏهن ڪنهن ڪيو ته

تو پاڻ تي ڪيو. پٽ، نيڪي اجائي نه ٿي وڃي. ٻئي تي ڀلائي ڪرڻ وارو اِنسان سچ پچ پاڻ سان ڀلائي ٿو ڪري. چڱائي پوکيندڙ چڱائي ئي لڻندو. تو جهڙو ماڻهو ڊاڪٽر ٿيندو ته دنيا کي فائدو ئي رسندو. جنهنجي دل ۾ ديا آهي، محبت آهي ۽ سچائي آهي سو اِنسان ذات جو سچو دوست آهي ۽ هن مان هرڪنهن کي لاڀ حاصل ٿيندو. تو لاءِ جاءِ گهري مون توتي ڪوبه احسان ڪونه ڪيو آهي. پر توکي ڊاڪٽر بڻائي مان دنيا کي اهو ڊاڪٽر ڏيڻ ٿو چاهيان جو دکين جو دک ڪاٽيندو ۽ ڊاڪٽري ڌنڌي کي فقط پاڻکي شاهوڪار بڻائڻ جو ذريعو نه پر ٻين جي ڪشٽ ڪاٽڻ جو وسيلو بڻبو."

پريم ڊاڪٽر آهي، تمام ڪامياب ڊاڪٽر. جام پيو ڪمائي، پر جڏهن ڪو غريب بيمار وٽس علاج لاءِ ايندو آهي تڏهن هن جي دوا درمل ائين ڪندو آهي جئن ڪنهن امير آدميءَ جي ڪري. خانبهادر اڄ جيئرو ڪونهي پر سندس اکر پريم جي ڪنن ۾ پڙندا آهن: "پٽ، نيڪي اجائي نٿي وڃي، ٻئي تي ڀلائي ڪرڻ وارو انسان سچ پچ پاڻ سان ڀلائي ٿو ڪري. چڱائي پوکيندڙ چڱائي لڻندو. تو جهڙو ماڻهو ڊاڪٽر ٿيندو ته دنيا کي فائدو رسندو."

پريم سان خانبهادر جي جڏهن به ڳالهه نڪري تڏهن چوي: "مون ڪيو ڇا ۽ مونکي مليو ڇا؟" ۽ مونکي هروقت اهو خيال اچي "ڪر ڏري نه ڏيئي پري؛ پر جيڪي ڪرين سو ڪر دل جي سچائيءَ سان. سچيءَ دل تي صاحب راضي."

١٤. عمر خيام

ڪلياڻ بولچند آڏواڻي

عمر خيام جون دلپذير رباعيون مشرق توڙي مغرب جي عالمن، فيلسوفن ۽ شاعرن جي مجلسن ۾ حيرت انگيز مقبوليت حاصل ڪري چڪيون آهن. انهيءَ جو سبب هي آهي، جو منجهن سمايل فيلسوفي، مشرقي روحانيت پرستي ۽ مغربي عيش پرستيءَ جي عجيب آميزش آهي.

عمر خيام رڳو مي پرستي ۽ حسن پرستيءَ جو قائل ناهي، نڪي هو هڪ بيدين ۽ اخلاق کي الوداع ڪندڙ شخص آهي، جيئن ڪن ظاهر پرستن جي دلين تي اثر ويٺل آهي. خيام هڪ اعليٰ درجي جو فيلسوف آهي، پر هو گهڻن فيلسوفن وانگر خشڪ طبع نه هو؛ خوش طبعي سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. هن مذاق ڪيو آهي بيباڪ ۽ لاابالي نموني ۾؛ انهيءَ ڪري سندس باري ۾ غلط فهمي پيدا ٿي آهي.

جن رباعين مان بيدينيءَ جي بوءِ اچي ٿي، سي خوش طبعيءَ جي خيال کان چيل آهن. انهن کي رد ڏيندڙ رباعيون ڪافي انداز ۾ موجود آهن، جي گواهي ٿيون ڏين ته هو هڪ ديندار، خداپرست ۽ پاڪباز انسان هو. پنهنجي باري ۾ انهن ٻن مختلف راين جو ذڪر خيام اڳيئي ڪري ويو آهي:

”مون بابت چون ٿا تہ شراب جو پوڄاري آهيان — آهيان؛ مون بابت ٿا چون تہ عارف ۽ مست آهيان - آهيان. منهنجي ظاهري پاسي کي گهڻو نہ ڏسو، چو تہ اندر ۾ جيڪي آهيان سو آهيان.“

خيام لاءِ خدا جي هستي ڪائنات جي دفتر ۾ لکيل آهي. سندس شعر مان سندس ايشور پرستي شمس مثل ظاهر آهي:

جز هست خدا نيست يقين ميدانم

از دفتر كائنات اين مي خوانم.

”يقين ٿو ڄاڻان تہ خدا جي هستيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. قدرت جي ڪتاب مان اهوئي سبق پيو پڙهان.“

مغرب ۽ مشرق جي عيش پرستن ۽ مجاز پرورن کي عمر خيام جون ”مي ۽ ني“ ۽ ”نالهٔ چنگ ۽ شراب گلرنگ“ واريون لائيون وڻن ٿيون. رباعين جي انهيءَ مجازي پهلوءَ گهڻن جون دليون لنيون آهن ۽ هو عمر خيام مٿان ائين مفتون ۽ مست آهن، جئن شمع تي پتنگ. انهن لاءِ خيام جي سموري فيلسوفي هيٺئين شعر ۾ بند ٿيل آهي: ”اچو تہ گلگون شراب پيئون؛ شراب سرندي ۽ سارنگيءَ جي آواز تي پيئون.“ قدرت جي خوشنما لقاون جي رونق ماڻڻ جي دعوت، ۽ زندگي، خوشي ۽ خورميءَ ۾ گذارڻ جي هدايت — اهي خيام جون سوغاتون آهن: ”ڏس تہ هير لڳڻ سان گل جو دامن ڪيئن ڇهون ڇهون ٿيو آهي ۽ بلبل گل جي حسن کي ڏسي خوشيءَ ۾ اچي ويئي آهي! تون بہ گلن جي ڇانو ۾ ويهہ، چو تہ گهڻيئي هيڙا گل زمين

مان اپريا آهن ۽ زمين ۾ داخل ٿيندا." جن صاحبن جي دلين تي اثر ويٺل آهي ته خيام وٽ آهي ئي گل ۽ باغ، سبزي ۽ مي جي واڻي، تنکي هو خود سڄاڻ ڪري ٿو چوي ته اهو اثر باطل اٿو ۽ انهي عيش پرستيءَ ۾ نه اڙجو: "ڪيترو وقت لعلن جهڙن لبن ۽ شراب جي پيالي جي حوص ۾ گذاريندين؟ ڪيترو وقت دهل جي آواز، سرندي جي سرن ۽ ني جي لاٽ پٺيان لڳو رهندين؟ خدا ٿو ڄاڻي ته هي سڀ اجايو شور آهي. جيسين ٻڌن نه ٿوڙيا اٿيئي، تيسين ڪجهه نه آهين."

"گل و ڪوزه" (مٽي ۽ ڪنڀر) وارين رباعين ۾ عجيب سوز آهي: هيءَ ڪوزو (انسان جو موهٺو روپ) جنهن تي عقل هزار آفرينون پيو چوي ۽ پيار وچان پيشانيءَ تي سؤ چميون پيو ڏئيس: جهاني ڪوزا ناهيندڙ (خالق) ههڙا سهڻا ڪوزا ٿو ناهي ۽ وري انهن کي زمين تي ٿو هڻي! هي ڪنڀر جي دڪان وارو ڪوزو مون وانگر وجهل ۾ ورتل عاشق هو ۽ ڪنهن نازنين جي زلفن جي پيچ ۾ اڙيل هو! هي هٿيو جو سندس ڳچيءَ ۾ ٿو ڏسين، سو اهو هٿ آهي، جو ڪنهن نازنين جي گردن ۾ هو! هن نهر جي ڪناري تان سبزيءَ جي مٿان آهستي هل چو ته هي گاهه ڪنهن ماهرو جي لبن مان اپريو آهي! هيءَ رستي جي مٽي ڪنهن امير جي جسم جي خاڪ آهي، جو پنهنجي زماني ۾ هڪ مان شان وارو صاحب هو! يقين سمجهه ته جنهن هنڌ قدم ٿو رکين، اتي ڪنهن شهسوار جي سخي هٿ جي ترِي اٿيئي! هن آسمان گهڻيئي لعلن جهڙا لب ۽

مشڪ جهڙا زلف زمين جي صندوقڙيءَ ۾ داخل ڪيا آهن! هرهڪ ڪنڊو جو ڪنهن حيوان جي پير ۾ ٿو لڳي، سو ڪنهن سونهن جي صاحب جو وار يا ابرو آهي! هرڪا سِر جا ڪنهن محل ۾ لڳل آهي، سا ڪنهن وزير يا سلطان جي آڱر آهي! اي ڪنهن، سنڀال! تو سمجهيو ڇا آهي؟ پنهنجي ڇڪ تي فريدون جي آڱر ۽ ڪيخسرو جي هٿ جي تري رکي اٿيئي!" اهڙي طرح دنيا جي ناپايداريءَ تي عاشقانه رنگ ۾ ويچار ظاهر ٿو ڪري ۽ افسوس ٿو ڪائي:

هر چند که رنگ و بوئي زيباست مرا
چون لاله رخ و چو سرو بالاست مرا
معلوم نشد که در طربخانهٔ خاک
نقاش من از بهر چه آراست مرا

"منهنجو رنگ ۽ روپ ڪهڙو نه سهڻو آهي ۽ لاله گل جهڙو چهرو ۽ سرو جهڙو قد اٿم، ته به خبر نه آهي ته منهنجي نقاش (ايشور) خاڪ جي عيش خاني ۾ مونکي ڇا جي لاءِ سينگاريو آهي."

انسان جي تختهٔ زمين واري عارضي هستيءَ تي هي رايو ٿو ڏئي: "هيءُ آسمان جو چرخ، جنهن تي اسين حيران آهيون، تنهن کي فانوس خيال (جادو بتي) جاڻڻ کپيئون. سج کي بتي جاڻ ۽ جهان کي فانوس. اسين تصويرن مثل آهيون، جي منجهس پيا ڦرون. اسين پتليون آهيون ۽ آسمان پتليون نچائيندڙ؛ زندگيءَ جي غاليچي تي ڪڏي ٽپي وري هڪ هڪ ڪري عدم جي صندوق ۾ گم ٿي ٿا

وجون. پر ڪوبہ ڪونهي جو قضا جي اُستاد کان پڇي تہ
ڇو تو ناهين ۽ ڇو تو ڊاهين!"

کس نیست کہ استاد قضا را گوید

از بهر چہ مي سازي و چرا مي شڪني

عمر خيام هڪ عجيب مورتي هو! هنجو قلب هڪ
سوني ڪنجي هو، جنهن سان معنيٰ جي موتين جا خزانا
کوليائين. عمر خيام پاڻ کي خيام (تنبو ناهيندڙ) ڪوٺايو
تمثيلي طرز ۾. چي: "اي خيام! تنهنجو جسم تنبوءَ
مثل آهي. روح آهي سلطان، جنهن منزل هنئي آهي هن
فاني جهان ۾. جڏهين موت جو فراش وري ڪنهن ٻيءَ
منزل لاءِ تنبو ٿو پٽي، تڏهين سلطان ڪوچ ٿو ڪري!"
هي روحاني ولايت جو سلطان، هيءَ اَرضي ۽ عارضي منزل
طيءِ ڪري، عرشي ۽ ابدي منزل ماڻڻ ويو آهي!

١٥. ادو عبدالرحمان

امرلعل وسڻمل هنگوراڻي

ڪي ڪيس مست چوندا هئا ۽ ڪي وري ڪيس درويش سمجهندا هئا. شايد مست به هو ۽ درويش به هو. بدن جو پتلو، سنهڙو، ڪڻڪ رنگو هو. عام رواجي قد ڪان ڪي قدر ڊگهو. بدن تي اوڍيندو هو فقط گودڙي؛ صفا ننگن به ڪونه هوندو هو.

هميشه پنهنجي رمز ۾ رتو پيو هوندو هو. ڪڏهن مڙهيءَ ۾ ته ڪڏهن مسجد ۾. اڪثر شام جو سکر ۾ بندر تي "ميوو" رستي تي ريلوي گڊس آفيس جي ويجهو هٽن جي پرسان تن ڏينهين ساميءَ جا سلوڪ پڙهندا هئا. ويهي ڪن ڏيئي رس سان ٻڌندو هو. بعضي بعضي ائين پڻ پڻ ڪندو هو، "ادا عبدالرحمان، سمجهين ٿو ڪين نه؟ الائي ڪڏهن اڪ ڪلنديءَ!"

هڪڙي ڀيري رستي تي ايندي پٿر جي پير تي چوٽ لڳس. پاڻ کي چوڻ لڳو:-

"ادا عبدالرحمان، ڪيڏو نه مٺو ڦري ويو اٿيئي! اکيون اٿيئي آڪاس ۾. جيڪڏهن اکيون کولي هلين ها ته پٿر ٺوڪي ڪين لڳي ها." اِتي ويچار ۾ وېٺو رهيو. ساعت رکي چيائين: "ادا عبدالرحمان، ڏس کهڙو نه خود مطلبي آهين! ادا عبدالرحمان، ائين ڪو جڳائي جو پٿر پٽ تي ڇڏي

رمندو رهين؟ سياڻي ٻئي ڪنهن وانهڙوءَ کي لڳي وڃي!" وري ٿورو دم جهلي ۽ ويچار ڪري چوڻ لڳو: "ادا عبدالرحمان، جي چڱو مڙس آهين ته پٽڙ ڪٽي ڦٽو ڪر." ۽ پٽڙ ڪٽي پري ڦٽو ڪيائين.

اها سندس عادت هوندي هئي ته هميشه پاڻ سان ڳالهائيندو هو ۽ پاڻ کي سڏيندو هو "ادا عبدالرحمان." شايد پاڻ ڏسي پاڻ ۾ پيهي رمز ڀري گفتار ڪندو هو. جيڪڏهن ڪو ڪٽي پڇندو هوس ته "عبدالرحمان، ماني کائيندين؟" ته ڀريائين پاڻ کان پڇندو هو، "ادا عبدالرحمان، پڇيئي ٿو ته ماني کائيندين؟" وري پاڻ کي جواب ڏيندو هو "خوردن براي زيستن است، نه زيستن است براي خوردن." يعني کائجي ٿو ته ماڻهو رهي سگهي، زندگي انهيءَ لاءِ نه آهي ته پيٽ ڪٽي پيٽ ڪنجي. اهڙيءَ طرح صلاح مصلحت ڪندي جواب ڏيندو هو. پارسيءَ جو شاعر هو. شايد حافظ ته برزبان ياد هوس. شاهه ساميءَ ۾ به ماهر هو. سچل سائينءَ جو ته پوئلڳ. اردو به پڙهيل هو. ڪڏهن ڪڏهن جي اردوءَ ۾ پنجاب کان خط ايندا هئا ته عبدالرحمان کي ڳولهي پڙهائيندا هئا. سياءَ جو سانئيڪو هو. ٻي ڪا لالچ ڪانه هيس. ٿورو روٽيءَ ٽڪر کائي گذران ڪندو هو. گودڙي هميشه سياري ۽ اونهاري ڪلهي تي هوندي هئس. رات جو اها گودڙي پائي تاڻي سمهندو هو. پيل ڪٽي کهڙو به اونهارو هجي، گرميءَ ۾ پيو ساهه نڪري؛ پر هيءُ يار گودڙي پائي سمهندو هو. شايد محبوب سان ٻوڪان لڪي روح رهاڻ ڪندو هو.

هڪڙي پيري ڪو غريب اچي ناحق ۾ ڦاٿو. مٿس فرياد هئي ته وناٿونس چوريءَ جي واچ نڪتي آهي. پوليس سندس تلاشي ورتي هئي. مشيرن جي روبرو واچ سندس قبضي مان نڪتي هئي. واچ به سوني، مسلمان سيٺ جي هئي. فرياد مهينو اڳ ڏيل هئي. جوابدار تي ثابتي قوي ۽ مضبوط هئي. چنڊ مڪال هو. هوڏانهن سيٺ به بيٺل هو. جوابدار جو بچاءُ اهو هو ته هو هڪڙي سيٺ جي گهر هيڏان لنگهيو هو. سيٺ کي شڪ پيو ته هو سندس عورت کي اشارا ٿو ڏئي، سو ڪيس اتي پڪڙي مار ڪڍي هئائون. جيڪڏهن عبدالرحمان وچ ۾ نه پوي ها ته ماري سندس ساهه ڪڍن ها. عبدالرحمان جي به وچ پوڻ سان ڪو سيٺ مڙڻ وارو هو ڇا؟ ڇي اسانجي شرمن ڏانهن بدنظر ٿو ڪري. اسين عزت وارا ماڻهو آهيون. عبدالرحمان گهڻوئي وچ پيو، پر هنن نه مڃيو. تڏهن عبدالرحمان پاڻ کي چوڻ لڳو ته، ”ادا عبدالرحمان هيءَ سيٺ باز نه ايندو. ڪيس عزت جو خيال آهي. ٣٥ ورهين جي پيڻ ويٺي اٿس ته ان کي حق بخشائي ڏنو اٿس ته مٿان اباڻو حصو ڇڪي......“ ايترو چوندي بس ٿي ويو ۽ وري پاڻ کي چوڻ لڳو ته ”عبدالرحمان، تون ڪنهن جو پردو نه کول. وري سيٺ کي هٿ جوڙي سمجهاءِ؛ جي نه سمجهي ته پوءِ سچ چئي ڏج.“ عبدالرحمان پاڻ سان ڳالهائيندو هو ته ڪا پڻ پڻ ڪونه ڪندو هو. سڀ ٻڌندا هئا. ماڻهن اشارو سمجهي ورتو ۽ سيٺ به ٻڌو. ائين غريب جي جند آزاد ٿي. عبدالرحمان پردو ڦاڙڻ نه چاهيو ته به ڳالهه ماڻهن جي وات پيئي ۽ سڄي

کي ڪوڙي سيٺ جي ڏاڍي پڇار ٿي. جوابدار اهو بچاءُ ٿي ڏنو. ٻيا جيڪي ماڻهو هئا آس پاس وارا، سي شاهديءَ ۾ گهرايا هئائين. سيٺ شاهديءَ ۾ ڪورٽ منجهه سڄي ڳالهه بنهه انڪار ڪري ويو. جوابدار ٽي پاڙيوارا شاهد ڏنا هئا ۽ چوٿون هو عبدالرحمان. چار پنج شنوايون ته شاهد آيا هئا، پر ڪيس ڪونه هليو. ٻن شاهدن ٿان ته جوابدار کي هٿ ڪڻڻو پيو جو سيٺ اُهي جوفو ڏيئي پنهنجي پاسي ڪيا هئا. هڪڙو شاهد ڪو هڪڙي شنوائيءَ تي ڪونه آيو هو ته مئجسٽريٽ وٽسي وارنٽ ڪڍيا ۽ ڪن وچوارن چيس ته جيڪڏهن تون سبب ڏيندين ته سائين مونکي ڪاٻه خبر ڪانه آهي ته مئجسٽريٽ معاف ڪندو. ٽيئون ويچارو ته ائين پنهنجي جند ڇڏائي ويو. باقي رهيو عبدالرحمان. جوابدار جو وڪيل چوي ته ههڙي شاهد تي ڪئن بچاءُ بيهندو، پر جوابدار جو عبدالرحمان تي اعتقاد هو ته هو خداترس ماڻهو آهي، ڪنهن جو به لحاظ ڪونه رکندو.

عبدالرحمان کي ڪورٽ جو سڏ ٿيو. "ادا عبدالرحمان، ڪورٽ جو سڏ ٿيو آهي. ڪورٽ ۾ ادب سان وڃڻ گهرجي." سو هڪڙي جتي هٿ ڪري آيو هو. هرهڪ شاهديءَ تي اُها گوڏڙيءَ ۾ ويڙهي ايندو هو. نيٺ ڪيس ڪورٽ ۾ سڏ ٿيو. عبدالرحمان جتي شدمد سان پاتي. گوڏڙي ٻڌي ڪري ڳچيءَ ۾ وڌائين. اڃا اندر گهڙيو ته پٽيوالي چيس ته جتي ٻاهر لاهه. عبدالرحمان پاڻ کي چوڻ لڳو: "ادا عبدالرحمان، ڪورٽ جو پٽيوالو چوي ٿو ته جتي ٻاهر لاهه، چئينس ته ڪورٽ جي لاءِ ته جتي وٺي آيو آهيان."

پنيوالي کي چيائين ته ڪورٽ جي واسطي ته جتي وٺي آيو آهيان؛ ائين ڪندي اندر گهڙيو. مئجسٽريٽ هن کي ڏسي کلي ڏنو. اجا پڇري ۾ بيٺو هو ته مئجسٽريٽ ڪڙڪي سان پڇيس ته رلي ڪلهي تي ڇو رکي آيو آهين. عبدالرحمان پاڻ کي چوڻ لڳو ته "ادا عبدالرحمان، مئجسٽريٽ صاحب پڇي ٿو ته گوڏڙي ڳچيءَ ۾ ڇو پاتي اٿيئي. ڪورٽ ۾ آيو آهين؛ سمجهي پورو جواب ڏي. مئجسٽريٽ صاحب کي چوينس ته سائين هندو جڏهن ڪورٽ ۾ ايندا آهن ته بوڇڻ، ڊپٽو يا ٿوال ڳچيءَ ۾ پائي، پوءِ اظهار ڏيندا آهن. مون به انهيءَ ڪري گوڏڙي ڳچيءَ ۾ وڌي آهي. ڪورٽ جي ادب رکڻ لاءِ." (ڪورٽ کي) "سائين! هندو جڏهن ڪورٽ ۾ ايندا آهن ته بوڇڻ، ڊپٽو يا ٿوال ڳچيءَ ۾ پائي پوءِ اظهار ڏيندا آهن. مان به انهيءَ ڪري ڪورٽ جي ادب رکڻ لاءِ گوڏڙي ڳچيءَ ۾ وڌي آهي." جواب پورو ۽ لاثاني هو.

سرشتيدار- چئو ته خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس ۽ سچ کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪين چوندس.

عبدالرحمان- (پاڻسان) "ادا عبدالرحمان! سرشتيدار چوي ٿو ته خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس. سچ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين چوندس. سرشتيدار چوي برابر سچ ٿو." (سرشتيدار کي) "خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس ۽ سچ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين چوندس."

سرشتيدار- نالو؟

عبدالرحمان- (پاڙ ڪري) ادا عبدالرحمان، سرشتيدار صاحب نالو ٿو پڇي. چئينس عبدالرحمان. (سرشتيدار کي) "عبدالرحمان."

اڪثر ڪورٽ ۾ ڪي قدر ٺهڪڙو هو. مئجسٽريٽ ته ڦيريائين مشڪيو ٿي، پر پوءِ ٿورو خفي ٿيڻ لڳو. وڪيلن مان هڪڙي وڪيل اُٿي مئجسٽريٽ کي انگريزيءَ ۾ سمجهايو ته هن جي اها اصل عادت آهي. جڏهن سرشتيدار پڇيس: "مذهب؟"

عبدالرحمان- (پاڙ ڪري) "ادا عبدالرحمان، سرشتيدار صاحب مذهب ٿو پڇي. ادا عبدالرحمان، ياد ڪجانءِ ته قسم ڪنيو اٿيئي ته سچ ڪانسواءِ ڪجهه به ڪين چوندس. سوال ته ڏاڍو اُگرو آهي. جي چوان ٿو ته مسلمان، ته هندو دل ۾ ڪندا، جي چوان ٿو هندو، ته مسلمان ڪندا دلي، سچ ڪري چؤ. اڙي ادا عبدالرحمان! ٿوري ۾ منجهي پيو آهين! ٻڌائينس "سچل" جو گفتو، "هندو مومن نه آهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان."

سرشتيدار- مئجسٽريٽ ڏانهن منهن ڪري نهارڻ لڳو.

مئجسٽريٽ- (سرشتيدار کي) لکينس مسلمان.

سرشتيدار- عمر؟

عبدالرحمان- ادا عبدالرحمان سرشتيدار صاحب عمر ٿو پڇي. اسان چئون مسلمان نه آهيون ته مئجسٽريٽ لکي مسلمان. سرشتيدار کي چوينس ته پل اهو به مئجسٽريٽ کان پڇي. (سرشتيدار کي) سائين! اهو به پل مئجسٽريٽ کان پڇو.

عبدالرحمان جي فقط اينتري چوڻ جي دير هئي. مئسٽريٽ کي گنجي اچي ويئي ۽ تمڪائي عبدالرحمان کي چيائين ته ”چٽ! چڱيءَ طرح اظهار ڏي. ڪورٽ ۾ آيو آهين!“ عبدالرحمان مشڪندو رهيو ۽ پاڻ کي چوڻ لڳو ”ادا عبدالرحمان، مئجسٽريٽ چويٿو ته چٽ چڱيءَ طرح اظهار ڏي. عبدالرحمان! مئجسٽريٽ کان پڇ ته چٽ ڪنهن کي چئجي.“

اجا عبدالرحمان مئجسٽريٽ کي چوي ئي چوي ته مئجسٽريٽ چيس ته ”چٽ اڻ پڙهيل کي چئبو آهي.“

عبدالرحمان- (پاڻ کي) ادا عبدالرحمان! تڏهن تون چٽ ڪونه ٿئين. تون سنڌي، پارسي، اردو، سنسڪرت ۽ هندي ڄاڻين. تون پنج ٻوليون ڄاڻين. مئجسٽريٽ صاحب کان ته پڇ ته پاڻ گهڻيون ٻوليون ڄاڻين!

عبدالرحمان- (مئجسٽريٽ کي) سائين!

مئجسٽريٽ اڌ ۾ ڪپي چيس ته ”چٽ اهو جو انگريزي نه ڄاڻي.“

عبدالرحمان (پاڻ کي) ”ادا عبدالرحمان، مئجسٽريٽ صاحب چويٿو ته چٽ اهو جو انگريزي نه ڄاڻي. تو پڙهيل جو پٽ! پڻس ڏڪ منشي، پڇينس ته سائين، تڏهن توهانجا ابا ڏاڏا جي انگريزي نه ڄاڻندا هئا، سي به چٽ هئا. يعني توهان ٿيا چٽ جا.............. مئجسٽريٽ گرم ٿي ويو ۽ يڪدم پنو ۽ قلم کنيائين ۽ عبدالرحمان کي چيائين ته ”توتي چونه قاعدي جي ڪارروائي ڪجي، ته تو ڪورٽ

جي بي ادبي ڪئي آهي. هينئر گهٽ نہ ڳالهاءِ، جيڪي لکڻو هجيئي سو لکي ڏي."

عبدالرحمان قلم ۽ پنو کڻي هيٺين ريت لکيو:-

جناب مئجسٽريٽ صاحب!

ادي عبدالرحمان ڪورٽ جي بي ادبي نہ ڪئي آهي. توهان پاڻ ڪورٽ جي بي ادبي ڪئي آهي. اجوڪي ڏينهن ۾ ٻين شاهدن کي گاريون ڏنيون اٿو. ادي عبدالرحمان کي گاريون سندس گوڏڙيءَ جي پلؤ کي بہ نہ لڳن. توهين ماڻهن جا حاڪم نہ آهيو پر سندن نوڪر. اسان شاهد ڪورٽ ۾ پاڻ تہ ڪونہ آيا آهيون، توهان گهرايو آهي ۽ آئي جو آدر بہ اهو! ڪير توهان جي ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيندو، جي شاهدن تي گارين جي ورکا پوندي؟ توهين سبب ڏيکاريو تہ توهان کي ڇو نہ موقوف ڪيو وڃي، جو توهان ڪورٽ ۾ شاهدن کي گاريون ڏنيون آهن، تاج جي بي ادبي ڪئي آهي.

عبدالرحمان تہ جئن توهان ڪانئس قسم کڻايو آهي تہ "خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس، سچ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪين چوندس،" سوئي سچ چيو آهي.

١٦. لٺ پلاڻ

ٽيرٿ وسنت

گوپ هارمونو کڻي اڪيلو ويٺي ڳايو:

”سورداس ساجن درشن بن - نئنن نير ٻهيو
پريت ڪر ڪاهو - سک نہ لهيو؟“

ڳائيندي دل ڀرجي ٿي آيس ۽ لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي ٿي پيس. پڇيومانس: ”دوست، اهو گيت ڪٿان جهٽيءِ؟“

”هڪ رمتي راڳيءَ وٽان.“

”رمتو راڳي! راڳي آهن يا نہ، پر هيئنر رمتا تہ سڀيئي آهن. ڏس، ماڻهو ڪيئن نہ رلي ڪلهي ٿي ڪنيو رمندا رهن ٿا.“

”اڪيون پير ڪري، وڃجي و وڃجي“ جي تار پيئي تن ۾ هلين. مون وراڻيو.

”اباڻا اجهہ، مائٽاڻا پاڙا، مڪتب مندر ڇڏي، راتو واهہ لڏيندا، ملڪ ڇڏيندا ٿا وڃن. ڏس، ڪيئن نہ ڏنڊا ڏاڙي ڇڏي، يارن سان الوداع ڪري، منڙي وطن کان وڇڙي، ڪٺو ڪٺو ٿي ٿا وڃن. ناز جا پاليل اڄ رت رئندا، ڳوڙها ڳاڙيندا پيا وڃن. ڪن وٽ ڪفن بہ ڪونهي؛ ۽ نہ ٿا ڄاڻن سندن لاش ڪهڙي مساڻ ۾ ويندو. ليڪن ڀڙڪ نہ ٿا ڀاڦن، نہ ڪو سور ٿا سلن:

”وهان تہ ويرم ٿئي
وڃان تہ واڪو ٿئي
پاڙي پوي پچار.“

تنهن هوندي به آباڻي تڙ ترڪڻ ڏسي، ڏيهين جا ڏوراپا ناگوار سمجهي، توڪل جو ترهو ٻڌي، درياهه جي دهشت جو سانگو نه ڪري، ري ملاح، ري مڪڙيءَ سير ۾ ڪاهيندا ٿا وڃن. پريان هيبتناڪ هلچو هل، قحط ڪنگالپڻو، مرض ۽ مصيبت شيڪي رهيا آهن. مگر هرڪو:

"مونکي ڪا ۾ جهلي - هرڪا پاڻ پلي،"

چوندو، وراڻ جي مڪ ۾ ڏوڪيندو ٿو وڃي. من ۾ فقط هڪ ئي خيال واسو ڪري ويٺو اٿن:

"ڪهه آسڻ، ٻن جيڏيون ڏيراڻو ڏئار
ترڪڻ آهي تڙ ۾!"

هائو، جي وطن ۾ قرب ناهي ۽ وطني بي مروت-ٿي پائرن کي ڏڪارين ٿا، ته پاسو ڪري وڃڻ ئي بهتر آهي......

تنهن هوندي به ائين ناهي ته اِهي لوڏيل پنهنجي مدهوش وطني پائرن جا بدخواهه هئا. جاچي ڏٺم ته اڪ ۾ لڙڪ هوندي به سندن دل مان دعا پئي نڪتي، ۽ وطن کي آسيس ڪندا پئي ويا:

"مينهون هن ميهار جون، الله سي جيئن،
ڪاريون ڪکيون ڪنديون، وارا ڪيو وين،
جوءِ جا جاندارن جي، ٻيلا ٻهه ٻهه ڪن."

"هوءِ ديس دروهي ناهن، نڪي ڏيس واسين جا مٺ-گهرا" مون وراڻيو.

"اِئين برابر آهي. اسين هن مٽيءَ جي پيداش آهيون ۽ سنڌ اسان جي ماتا سمان آهي. مگر جت نه آهي آبرو نه عزت، جت ڏارين لاءِ آءِ پاءُ گهڻو ۽ پنهنجن لاءِ قوت ٻوڏ،

جت پنهنجن کي مفلس ۽ ذليل بنائڻ ۾ وطني خوش ٿين ۽ سندن پائماليءَ ۾ پنهنجي آسودگي پسن، اُتي گهارڻ آهي عبث، آهي عبث!" گوپ وراڻيو.

"اهو خيال صحيح ناهي. سنڌي مسلمان اهڙا خبيث ناهن. البت ڪجهه وقت کان خودغرض ۽ سياسي شاهينگن جي ساري زور آهي، جنهن ڪري هندن جي دل تي اهو اثر ويهي ويو آهي. سنڌ جا عام مسلمان لڪ لهن. آخرڪار هو به اسان جو جان جگر آهن. مذهب اصل نسل بدلائي نه ٿو سگهي،" مون وراڻيو.

اِتي هوت اچي سهڙيو ۽ چيائين: "توهين ته ڪي عجيب جانور آهيو. ملڪ پيو ٻري، توهين وينا مرليون وڄايو. شرم نه ٿو اچيو. شهر ۾ راڪاس گهمي ويو آهي. پناهگيرن قليليءَ طرف ٻن موٽن سيٺين جو ڦوڙائين سان مغز ڦيهيو آهي ۽ ڦرلٽ به ڪئي اٿن."

"تنهنجي کوپري ته سلامت آهي نه؟" گوپ پڇيس.

"اهڙيءَ ويل اُتاولو نه ٿجي. صبر ڪر،" مون چيس.

اسان وچ ۾ نهايت چٽو بحث شروع ٿي ويو. آخرڪار قلعي طرف وياسون، جتي هندن جو اثاثو ڪٺو ڪٺو ٿيو هو. عجيب نظارو هو. پيهه مان لنگهي نانڪرام هال وٽ آياسون. هڪ واڻئي پنهنجي حڪايت ويني ٻڌائي. چي: "منهنجي نياڻيءَ جو ڏاجو ڪٺي ويا. گاريون به ڏنائون، ٺپڙ به ڦريائون." تنهن تي ٻئي پڇيس: "ڏاج جي قيمت گهڻي؟"

"پنج سؤ روپيا."

”بس، ٿوري ۾ ڇتو آهين.“ ٻئي ٻي رخو ٻڌائجي ڇيس.

”اڙي ڇا ٿيو! ٿئج پياڪن جي ڪير جون ٻوتلون، ڊبل روٽيون، ڏوتل چادرون، پراڻيون فراسيون، بلڪ اڏ ڪم آندل دوائون به ڪٽي ويا. وس پڄين ها ته پيٽ ۾ کاڌل ماني به آندي مان ڪڍي وٺن ها،“ ٽئين چيو.

”سرڪار ڪانهي. انڌ ڌنڌ آهي،“ ٻئي چيو.

”يارو بادشاهه گردي آهي.“ ٽئين سر وڌايو.

”ڀلا هينئر ڪٿي هلبو؟“ پهرئين پڇيو.

”جتي هري اِڇا،“ ٽئين وراڻيو.

”اڙي ڀائي، هتان ايشور به پاسو ڪري ويو آهي، لاشڪ اسين اهڙا پاپي آهيون.“ پهرئين چيو.

”جي اسين آهيون پاپي، ته جتن ڪهڙا پڄ ڪيا آهن؟“ ٽئين رد ڏنو.

”وري به ڀڳونت جي پاڻي ۾ ڀنو رهجي، نيٺ ٻيڙو ٻني لائيندو.“ پهرئين پنهنجي عقيدي جو اظهار ڪيو.

”گرو ته نهيو، پر اِهي ساڌ سنت جي مفت جا ڪٽاهه کائي متارا ٿيا آهن، سي ڇو ٿا پڄن؟ اِئين آهي ڇا ته هي به اسان جو اڳ ٿا جهلين، جئن اسان جي رهئي کهئي ماس مان جاوا ڪن. يارو اِهي ٻجهون آهن ٻجهون. وڌائن پڄي پاسو ڪريو.“ ٻئي منهن ڪسارو ڪري چيو.

”ساڌو گهڙيا ٿي مفتخوريءَ لاءِ آهن. ليڪن هني شيواڌاري به مردارخور ٿي پيا آهن. ڏس نه ڪيڏي نه ٿيڳر اٿن. ڪجهه گهر ڇڏيوسون، ڪجهه واٽ تي ڦريائون. باقي رهي کهي به اهي شيواڌاري هڙپ ڪري ويندا. اسين

وٺائي فقير واري ٽڏي گڏھہ تي ۽ رلي ڪلھي تي رکي مارواڙ جي پوني تي هلي وهنداسون. يارو، ڍونڊ تي ڳجھون ولر ڪري آيون آهن." چوٿين خارن مان چيو.

"چونہ ٿا هند سرڪار جي ڪراچيءَ واري وڏي ڪاموري کي لکي موڪليو!" هڪ پوڙهي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي مشورو ڏنو.

"هائو ٻيلي، دانهن بنا داد ڪنهن جو ٿيو ڪينڪي. ورنہ اهي سرٽيون ماس پٽي ويندييون." ٻئي سر وڻايس.

"جيڪي منجھہ مات، سو دانهن ڪندي ڪين ٿئي."

"جتي پنهنجا وينا ڦرين، اُتي ڏارين کي ڪھڙو کھڪاءُ ايندو؟ ٽئين ٻئي کي رد ڏنو.

"بخشي يار اوگڻ ساڏا
تہ ويندي ڪوئي نہ نڳي
جي پڪڙي سوڙهي گلي
توڙي هوندي پئسي پلي
لاُابالي صاحب دربار تيري
چارا ڪسي ڪا نہ چلي."

اسين بہ اهي سلوڪ گفتا پڏي اسٽيشن طرف اُسهياسون، جتي هنڌ، پيتيون، ٻگون، مسلم گارڊس ڪولي تي ڏنيون. اهڙو ڪو ورلي هو، جنهن جي ٽپڙن مان ڪا شيءِ نہ ٿي ڪڍيائون. ڪيسي خرچيءَ بنا پير چورڻ جي اجازت نہ هئي. ڪوليءَ ڏيڍ ڪان پنجين روپئين تائين داڳيني جي ڪٽاٽي تي ورتي. بابوءَ بہ ناٽو جام ڪمايو هو.

اسٽيشن تان موٽندي چاچو چيلارام منهن چڙهيو. ساڙس هڪ وڏيرو هو، جنهن چيس، "پر اِهي واڻيا پنهنجن چو ٿا؟ ٻوڙ پلاءَ جي دعوت ملي اٿن ڪيئن، جو جهڳا ڇڏي هتي اچي ڳاهٽ ٿيا. آهن؟ يار ديسي سيٺ ڪنهن، پرديسي کهڙا پرين!"

تنهن تي چاچي ورائيس، "توکي کهڙي ڪل."

"سؤ ريتيءَ سؤن، وڃي اَڻ سؤ ريتيءَ سان اوريا،
هنجو پنجري ئي نه پيري، هوءَ وڃي پئي وَهلؤن،
ڪوجو پرايائين پؤن، اڳي ڪان اگري ٿسي."

وڏيري کي اِهو گفتو دل سان نه لڳو.

"نڪي ڪڪر آسمان ۾، نڪا مينهن ڦڙي، -
نڪي ترارين ئي ڏاءُ ڪيو، نڪا جنگ ئي جڙي،
ريڻ جئن رڙي، ڪانئر نڪتا ڪوٽ مان."

"اسين نه ٿياسين ڪانئر! پر اِهي ڪُذات مومن هند مان پنهنجي سنڌ ۾ چو آيا آهن؟" چاچي پڇيس. اُنهيءَ وچ ۾ سوپراج صوفي به اچي ويو ۽ پير ۾ ٻهي وڏيري کي چيائين:

"ادا، جي ڏمري ڏاتار، ته چنا ڇڏائي."

تنهن تي وڏيري درست ڪيس:

"جي ڏمري ڏيهه ڏٺي، ته چاچا ڇڏائي."

هن مزيدار واتاوَرن تي ڪي ٻيا هندو مومن به اچي ڪٺا ٿيا. انهن مان هڪ مومن چيو:

"الله وٽ اِنصاف آهي. بي اِنصافي ڪانهي. انگريز ملڪ ڦري پينگو ڪيو. هڪ صدي مؤجون ماڻيائين. نيٺ

هن جنگ ۾ لنډن به تباهه ٿي ويئي. واڻين مسڪين مسلمان ڦريا. رت ڏنو اسان، پيٽ ڀريو سندن. ڪيڏو هرڪو ٿو لوڙي، ڪو اچ ڪو سيان."

"ساريءَ دنيا ڏٺي ڪئي! سڀني لوڙيو ۽ سڀئي چٽ ٿي ويا." صوفيءَ ڪمال صداقت سان چيو.

"سچ ٿو چئين. سائينءَ جي جوڙ آهي." وڏيري آکيو.

چاچي ڪي ڳالهه نه آئڙي، سو چيائين، "توهانکي وڏيرو ڪيوسون، ڪتِ وهاري ڀاڻ پٽِ ويناسون، اُڏيءَ ڪٽيءَ هڙان ڏنوسون، خون چوريءَ جي ڪيسن مان ڇنڻ لاءِ وڪيلن جون فيون ۽ ڪامورن جون وڍيون اسان جي ڪيسي مان نڪتيون، شاديءَ غميءَ همراهه ٿياسون ۽ توهان جا پير فقير پنهنجا مرشد رهبر ڪياسون، تنهن هوندي به اِها شڪايت؟"

ديوان ڏنگي سنگهه به چاچي جي تائيد ڪندي آکيو:

"اسان ته هي عمديون عمارتون ۽ شهر اڏيا آهن. سڪول ڪاليج، هال لئبرريون، اسپتالون مسافرخانا ۽ باغ اسان جي عقل ۽ محنت ۽ صرفي جو نتيجو آهن. ذات مسلمان اسان جي پئسي تي پي ٿڳيو."

"واڻين نه ڪنئين ڪوڏر، نه تغاري! ڄڻن جيان پورهيتن جو رت چوُسي، ويا مٿارا ٿيندا. هاڻي ته جون اسان هي ڪيو ۽ هو ڪيو. پورهيو ۽ ان مان ڪمايل پئسو حق اِنصاف مطابق اسان مزورن جو آهي." هڪ ڄاموٽ وراڻيو.

"مومن وٽ پئسو هوندو ته شيل شڪار ڪندو ۽ ڪڪڙ ويڙهائيندو. هيڏين جاگيرن هوندي به اسان ڪونه ڏٺو ته ڪنهن مسلمان ڪو مڪتب يا مسافرخانو ٺهرايو." ڊنگي سنگهه چيو.

"مسلمان ڦڪڙ آهن. هندو ماڪيءَ جي مک جيان ڪوئي ڪسوئي ماکي گڏ ڪن، پر قدرت جو اِهو راز آهي ته مک جي نصيب ۾ ماکي ناهي." وڏيري چيو.

"ٻيلي، باغ پوکيو اسان مسلمانن ۽ باغ لٽيو واڻين. اُئين سندن مانارا ماکيءَ سان ٺمٽار ٿيا. ڦوروءَ کي ڦرڻ خدا توڙي اِنسان جي قانون ۾ جائز آهي؟" جاموٽ چيو.

"اسان ڦريو به ڪيئن؟" چاچي وراڻيو. "ڪوئٽ هئي، قاعدو هو. اسين ملڪ جا والي ته ڪين هئاسين! حڪومت انگريزن جي، جاگيرون مسلمانن جون، رئيس امير، ولي اولياءَ مڙئي مسلمان. ڪجهه وقت ڪان ڪامورا به اڪثر مسلمان هئا ۽ ملڪ ۾ آدم به گهڻو مسلمانن جو هو. البت هنر ۽ صرفي، محنت ۽ حرفت وسيلي، اسان پاڻ کي اُگرو ڪيو. اُنهيءَ ۾ ڪهڙو گناهه ڪيوسون؟"

"قاعدو چٽ چا چاڻن! پنجن جا ست ۽ ستن جا ٻارهن ڪري جاهل ڦريو. ڪيٽ واڻئي جي پيٽ پيل آهي،" جاموٽ چيو.

"اُهو زمانو صديون اڳ گذر ڪري ويو. پوياڻ اڳين جي خون جو عيوضو ڏيندا ڪيئن؟" چاچي وراڻيو. "يار سڪن گڏ ٿا آلا ٻرن. انقلاب آهي. ماڻهو اهڙي پل ڪن ته برابر، پر الهه سائين ائين ڪري ته ارمان."

”الهہ ۾ ايمان آڻت ٿو ڏئي ۽ عاجزي سهي وڃڄي ٿي.“ سوڀراج صوفي وراڻيو.

”دنيا ۾ شاهوڪاري سرشتو آهي. رڳو هندن کي ڏنبڻ ۽ ميرن جاگيردارن جي ڪڌن ڪرتوتن تي ڪڪہ پن وجهڻ ڪٿي جو نياءُ آهي؟ مسلمان عملدارن جا بہ افعال ڏسو. ڦيرائڻو آڻو تہ سرشتو ڦيرايو. باقي پنهنجا پراوا ڏوهہ هندن تي مڙهڻ، ’تو نہ، تہ تنهنجي پيءُ گاريون ڏنيون هونديون،‘ وارو قصو آهي!“ چاچي چيو.

تنهن تي ٻنگي سنگهہ چيو:

”گرگ مير و سگ وزير و مُوش ديوان ميشود
زاغ ضابطہ خر طنابي، ملڪ ويران ميشود.“

ائين چئي اک ٽيڏي ڪري چاچي کي چيائين: ”متان وڏيري جي پٺ ڇڏي اٿئي. زمين جي پارٽ ڪرينس تہ تنهن جي پرپٺ ڪڍو ڪسو نہ ٿئي.“

تنهن تي چاچي چيس:

”ميهارن مينهون ڇڏيون، تنهنجون کهڙيون پارتون؟
سنڌ ڇڏيسون تہ باقي وري باتيون چاجون؟“

”سنڌ ڇڏي وڃي ٿو بارميڙ، جتي پاڻيءَ ڦڙو نہ جڙي،“ وڏيري ورجايو.

”ڏوري ڏٺوسون ڏيهہ، ڪو ٿڪن سنڌو هيِ ٿر،
نہ ڪو ڏندڻ ڏيهہ ۾، جنهن سان ياڙي لاهن مر،
اِها پليتن پر، جو جاما ڇڏين جوءِ ۾.“

”اڙي يار، چا بہ چؤ. اسان جو هاڻي آهي سنڌ کي سلام! سرڪار جا ڪوڙا قاعدا. ڪامورن جا ڪوڙا واعدا.

ان مان نہ مليا، ڪنهن کي فائدا،
نہ هڪ سان نباهن، نہ ٻي سان وفا،
ڏنم وڏيرن ۽ اميرن جي ٻہ سخا.
ڏين ٿا ٻس ڏنائي ڏنا- چون ٿا ڪريو مٺا سٺا.
جي ٻہ آهن گشائي گشا.
ڪوڙو سندن ڪلمو- ڪوڙو اُٿن ڪلام
اِها چالبازي ڏٺم عام جام.
تنهن ڪري آهي سنڌ کي سلام- سلام- سلام!"

چاچو چيلارام اِئين ويو لفظي گهڙت گهڙيندو. اتان وڏي موهنداس ڌرمشالا ۾ آيس، جتي پوڙها ۽ مريض اچي گڏ ٿيا هئا ۽ "تڏي سيڪا پرائي وجي، پر سوُر هرڪا پنهنجا روئي" وارو قصو لڳائي ويٺا هئا. البت اهو صاف ظاهر هو تہ پڇار رڳو سوُرئي سوُر جي هئي. ڪن گهٽا ڪن ٿورڙا، ڪانہ هئي سوُرن ڌار! انهن پوڙهن جو هڪ پير قبر ۾ هو ۽ ٻيو قبر جي ڪني تي. تنهن هوندي بہ "ڏنا جي ڏاتار، سي جهوليءَ پائي جهليا" جو اَمولڪ گيان پراپت نہ ٿيو هون.

شاهي بزار ۾ پناهگيرن جي پيهہ لڳي پئي هئي. لنگهڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويو. هندو پاڙن ۾ نئون شڪليون ۽ عجيب لباس ڏٺم ۽ نراليون ٻوليون ٻڌيم، جي سنڌ جي ريت چال جي پيٽ ۾ ڪسيون ٿي لڳيون. ڪٿي بہ صفائي سٺائي ڪانہ هئي، جنهن ڪري ٻي اختيارشاهہ جو گفتو وات مان نڪري ويو:-

سر سيءَ ساڳيا، پر پڪي منجهن ٻيا،
جن لنوين تي لاتيون ڪيون، سي ويچارا ئي ويا،
هاڻي ڪوجها ڪانگ پيا، جن ڪنجهر ڪِٽي ڪِن ڪيو.

اهي اڻ وڻندڙ ويچار دهرائيندو، موٽ ڪاڏم، مگر رستي تي لڏ پلاڻ ڏسي:

"هو ڏا پلاڻين، منهنجو هنءَون تو هيٺو ٿئي."

محسوس ڪري نهايت اُڪير ڀري نگاهه سان گهر جي درن درين چِتين ڀِتين ڏي نهاري، دل ۾ چيم:

"در و ديوار پي حسرت ڪي نظر ڪرتي هئن
خوش رهو اَهل وطن هم تو سفر ڪرتي هئن."

هائو دل رني تي ۽ چيائين تي، "نيٺ هتان هلبو، ملڪ ڇڏبو" مگر پِٺ عيوض اندر مان آسيس نڪتي اڳين يارن دوستن ۽ هم وطنين لاءِ:-

"خوش رهو اهل وطن، هم تو سفر ڪرتين هئن".

١٧. جوانيءَ جو نشو

چيتن ماڙيوالا

اِندوءَ کي تازو آفيس ۾ اِضافو مليو هو. ڪيس سپريڊنٽ آف اِسٽيبلشمينٽ جو عهدو عطا ڪيو ويو هو. بالا عملدار هڪ جوان نينگر کي جيڏي جوابداريءَ جو عهدو ڏيڻ، تنهن لاءِ ڇوُ ڇاهه ڪان گهڻو ڪنجهه مٿي گهربل هو. اهڙي لياقت اِندوءَ ۾ جهجهي هئي، جنهن وجهي هٿي هند ڪيو. اڪثر ڪري عملداري عهدا برابر زوربار آڻڻ سان حاصل ڪري سگهبا آهن، پر اِندوءَ ۾ شخصي خاصيتن ڪانسواءِ ٻيو هوئي ڇا جو ڪيس اُسرڻ ۾ مدد ڪري! سندس پيءُ برابر هڪ بزرگ ۽ برک پروفيسر هو. شهر ۾ نڪرندو هو ته ونس پڙهيل شاگرد جهجهي انداز ۾ ڪافي ادب سان اچي ڪيس گڏبا هئا، پر جيئن ته پاڻ ساري عمر آدرشڪ اُصولن جي اوٽ وٺي حياتي گهاري هئائين ۽ زماني جي چال موجب ڪنهنجو به "ڪم" نه ڪيو هئائين، ته هاڻ ادب جي سلام ڪان وڌيڪ سندس سفارش هلي نٿي سگهي. اڪثر ڪري ڪنهن تي اٺانگو بوجو وجهندو ته ڪين هو، پر جي لاچار وات وجهڻو پوندو هوس ته اڳلا بي ڌڙڪ سندس آدرشڪ اُصولن جي اهل ڪرڻ شروع ڪندا هئا. پر اِندوءَ کي سفارش جي گهرج هئي ئي ڪهڙي! اِندوءَ بمبئي وشو ودياليه مان بي- اي آنرس ڊگري حاصل ڪئي هئي. آڪهه واري ڪٽنب ۾ جنم وٺي هن فضيلت ڀري حياتيءَ جو ڪافي

مزو چکيو هو. پاڻ تي پاڙڻ جي چڻ ماڻس کيس سٺي وڏي
هئي ۽ پيءُ کان واجب ڏيکه جو ورثو حاصل ڪيو هئائين.
شڪل جي پوري ساري، بدن ۽ بيهڪ جي ڊولائتي،
ويس وڳي ۾ وڻندڙ، اِندوءَ پنهنجي ڪلمڪ هلت چلت ۽
اَٽڪ اورچائيءَ سان پاڻ لاءِ ٻين ۾ پيار ۽ سؤمان جو سلو
پيدا ڪيو هو. اِهوئي سبب هو جو زوربار ايندي به بالا
عملدارن وڏي آڊمبر ۽ نوڪريءَ جي عرصي جي خيال کي نظر
انداز ڪري اِندوءَ کي وڏو عهدو ڏياريو.

اِندوءَ جو پگهار وڌيو، مان مرتبو وڌيو، ته ماءُ پيءُ جي
چورا ڪورا به وڌي. پروفيسر صاحب خيال ڪيو ته نينگر
وڏوَرتي چڪي آهي، هاڻ سندس اُڪلاءَ ۾ دير پوڻ نه
گهرجي. هن زماني ۾ جڏهن چوڪر چوڪريون اوچي وديا
پرائين ٿا ته عقلمند وڏڙن جو فرض آهي ته جن به ڳالهين سان
نندڻن جو لاڳاپو هجي، انهن ۾ سندن صلاح وٺجي. اِندوُ
وَر وَڪڙ کان هونءَ به وٺؤ ويندي هئي، تنهن ڪري جڏهن
ماڻسنس شاديءَ جو ساڻس ذڪر ڇوريو ته هن ٻاهرين لهج جو
ذرو به آڌار نه ورتو.

گوبند به ناهوڪو جوان هو ۽ جيڪڏهن پروفيسر صاحب
محسوس ڪيو ته اِندو ۽ گوبند جو جوڙو واه جو ٿيندو ته
پروفيسر صاحب هرحال ۾ صحيح هو. گوبند تازو اِنجنيري
امتحان پاس ڪيو هو ۽ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر
بيٺو هو. کيس نوڪريءَ جون سئيون آڇون آيل هيون،
پر هن اجا ڪابه اَنگيڪار ڪانه ڪئي هئي. هو دل من
سوچي رهيو هو ته شادي ڪري، نوڪري ماڻي، ٿانئيڪو

ٿي ويهي رهان يا ولائت جو چڪر هڻي، وڏي نوڪري
هٿ ڪري، پوءِ گرهست جي جهنجهٽ ۾ پوان. گوبند
سمجهو جوان هو. هن ڪو به اُهڙو قدم کڻڻ نٿي چاهيو،
جو پوءِ اُبتو قدم ثابت ٿئي. ڪيس ولائت موڪلڻ لاءِ
مائٽنس ۾ سمرٿي هئي. انهيءَ سبب چاهيائين ٿي ته چونڊ
وچي پنهنجو آئينده ٺاهي اچان. پر ڪيس هڪ خيال
روڪي رهيو هو: سندس ماءُ پيءُ پيرسن ٿي چڪا هئا. پاڻ
زور ڀڏي ها ته ولائت وڃڻ جي لاچار هو ڪيس موڪل ڏين
ها، پر دل ۾ ارمان ضرور رهين ها. هو سندن هڪئي
سڪيلڌو پٽ هو. سندن خواهش هئي ته هو شادي ڪري
گهر ٺاهي وهي؛ پوءِ جي چاهي ته پِل ولائت جو چڪر هڻي
اچي. گوبند منجهي پيو. شادي ڪئي ڪانپوءِ گهر ڇڏڻ
مشڪل هو. پر مائٽن کي ناراض ڪرڻ به نه پيو ٿئيس.
ٻئي ڪارڻ نه ته گهٽ ۾ گهٽ سڪ سرڏا صدقي ٿي سهين،
ڪيس مائٽن جو چوڻ موٽائڻ نه کپندو هو. جيڪي به پيءُ
ماءُ سندس لاءِ ڪيو ۽ سٺو هو سو سڀ نظر انداز ڪندي به
هڪ ڳالهه سندن فائدي ۾ هئي ٿي هئي. گوبند، ماءُ پيءُ کي
پنهنجي هردي ۾ والاريل جاءِ ڪان وانجهي نٿي سگهيو.
پيار جو سنبند ڪيس لاچار ڪري رهيو هو. هن سوچيو ته
جي مائٽن جي آرزو کي ٺڪرائي آءٌ ولايت ويندس ته
پيءُ ماءُ وڇوڙي جي ڏک ۾ ڏجهندا رهندا؛ ۽ جي قضا سان
ولائت ۾ مونکي ڪافي وقت رهڻو پوي ته شايد اُنهن ٿي
ارمان ۾ ساس سڪالو ٿي وڃين. پر هن ڏک جا ته هو ڪنهن
به حالت ۾ اڌڪاري نه هئا. (پنهنجي سک خاطر ٻين جي

جيون دکي ڪڇجي، اِها تہ آپسوارٿي ڇٽجي ۽ نہ اِنسانيت تنهن ڪانسواءِ ولائت وڃڻ جي ويل وهامي تہ ڪين ويئي آهي. شاديءَ ڪانپوءِ بہ ٻاهر وڃي سگهجي ٿو؛ ان لاءِ فقط مَن جي اِسٿرتا گهرجي. ٻنهي پاسن کي توريندي گوبند مائٽن جي ڳالهہ رکي ۽ شادي ڪرڻ قبولي. اِندوءَ تہ گوبند ڏٺي هئي ۽ ڪي قدر واقف بہ هئس، تنهن ڪري اِها مائٽي ڪيس بلڪل منظور هئي. پروفيسر صاحب ڏيءَ مڱائي گد گد ٿيو. پر اِندوءَ مفت ۾ ٿوري ئي ٿي هئي. سچا سارا ٽيہ هزار مٺا سٺا ٿيڻ جو پربنڌ ڪيل هو. گوبند ڏي وٽ جو بوجو مائٽن تي ئي وڌو هو. هن انهيءَ ڏانڊل کان پاڻ کي پري رکڻ ٿي چاهيو. مائٽن بہ موقعي جو فائدو وٺڻ ٿي گهريو. سندن ڇوڪر جو اِمتحان ۾ پهريون نمبر بيٺو هو، سو وات ڦاڙي ڏيتي ليتي وٺڻ تي سندرو ٻڌو هئائون. حقي واجبي پروفيسر جو گهر گوبند جي آکہ کان گهڻو چڙهيل هو، پر پروفيسر ڇوڪر تي هرکيو هو ۽ خاص سوچ ويچار ڪانسواءِ ڪٽي "ها" ڪئي هئائين. شيءَ ڏيڻ بعد پئسن ڏيڻ جو سوال اُٿيو. جڏهن اڳہ پيچي جو حساب لڳايائين تہ انگہ اِت هٽي بيهي رهيا. پروفيسر صاحب منجهي پيو. مڙساٽو انجام ڏيئي ڦري نٿي سگهيو. نہ ڪِ پروفيسر وٽ ايترو پئسو ڪين هو، پر سپ تہ اِندوءَ بلي ڪين ٿي خرچي سگهيو!! هُو گهرواريءَ سان پهڻ لڳو. هونءَ تہ ڪٽنب جي مڙني پاتين جي منهن مان سرهائي پئي بکي، پر ڪنهن ڏينهن اِندوءَ آفيس مان اچڻ ويل ماءُ پيءُ کي ڇپن ۾ ڳالهائيندو ۽ خاص گنڀير ڏسندي

هئي. اِهو لقاءُ ڏسي ڪيس البت اُڻتڻ ٿي ۽ لاچار در پنيان ۽ بيڪڙن ۾ پاڻ لڪائي، ڪن لائي، ماءُ پيءُ جي گفتگو ٻڌڻ لڳي. انهيءَ ڪري هوءَ جهٽ تاڙي ويئي ته گهوٽالو ڇا تي مٿو هو. ڪيس به البت فڪر ويڙهي ويو، نه انهيءَ ڪري ته خرچ جو پورائو ڪيئن ڪبو يا ناڪار جي حالت ۾ شايد مائٽ نٿي پوي، پر انهيءَ سبب ته هوءَ مائٽن کي بي چئن ڏٺو سهي نٿي سگهي. معاملو اهڙو نازڪ هو جنهن بنسبت گهڻو ڪليو بحث به نٿي ٿي سگهيو. اِندُو سمجهُو نينگر هئي، تنهن ڪنهن ريت قصي ناهڻ جي پاڻمرادو ذميواري پنهنجن ڪچڙن ڪلهن تي هموار ڪئي.

اِندوءَ جي شاديءَ جي تِٿ تاريخ مقرر ٿي ويئي. گوبند ۽ سندس مائٽ بئنگلور کان اچي بمبئيءَ لٿا. پروفيسر صاحب هڪ طرف ڌيءُ جي شادي سبب پرسن پئي نظر آيو، ٻئي طرف اندريون ڏُکُ پرڻ سبب ڪي قدر ڍِلو به پئي لڳو. شاديءَ جي هر ڪا تياري ٿي چڪي هئي، فقط مقرر ڏينهن ۽ مهل اچڻ جي دير هئي. شاديءَ کان ٻه ڏينهن اڳ ڪو ٻارهن ماهو ڏينهن هو، سو گوبند جي اچي دل ٿي ته اِندوءَ سان گڏ سانجهن جو چڪر هڻي اچان.

گهمندي ڦرندي گوبند ۽ اِندو فورشور روڊ تي سرڪاري بنگلن لاڳيتو سمنڊ جي ڪناري تي سيمينٽ جي ٻڻ ڇپن تي ٿڪ ڀڃڻ ۽ هواخوريءَ لاءِ اچي ويٺا. ڳالهين تان ڳالهيون ڇيڙيندي اِندوءَ چيو: "اِهو ڪهڙو حساب آهي، جو پڙهيل ڪڙهيل ڇوڪرا به ٿا ڏيتي ليتيءَ جي ڇڪ ڪن؟"

گوبند- ڇو لالچ فقط اڻ پڙهيلن کي ٿيندي آهي ڪيئن؟

اِندو- پوءِ ته پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ۾ فرق رهيو ئي ڪهڙو؟

گوبند- تفاوت ته گهڻوئي آهي، پر پئسي جو پاسو ڪير ڇڏي! بمبئيءَ جي دنيا جو ته سُرُئي اِهو آهي:

"اَت به ناڻو، ويهه به ناڻو، ناڻي بنان نر ويڳاڻو."

اِندو- پڙهيلن جو ته ڀربون فرض آهي ته هر ڪنهن قدم کڻڻ کان اڳ سوچين ۽ ويچارين ۽ جيڪي ساڄهه پريو هجي سو ڪن.

گوبند- پر اِندو، پاڻ ڪي ڪس ڪير لائيندو! تنهن ڪانسواءِ ڇوڪرن جو مٽو ڦيريو به ڇوڪرين جي مائٽن آهي نه!

اِندو- نياڻين جا مائٽ ته انهيءَ ڏي وٽ سبب ئي ته موڙها جهوڙا پيا آهن، پوءِ هو ڪيئن پنهنجو گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ لاءِ جوابدار ٿي سگهن ٿا؟

گوبند- اِهو ته سنهنجو ترقميءَ جو حساب آهي. ڇوڪريون پلا آهن جهجهيون، سو هرڪو مائٽ منتظر آهي ته منهنجي نياڻي اڳهِ اگهي، متان مورڳو رهجي نه وڃي. بس پوءِ ٿئي چڙهت شروع. جنهن جو واڪ مٿي، تنهنجي نياڻي تڳي.

اِندو- اِهو ته نياڻين جو نيلام ٿيو!!

گوبند- ته ٻيو وري آهي ڇا؟

اِندو- ته پوءِ ڇوڪرين جا مائٽ روئن ڇو ٿا! تنهن ڪانسواءِ ڇوڪرين کي به غيرت نٿي اچي؟

گوبند- انھيءَ ۾ غيرت جو سوال آھي ئي ڪھڙو! حالتون ئي ھرڳالھ لاءِ ماڻھن کي مجبور ٿيون ڪن. ھرڪو ڳجھن وانگيان وات ڦاڙيو بيٺو آھي، جنھن کي جيڪو لقمو نظر ٿو اچي، سو اھو ڳرڪايو وڃي.

اندو- انھيءَ حساب ۾ ته نسورو ڇوڪرين جو ڏوھ آھي، جو ھو پاڻ کي بازار ۾ نيڪال ٿيڻ ۾ راضي آھن. ھنن ۾ پنھنجو قدر ناھي. جيڪڏھن ڪو پنھنجي عزت جي پرواھ نه ڪندو ته ٻيو ڪير سندس ڪھڙو مان رکندو! اھو ئي ڪارڻ آھي جو پئسي ڏيڻ ڪانپوءِ به ڇوڪريون دکي آھن.

گوبند- ھن ۾ عزت ۽ قدر جو سوال ئي ڪھڙو آھي؟ تنھنجي پيءُ جھڙي پڙھيل ۽ ناميارې پروفيسر به ته ڏکڻا ڏيڻ قبولي آھي، پوءِ باقي ڇا!

اندو- اھو ئي ته نسورو ناحق آھي جو مان سمپڻ ٿي چاھيان. دادا کي برابر ھرڪنجڻ جو سبب ھو، پر نه ھڙ قرائڻ جو.

گوبند- آخر انھيءَ جو مطلب ڇا؟

اندو- منھنجو مطلب ته صاف ظاھر آھي. موںکي چڱي سٺي نوڪري آھي، ڪافي وديا پيٽ پيل اٿم، چڱي آکھ جي آھيان ۽ تن بدن به موںکي سٺو نصيب ٿيو آھي. موںکي اھڙي شاديءَ جي ضرورت ئي ڪانھي جنھن ۾ سوداگريءَ جو حساب انڪيل ھجي. جتي پئسي جي ڏي وٺ ٿئي ٿي اُتي پيار جي ڏي وٺ ٿي نه سگھندي. پيار بنا شادي ڪھڙي؟

گوبند- اندو، تون اڄ چئين ٿي پيئي! شاديءَ جا ڪارڊ ماڻهن کي پهچي ويا آهن، پيو سڀ بندوبست ٿي چڪو آهي، هاڻي ڇا ٿي سگهندو!!

اندو- شادي ٿي ته ڪانه گذري آهي نه! پوءِ سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو. فقط اخبار ۾ اشتهار وجهائڻ جي ضرورت آهي.

گوبند- انهيءَ ۾ بي عزتي ٿيندي ۽ ماڻهو ڇا چوندا!

اندو- هاڻ ته عزت جو سوال سولو ٿو اُٿي!! باقي ڇوڪرين جي عزت جي ڪنهن کي به پرواه نٿي رهي!

گوبند- هيئن اڳي ته ڪڏهن ٿيو ئي ڪونهي!

اندو- ائين ٿيندو تڏهن ته مغز ٺڪاڻي ايندو، هونءَ زال ذات جي ڪنهن کي ڪهڙي پرواه رهي آهي!

گوبند- تو گهران هن ائٽم بم ڇوڙڻ جي موڪل ورتي آهي؟

اندو- مان بالغ آهيان، مونکي موڪل جي ڪابه گهرج نه آهي. آئيندي جي سک ۽ خوشيءَ جو مونکي ئي فيصلو ڪرڻو آهي. مان سمجهان ٿي ته مان شادي ڪري سڀ سک ۽ خوشي پراپت ڪري سگهنديس. اُن ۾ ذرا ماترا به شڪ ناهي. پر جنهن ويل مونکي خيال ۾ ايندو ته اُن لاءِ منهنجي دادي کي سچا سارا ٽيهه هزار، ساري عمر جي ڪمائي، ڏيڻي پيئي، تنهن ناڻي مان پنهنجي نظر ۾ ڪري پونديس، جنهنڪري اِهو سارو سک مون لاءِ بيڪار بڻبو.

گوبند- مونکي خبر ڪانہ هئي تہ تو ڪو شاديءَ جو اهڙو گهرو اڀياس ڪيو آهي! مونکي اِها فيلسوفي اڄا مغز ۾ ڪانہ ويٺي آهي.

اندو- (انهيءَ سمجهڻ ۾ ڪهڙي فارسي آهي؟) ماڻهو سک ۽ آنند تڏهن حاصل ڪري سگهن ٿا، جڏهن منجهن ڀيد ڀاءُ ڪونهي، جڏهن هو هڪ ٻئي کي هڪ جهڙو ۽ پنهنجو ڪري سمجهن ٿا. جيون جي رٿ جا ٻئي ڦيٿا جيڪڏهن هڪ جيڏا نہ آهن يا سندن چال ساڳئي ڍنگ جي نہ هوندي تہ اُن جيوت مان جس ڪهڙو پراپت ٿيندو!!

گوبند- تہ ڇا تو اڄ جو موقعو پئي ڳوليو ڪيئن؟

اندو- بلڪل اِئين.

گوبند- تو جيڪا حجت اُٿاري آهي، تنهن جوڳو خيال لهڻو. تنهن ڪري سڀاڻي وري گڏجڻ جي ضرورت آهي.

اندو- ڀلي. هاڻ ڪافي دير بہ ٿي آهي، تنهنڪري اُٿڻ گهرجي.

* * * *

شاديءَ واري ڏينهن "هندستان" اخبار ۾ اشتهار ڇپيو تہ ڪن سببن ڪري گوبند ۽ اندوءَ جي شادي صبح جو ماجسٽريٽ اڳيان ٿيندي، تنهنڪري جن بہ سڄڻن کي شاديءَ جا ڪارڊ پهتل آهن، سي صاحب شام جو جئہ هند ڪاليج هال ۾ ڄاڻايل وقت تي چانهہ پاڻيءَ تي اچن.

١٨. ندرا ديوي

پوپٽي رامچند هيرانندائي

ندرا! جڏهين رات پنهنجي ڪبوترائين چادر اوڍي، اسانجي دنيا ۾ قدم ڌري، تڏهين تون مات ميٽ ۾ هنجي چادر پٺيان لڪي هلي اچين.

ٽوڪي ائين لڪندو ڏسي، تارا هڪ ٻئي کي اشارن ذريعي اها ڳالهه ٻڌائي، شيطانيءَ سان وٺي مشڪندا آهن.

ٻالڪ جي ماتا پنهنجي سنيهه ڌارا کي منڙي لوليءَ ۾ بدلي تنهنجي راهه پيئي تڪيندي آهي. انسان سڀ ڪجهه وساري، اڪيون پوري تنهنجي ڌيان ۾ مشغول ٿي ويندو آهي، پر تنهنجي آهٽ ڪنهنکي ٻڌڻ ۾ ئي نه ايندي آهي. الائي ڪيئن جادوءَ رستي تون سڀني وٽ پهچي ويندي آهين.

تنهنجي حاضري محسوس ڪري، ڌرتي سک جو ساهه کڻندي آهي ۽ فضا ۾ سناٽو ڇانئجي ويندو آهي. تنهنجي اچڻ سان ئي هيءُ سنسار هڪ جادو نگري بڻجي ويندو آهي.

ديوي! تنهنجي ڪومل ۽ مڌر ڇهاءَ ۾ انيڪ نعمتون ڇپيل آهن.

ويچارو پورهيت واري ڏوئي، پٽ ڪٽي، پيٽ لاءِ جڳهيون جوڙي، سارو ڏينهن پيو هڻجي ۽ سهڪي. اُن مزور جي مدد تو بنا ٻيو ڪير ڪري؟ سندس شرير جي پيڙن، ڊنڀن ۽

گنلن جزن جي مرمت ڪري، تون ڪيس نت نئون زور بخشيندي اچين.

مريض ڪنگهي ڪنگهي يا ڦٿڪي ڦٿڪي پيو ماندو ٿئي. سوين ڪٽي ڊاڪٽر ميڙي، پر تون جي هڪوار ڪيس پنهنجي آغوش ۾ جهلين ته سندس اڻ ڊرد غائب ٿيو وڃي. (وڌوا جو هردو ٻيج جي چندرما کي پنهنجي ڀڳل چوڙي سمجهي وياڪل ٿي وڃي.) سفيد بادل کي پنهنجي مئل خوشيءَ جو جنازو سمجهي، سندس دل دک جي دونهين سان گهيرجي وڃي. پر اُن گهايل نارکي جي تون پنهنجي ٻانهن ۾ جهلين ته هوءَ اُها نويلي نار بڻجي وڃي، جنهنجي نظر آڪاش جي ستارن تي ۽ قدم ڪومل پشپن تي پوندا آهن. (ندرا! توکي اسانوٽ موڪلي واليءَ اسان سان ڪيڏو نه وڙ ڪيو آهي!) دکن ۽ سورن کان نجات ڏيندڙ ديوي! تون اسانتي ڪيڏو نه ڪرم ٿي ڪرين! جنهنجي گهڙي نه گذري، تنهنکي ورهين گذارڻ جو ڏس ڏيو ڇڏين؟ جنهنجو پريتم وڇڙي، تنهنکي وصال ڪرايو ڏين، جنهن کي حياتي وهه ٿيو پوي، تنهنجي اڻ عمر ترڪايو ڇڏين! تون گدا کي شاهه، نوڪر کي مالڪ، بدشڪل کي حور ۽ اياڻي کي سياڻي بڻائڻ ۾ ويرم ئي ڪين ڪرين. سپني جي دنيا جو سير ڪرائي، سپني کي پرسن ڪيو ڇڏين. (اهو خواب آهي ته خواب ئي سهين. هوئين به جيڪي ڪجهه جاڳندي ماڻيون ٿا، سا وري ڪا حقيقت آهي ڇا؟ وقت گذرندي اڳيون سڀ ڳالهيون سپني مثل ئي ته

ڀاسنديون آهن! پوءِ جاڳندي جي سڪ ۽ سپني جي سڪ ۾ آخر فرق ئي ڪهڙو؟

اي لپائيندڙ راتڙي! تو وٽ سڀ ڪنهن نموني جي خزانن جا اکٽ ڀنڊار ڀريل آهن. تو وٽ نه ڀيائي نه دئائي. وات مان ڳف وهندڙ شرابي هجي، چاهي معصوم مشڪ مشڪندڙ ٻالڪ، سخت زمين تي سمهندڙ فقير هجي، چاهي ريشمي گديلي تي ليٽندڙ امير، تون ٻنهي کي پنهنجي دامن جو سهارو ڏين. جيڪو جهول جهلي اڳيان بيهي، تنهنکي ڪجهه نه ڪجهه ڏيندي اچين، پر تنهنجو هٿ ڪڏهين خالي ئي نه ٿئي.

شال نه ڪنهن سان رسين! تون جنهنکان منهن موڙين، تنهنجو حال ئي برو ڪيو ڇڏين. توکي راضي رکڻ لاءِ سيڪو پيو تنهنجا ناز نخرا سهي. جنهن وٽ وڃڻ کان آر ڪرين، سو تنهنجا ڏس پتا پڇڻ لاءِ حيران ۽ پريشان پيو ٿئي. ڀلا دنيا جي ريتين کان تنهنجي ريت نرالي؛ تون ڏنوان ٻدران مسڪين تي وڌيڪ مهر ڪرين، پوءِ تنهنجيءَ آڪڙ اڳيان ڪنهنجو دم هلي؟

سياڻا توکي موت جي ڀيڻ ٿا سڏين. لاشڪ تنهنجو موت سان گهاٽو سنٻنڌ آهي. ائين ڪٿي چئجي ته تون مرتيوءَ جو ننڍڙو روپ آهين يا مرتيو تنهنجو وڏو روپ آهي، تڏهين به نيڪ ئي آهي. موت نئين زندگيءَ جو دروازو آهي ته تون ٻئي ڏينهن جو لنگهه آهين. مرتيو پنهنجي گرڀ ۾، گذريل زندگيءَ جو تت ٻج جي روپ ۾ ڪٺي، اُن مان نئين زندگي جو ورکيه پوکي ٿو. تون به

پنهنجي دامن ۾ گذريل ڏينهن جو سار ڇپائي، ان مان نئين ڏينهن جي ترقي ۽ اُنتيءَ روپي وليون وڌائين ٿي.

هي ديوين جي ديوي! توکي ندوري ۽ نياڳي سڏي، کي تنهنجي نندا ڪن ٿا. چي: "هنجي ڪري ئي مومل پنهنجو راڻو رسايو ۽ سسئيءَ پنهنجو پنهل وڃايو!"

پر اي سدوري سياڳي راڻي! تون نه هجين ها ته سومل جي سياڻپ، مومل جي موچارپ ۽ راڻي جي غيرت وارو افسانو امر ڪيئن ٿئي ها؟ سسئيءَ جي سڪ، جنهن جبل جهاڳي ۽ پهڻ سان پير پٽوُن ڪري، آخر پاڻ ۾ ئي پنهون پسيو، تنهنجي هنڌين ماڳهين هاڪ ڪيئن پوي ها؟

ڇا يوگي توکان ڪنارو ٿا ڪن؟ ڪرڻ ڏين. اسين ته پنهنجي پالينڌڙ وشڻوءَ جا پوئلڳ آهيون، جو سرشٽي سنڀالڻ جو ڪم ڪرڻ بعد، کير ساگر جي ٿڌي هير جا ٽڪيرا کائي، توکي يوگ ندرا سڏي، اکين ۾ وهاري ڇڏيندو آهي.

اسين به ڏينهن جي جد و جهد ڪري، محنت مزوريءَ جو يوگ ڪمائي، پوءِ تنهنجي شرڻ ۾ ايندا سين.

تو بنا اسانجي ڪيئن سرندي؟ جيئن وڻ لاءِ پاڻي، تيئن انسان لاءِ ننڊ تون مفت جي معجون آهين. اسانجي جيون شڪتيءَ جو دارومدار توتي ئي آهي. تون نه هجين ته سرشٽي ئي ٻانواڊول ٿي وڃي.

ندرا! تنهنجو روپ ته ڪنهن ڏٺو ڪينهي، پر مان پڪ سان ٿي چوان ته تنهنجي مک تي پريم، اکين ۾ شانتي، آهٽ ۾ گيت ۽ سپرش ۾ سک آهي.

١٩. ڏيڻ جي ذات

چندرا آڏواڻي

ڏاتار بيشڪ ڏاڍو آهي پر ونندڙ ويچارو. سخي وڏيءَ سگهه جو صاحب آهي پر سائل سديو سڪڙو ۽ سقيم. پيوتار جي پاڻي تي جاجڪن جون جماعتون پسبيون، پر مسڪين جي ماڳ تي محض مرون ملڻ به مشڪل. مالڪ هر ڪنهن جو مطلوب، پر بندي کي ڪو بيٺو ڪونه سهي. (منگتو مدامي محتاج آهي ۽ بادشاهه بي نياز.)

سنسڪرت ۾ هڪ سلوڪ آهي، جنهن جو ارٿ آهي ته ابر هميشه اوچو آڪاس ۾ اُڏامي ٿو، ڇاڪاڻ ڏيڻ جو ڏاڻ عطا ٿيل اٿس. هوڏانهن بحر جي بيهڪ بر مٿي آهي ۽ ڪنڌين جي ڪڙين ۾ قابو آهي، ڇو جو هر چيز هضم ڪرڻ جي هير اٿس. سج ڪل ڪائنات کي پنهنجي ڪرڻائن سان منور ڪيو ڇڏي. نه گهري عيوضو ۽ نه ڪري پاسخاطري. انهيءَ ڪري سندس سروپ سم ۽ آستان اِستر آهي. باقي سيار ۽ ستار ڏسو ڪهڙا نه سرگردان ۽ پريشان ٿا ڏسجن! پيا سندس چوڌاري چڪر ڪاٽين. (بيڪاري چنڊ ته حال ڪان بي حال آهي.) سندس روپ ۽ روشني سج جي هٿ وس. پورنماسيءَ ڏينهن پُر پرڪاش پسبو ته اُماس ڏينهن عدم پيدا.

(عطابخش جا سؤ ساٿي ٿين، موڏيءَ جو مائٽ به نه ليي.) مکڙي منهن کولي ٿي ڪين، ته ڀانورن ڀونرن جون

بهيرون اچي، سندس سرس سڳنڌ جون سلامي ٿين. جيتوڻيڪ: "ڪنور ڀارون ڀاتار ۾، ڀونر ڀري آڪاس." شمع شعاع ڪڍي ٿي ڪين ته سندس شيدائي پتنگ، سر جو سانگو نه ڪري، ڪيئن نه ٿا اچي اُتس ڳچين جا ڳچ ڳاڙين! برساتي بوند ڪري ٿي ڪين ته ساگر جي سطح تي اُجايل سپون ڪيئن نه واس ڦاڙي واجهه ٿيون وجهن! هڪ نوڪريءَ لاءِ ڪيئن نه سؤ ڄڻا، سرٽيفڪيٽن سهت اچي ٿا سهڙجن!

ڏيڻ واري جو ڪيڏو نه ڏهڪاءُ! ڪيڏو نه ڏاڍ! سيڪو پيو سندس اڳيان ڏڪي. زور زبر وارو جو ٿيو. چئن ڏوڪرن جو خاوند، خادم جي وقت، قوت ۽ اوقات جو وارث بڻجي ٿو پوي ۽ پونجيءَ وارن جو پئسو ڇا نه ٿو ڪمال ڪري؟ ڪيڏي نه ٿو حڪمراني هلائي! (بيوس انسان جي آواز، آتما ۽ وويڪ کي ويڙهيو ڇڏي.) جوگيان پرماڻو شڪتيءَ جو گيان ڏنو آهي، پر سات سانت وشو کي وناش جي وات تي پل ۾ نيڻ جي شڪتي رکي ٿو. سچ آهي ته داني جا هٿ چار ۽ پينار جا ٻئي هٿ ڪپيل رهن ٿا.

ڏيڻ وارو لاغرض، لاغم ۽ لاپرواه رهي ٿو. سندس هنياريءَ تي چڙيل آهي ته تسي ٻوه ڪري يا رسي ريڌائي ڪري. معشوق جي ماڻي جو ملهه عاشق سري ڏيئي ڳنهي ٿو. ماه روءِ جي محبت جو عيوضو قربدار ڪسڻ سان چڪائي ٿو. ماتا جي صفت سونهري اکرن ۾ درج ٿيل آهي ڇاڪاڻ ته هوءَ ڏيئي ڄاڻي، وٺڻ جي وائي نه اٿس.

وڏا ڇڱي ويا آهن ڏنو ٻنو آهي. ڏيڻ سان اِنسان وڏي ويجهي ٿو. قدرت جو ڪرڻ "سمرپڻ" جو سر آلاپي ٿو.

"ڏيئي ڇڏڻ ٿيو، رکڻ دوبار،
ڪرڻ گهرين ٻن مان چار، ته ٻيئي کي ڏي."

دنيا جي هرهڪ چيز، جنهنجا توهين جي هن وقت مالڪ آهيو: سمجهي ڇڏيو ته توهين اُنجي قيمت جيتري ڇوڙي قرباني ڪري چڪا آهيو، تڏهين اُن شيءِ تي توهان کي حق حاصل ٿيو آهي هڪ مرڪ جو ملهه سؤ لڙڪ، ته هي هيڏا ڌن من ۽ ڌن جا سڪه منش ماڻي رهيو آهي، اُهي ڪيترين نه آهوڻين جو اُجورو هوندا، اُن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. بهتر آهي ته اهڙي حساب ڪتاب ۾ نه وڃي حياتيءَ جو مول منتر ڪڍي "ڏيڻ" رکجي ۽ نه "وٺڻ". وٺڻ کان ايئن وٺؤ وڃڻ گهرجي جئن واٺڙو وڃونءَ کان. علم، عقل ۽ امداد عطائون اِلاهي امانتون سمجهي ونڊيندو ۽ ورهائيندو رهجي. انهن امانتن ۾ خيانت ڪرڻ سان خلم مچي ٿو؛ فتنو ۽ فساد ڦهلجي ٿو.

پر ڏيڻ گهڻو ڏهلو آهي. ڏيڻ جا وجهه ڏاتر ور ور ڪيو اِنسان اڳيان اُڇلي ٿو، پر منش منهن موڙ ڪيو وڃي. اکين هوندي اکين سڄو، ڪنن هوندي ڪنن ٻوڙو بڻجيو پوي. جي ڏيندو به ته پنهنجي مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ. ڏسون ڪين ٿا ته ڪي ڏين ٿا ناموس لاءِ، ته ڪي ڏين ٿا پيٽي ناڻي ڪمائڻ لاءِ، ڪي ڏين ٿا ڪنڌ تي ڪاتي اچڻ بعد، ڪي ڏين ٿا مٺ ڪوسي ڪرڻ لاءِ، ڪي ڏين ٿا زوربار هيٺ اچي، ڪي ڏين ٿا ڪم ڪڍائڻ لاءِ، ڪي ڏين ٿا

هوڏ وچان، ته کي ڏين ٿا چنانچه پينتيءَ جي چڙ تي. (کي هرفن مولي ڏيندا هيد ذري، هوڪو ڏيندا هٿ جو. ڏيندا ڦلن مٿ ته لوڏ هٽندا لکن جي:)

پيهجل راءِ ڏياچ کي چيو:

"ڏيڻ گهڻو ڏهلو، سسي ڏيڻ سڪ،

سو تان ڏياچ ڏک، جو تعلق رکي تند سين."

ڏيڻ جي ذات کي شاهه صاحب ڪيڏو نه اوچو ڪڍي ٿو وڃي! سسي لاهي ڏيڻ کي تيچ ٿو سمجهي. سر جو سودو سستو ٿو سمجهي. ڇو جو، آجل آڏو ڪنهن جي آنهن نانهن هلي آهي؟ ڪال جي ڪوٽ کان ڪنهن ڪڏهن ڪند ڪڍايو آهي؟ مطلب ته شاهه زمان جي اڳيان هرڪنهن جا هٿيار هيٺا ٿيو وڃن.)

"جو تو ڏيڻ ڏياچ، لاهي اي سر سيڪو ڏئي." (سخاوت دان اُنهن جي سڦري آهي، جي شوق سان شهادت کي شيرين شراب سمجهي لبن تي رکن ٿا. ديس جي صدقي، سچ جي صدقي، ڌرم جي صدقي ۽ پريم جي صدقي، سر ترين تي رکي، ميدانِ جنگ ۾ ڪڏي ڪاهي پون ٿا، وهه ڏسي وهسن ٿا، ڪند ڪلهن تان ڪپائين ٿا؛ هام نٿا هڻن؛ ٻڙڪ ٻاهر نٿا ڪڍن؛ ٻاڦ نه ٿا ٻاڦين.

٢٠. چترڪار

ايشوري جوتواڻي

سندس جنم جرمني ملڪ ۾ ٿيو. هو انوکو چترڪار هو. پنهنجي ڪلا ۾ ماهر ۽ مشهور هو. چتر چٽڻ وقت هو اهڙو ته ليِن ٿي ويندو هو، جو پنهنجي سڌ بُڌ نه رهندي هئس؛ ڄڻ ڪو پوڄاري پنهنجي اِشٽ ديو جي آرڌنا ۾ رتل هوندو آهي! سندس چترن ۾ عجيب ڪشش ۽ نرالي جهلڪ نظر ايندي هئي.

ماڻهو سندس تصويرون ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. سندس چتر بي جان نه لڳندا هئا، پر ڄڻ زنده تصويرون هونديون هيون، جي ڏسندڙن کي ور ور ڏسڻ لاءِ ڪشش ڪنديون هيون. ان ڪشش جو راز هوندو هو ڳُوڙهو ڳاڙهو رنگ، جو هيءُ نقاش پنهنجن تصويرن ۾ ضرور چٽيندو هو. انهيءَ رنگ جي جهلڪ انوکي هوندي هئي ۽ چترن ۾ هڪ نرالي رونق نمودار هوندي هئي.

ٻيا انيڪ چترڪار، ڪيترين ڪوششن جي باوجود به اهڙي رونق يا رنگ جي جهلڪ ظاهر نه ڪري سگهندا هئا. هو عجب ۾ پوندا هئا ته اهڙي قسم جو ڳاڙهو رنگ هي نقاش ڪٿان ٿو آڻي! هنن اِٽليءَ مان اوچي قسم وارا جدا جدا نمونن جا مهانگا ڳاڙهي رنگ جا ٽيوب گهرايا؛ پوءِ ڏاڍي محنت ڪري، جدا جدا رنگن جا قسم پاڻ ۾ ملايائون. ڏاڍيون ڪوجنائون ڪري وري الڳ قسمن جا

ڳاڙها رنگ پاڻ ۾ ملايائون، پر تڏهن به انهيءَ چترڪار جي ڳوڙهي ڳاڙهي رنگ جي جهلڪ پيدا ڪرڻ ۾ اسمرٿ رهيا؛ سندن تمام محنتون نشڦل ثابت ٿيون.

هڪ ڏينهن جرمني ملڪ جا سڀ چترڪار پاڻ ۾ گڏجي هن ڪمانگر وٽ آيا، ۽ ڪانئس ان رنگ جي نرالي جهلڪ جو راز پڇڻ لڳا. سندن سوال ٻڌي هيءُ مصور مانَ ۾ رهيو؛ پوءِ ڪجهه سوچي کين ٻئي ڏينهن تي پنهنجي سٽوڊيو ۾ اچڻ لاءِ چيائين.

ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي چترڪارن جي ٽولي اچي سندس سٽوڊيو وٽ پهتي. در ٻاهران بند پيو لڳو. هنن مان هڪڙي آهستي ڪيس سڏڙو ڪيو؛ پر اندران ڪو به جواب نه آيو. ڪجهه وقت ترسي وري هڪ ٻئي رنگ ساز آهستگيءَ سان در تي کڙڪو ڪيو؛ پر جواب نه دارد! ڪجهه وقت ترسڻ بعد هنن مصور کي سڏ ڪرڻ شروع ڪيا؛ پر حيرت ته موٽ ۾ در بند ئي رهيو. نقاش پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا. هنن سوچيو ته شايد هن ڪمانگر سڄي رات ڪنهن نقش تي نور نچويو آهي، جنهن ڪري هينئر اک لڳي ويئي اٿس؛ تنهن ڪري اهي ڪلاپريمي، هڪ ڪامل ڪلاڪار کي منجهائڻ واجب نه سمجهي، چپ چاپ ٻاهر ويهي رهيا. وقت پنهنجيءَ رفتار سان هلندو هليو. منٽ مٽجي ڪلاڪ ٿيا، پر سٽوڊيو جو در نه کليو.

جڏهين سج لهي سنجها ٿي، تڏهين هنن رنگ سازن جو سڪوت (صبر) سڙي ويو ۽ هنن مان هڪڙي اڳتي وڌي جيئن ئي در کي ٺيلهو ڏنو ته در کلي پيو. حقيقت ۾ در

اندران بند ٿيل نه هو، پر هميشه وانگر ڀيڪڙيل ٿي هو. يڪدم سڀ اندر ڪمري ۾ گهڙي ويا. اندر جيڪو نظارو ڏٺائون، تنهن کين حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ڪن کي ته ڊپ وٺي ويو.

اهو ڪامل ڪمانگر پٽ تي لنبو ٿيو پيو هو ۽ سندس هڪ هٿ ۾ رنگ ۾ ٻيريل برش جهليل هو. ائين پئي لڳو ته ڪنهن ڪلاڪ اڳ ۾ هن انهيءَ برش کي ڳاڙهي رنگ ۾ ٻوڙي تصوير پئي چٽي: جا تصوير اڌوري سامهون گهوڙيءَ تي ڪئنواس تي نظر اچي رهي هئي. جيتوڻيڪ اهو چٽر مڪمل نه هو، ته به ڏسڻ ۾ آيو ته ان ۾ ڳاڙهو رنگ البت گهڻو ڪتب آيل هو.

چٽرڪارن جي ٽوليءَ ڪٻٽ ۽ ڪمري ۾ رکيل دٻا ۽ ٽيوب، ۽ ٻي هر ڪا چيز غور سان ڏسڻ لڳي: پر ڪٿي به کين ڳاڙهو رنگ نظر نه آيو. تنهن وچ ۾ هڪ رنگ ساز، جو ڊاڪٽر کي ڪوٺڻ ويو هو، سو ڊاڪٽر سميت اُتي اچي پهتو. سڀ چٽرڪار تڏهن سانس ۾ پاسيرو ٿي بيهي رهيا. ڊاڪٽر، نقاش جي نبض تپاسي ته سندس نظر ۾ نراشائي نمودار ٿي. انهيءَ چٽرڪار جو پراڻ پکيئڙو قفس جي قيد مان آزاد ٿي اُڏامي ويو هو. ڊاڪٽر وڌيڪ تپاس ڪرڻ لاءِ جيئن ئي چٽرڪار جي سرير جو چولو هٽايو ته ڪائنس ڇرڪ نڪري ويو: اهو ڏسي ٻيا نقاش به وڏي ويجهو آيا ته ڪائن پڻ ڇرڪ نڪري ويو ۽ ڪن جي وات مان ته از خود رڙ نڪري ويئي: ان انوکي مصور جي بي جان جسم تي انيڪ هنڌن تي ڪپ سان ڇهڪن جا نشان هئا. ڪينرائي

گهاوَ سندس سرير تي هئا، ڪن مان ته اڃا سوڌو رت ٽپڪي رهيو هو، ڪيترن هنڌ اهو خون زخم جي پاسي ۾ ٿي ڄمي سڪي ويو هو. ڊاڪٽر ٽپاس بند ڪئي ته سڀني چترڪارن جا ڪنڌ شرڌا وچان جهڪي ويا ۽ هنن ڪمال عزت ۽ نياز سان جهڪي سندس قدمن ۾ سجدو ڪيو! هيئر هنن هن انوکي ۽ اعليٰ چترڪار جي رنگ جي حيرت انگيز جهلڪ جو راز پروڙي ورتو. هيءَ نقاش پنهنجي جسم جي خون سان چتر چٽيندو هو! هو پنهنجي رت جا قطرا، رواجي رنگ ۾ ملائي ڪتب آڻيندو هو؛ انهيءَ ڪري ئي سندس تصويرن ۾ جئڻ زندگي نظر ايندي هئي! ڪلا جي لڳن انهيءَ قربانيءَ ڪري ئي سندس چتر ٻين نقش نگارن کان بنهه نرالا ۽ ڪشش ڪندڙ هوندا هئا. ڪيڏي نه محبت هئي هن مصور جي پنهنجي تصويرن سان! ۽ ڪيڏي نه لڳن هئي کيس انهن چترن کي نرالي بڻائڻ جي!!

اهو جرمن چترڪار، اهڙا انوکا چتر چٽي، ٻين کي قربانيءَ جو سبق سيکاري ويو.

ليڪن هڪ ٻيو چترڪار، جنهن جو مونکي درشن ٿيو، ۽ جنهن جي صحبت ماڻڻ جو مونکي سؤڀاڳيه حاصل ٿيو، تنهنکي جنم ڏيڻ جو شرف مٺڙيءَ سنڌ کي نصيب ٿيو. هو هڪ اعليٰ درجي جو نقش نگار هو. هُن سنسار جي رنگ منچ تي هلندڙ چلندڙ انساني تصويرن ۾ خوشيءَ جي جهلڪ پيدا ڪرڻ لاءِ، انهن جي دلين ۾ سک روپي سهڻي رنگ جي رونق آڻڻ لاءِ، هن پنهنجي زندگيءَ جو رت ست قربان ڪيو. هو اهو مهان مصور هو، جنهن جو مقصد هڪ ئي

هو تہ خالق جي بندگي آهي سندس خلق جي خدمت.

اِنهيءَ خدمت ۾ هنکي انيڪ دفعا ڪشٽ ۽ تڪليفون سهڻيون پيئون، پر هن ڪڏهن به انجي شڪايت نہ ڪئي. هنکي لڳن هئي انسان ذات جي ڏکہ دور ڪرڻ جي. پريا ٨٦ سال هن جسم جي مڪان ۾ نواس ڪيو. ڪنهن وقت ڪافي وڏو عهدو ۽ اقبال ماڻيائين پر سال ١٩١٨ ۾ ٤٠ ورهين جي عمر ۾، هن مهان تياڳہ ڪيو. دنيا جي دولت ۽ عيش عشرت کي ٺو ڪنا ڪري هن نئين ڪيتر ۾ پير پاتو ۽ زندگيءَ جي آخرين ڏينهن تائين، ١٦ جنوري ١٩٦٦ تائين، هو پنهنجي پيار، همدرديءَ، شيوا جي عجيب رنگن ۾، زندگيءَ جي خون جا قطرا ڳڏي، منش روپي مورتن ۾ عجيب رونق نمودار ڪندو رهيو. سندس نالي اڄ ولائتون واسي چڏيون آهن. ڪي ڪيس پرنسيپال واسواڻي ڪري چوندا هئا تہ ڪي سوامي واسواڻي، پر سنڌي ۽ ٻيا ڪيترا ڪيس پيار وچان "دادا واسواڻي" ڪري سڏيندا هئا. هن پنهنجي انوکي زندگيءَ دئاران قرباني ۽ تپسيا جي سکيا ڏيئي، انيڪ اِنسانن کي سکہ جو مارگہ بتايو ۽ پڻ پنهنجي ڪايا جي قيمت اڪٽ ڪري ڇڏي. اهڙي مهان مصور ۽ اعليٰ آتما جي پوتر سماڌي آستان تي انيڪن کي نمندو ڏسي، دل ۾ از خود سنڌ جي سهڻي لال لطيف جون تڪون گونجڻ لڳنديون آهن:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
انجي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڳہ اڇيو اُنجي.

M-71

٢١. اُدم

ڌرمداس ڪشتريا

(ڪو بہ انسان محنت يا اُدم ڪانسواءِ ترقي نٿو ڪري سگهي. جيڪي بہ وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن، تن ڪوشش ۽ اُدم سان ئي مٿيون درجو حاصل ڪيو. سست انسان ڪيترو بہ هوشيار يا قابل هجي، پر ڪاميابي يا اوچ درجو پراپت ڪونہ ڪري سگهندو. جواهرلال نهرو رات ڏينهن ڪم ۾ مشغول هو، قوم جي اُنتيءَ لاءِ رات ڏينهن لڳاتار ڪم ڪي لڳل هو. آرام کي هو حرام ڪري سمجهندو هو. مهاتما گانڌي بہ رات ڏينهن ڪم ڪندو هو. جيڪي بہ وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن، سي اُدم، محنت ۽ ڪشالي سان. بار بار ڪوشش ڪرڻ کي "اوچائي" ٿي چئجي. ماڻهو اول ناڪامياب ٿئي تہ بہ ڪم کي نہ ڇڏي ۽ جيستائين ڪاميابي حاصل ٿئي، تيستائين ڪم ڪندو هلي، تنهن کي چئجي اوچائي.

انسان وانگر قوم بہ اُها ترقي ٿي ڪري سگهي، جنهن جا ماڻهو اورچ هجن، جي پيدائش وڌائين ۽ ڪم کي رات ڏينهن لڳا پيا هجن. جپاني شاگردن آميريڪا ۾ وڃي رات ڏينهن محنت ڪري هنر سکي پنهنجي ملڪ ۾ ڪارخانا کڏي جپان کي هڪ زبردست ملڪ بڻايو. آميريڪا ۾ وڃي پڙهڻ سان گڏ نوڪري ڪري يا مزوري ڪري يا هوٽلن ۾ باسڻ ڌوئي يا بيو ڪو ننڍو ڪم ڪري ڪمائيندا

هئا ۽ پيسا ڪمائي هنر سکي پنهنجي ملڪ جپان ۾ وڃي ڪارخانا کڻندا هئا. هوڏانهن هندستان جا وديارٿي انگلنڊ يا آميريڪا ۾ فقط بي. اي. يا ايم. اي. پاس ڪري، پنهنجي ملڪ هندستان مان هزارين رپيا گهرائي، پنهنجي ملڪ هندستان ۾ موٽي اچي ڪا نوڪري يا پروفيسري ڪندا هئا؛ جنهن ڪري پنهنجي ملڪ جو پيسو ٻه ٻاهر ڪڍيائون ۽ هنر ٻه ڪونہ سکي آيا، جو ڪو ڪارخانو کڻي ملڪ کي آباد ڪري سگهن. جنهن ملڪ جا ماڻهو محنتي آهن، اهو ملڪ ئي انتي ڪري سگهندو.

ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ جپان ۽ جرمني ناس ٿي ويا. سندن ڪارخانا ۽ عمارتون بم بازيءَ ۾ ختم ٿي ويئون، پر ٿوري وقت ۾ ئي ساڳيا ڪارخانا ۽ عمارتون ٺاهي تيار ڪيائون. پنهنجي محنت سان برباد ٿيل ملڪ وري آسودا ٿي پيا. جپان ۽ جرمنيءَ جا ماڻهو تمام اورچ ۽ محنتي آهن. جرمنيءَ تہ ايتري ترقي ڪئي آهي، جو وري تمام شاهوڪار ملڪ ٿي پيو آهي. سندس ڪارخانن کي ٻاهران ايترا تہ رڪ وغيره ٻين مشينن ٺاهڻ جا آرڊر ٿا ملن جو مالان مال ٿي پيو آهي. جنگ ۾ بلڪل برباد ٿيڻ کان پوءِ هيئنئر جرمني محنت ڪري ايترو شاهوڪار ٿي پيئي آهي جو چرچي ۾ ماڻهو ڳالهہ ڪندا آهن تہ جرمنيءَ جو پريزيڊنٽ ۽ مالي وزير روز پيڳوان کي اُٿڻ شرط پرارٿنا ڪندا آهن تہ پيڳوان اسانکي وڌيڪ پيسا نہ ڏي. اسين ايڏا پيسا ڇا ڪنداسين! ان ڳالهہ مان ثابت آهي تہ محنت ۽ اُدم ڪرڻ سان غريب ۾ غريب ملڪ يا تباهہ ٿيل ملڪ بہ آباد ۽ آسودو ٿي ٿو سگهي. جنهن ملڪ جا ماڻهو پيدائش

وڏائڻ ۾ لڳل هوندا سو ملڪ ڪيئن نه خوشحال ٿيندو؟ باقي جيڪي نصيب يا تقدير تي ٻاري وهندا ۽ سستيءَ ۾ وقت گذاريندا، سي هميشه پٺتي پيل هوندا.

ايشيا يا هندستان جا ماڻهو تقدير تي ٻاري وهندا آهن ۽ گهڻو ڪري سست آهن. يورپ ۽ آمريڪا جا ماڻهو اُدم ۽ محنت ۾ وشواس رکندا آهن ۽ نصيب تي ڪنهن به قسم جو آڌار نه رکندا آهن، تنهن ڪري انهن ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي! ناممڪن ۽ محال ڳالهيون به ممڪن ڪري سگهيا آهن. ڪنهن ٿي سمجهيو ته ماڻهو ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦيرا پائي سگهندو يا چنڊ جي ويجهو وڃي سگهندو؟ اُدم، محنت ۽ کوجنا سان ماڻهو ڪماليت حاصل ڪري سگهي ٿو. تقدير تي ٻاريندڙ انسان هڪ هنڌ ئي بيٺل تلاءَ وانگر بيٺو هوندو ۽ اڳتي قدم نه کڻي سگهندو. يورپ جا رهواسي جي تقدير تي ٻاري وهن ها ته سائنس ۾ ڪا به کوجنا نه ڪري سگهن ها. اڄ سائنس جي ترقيءَ ڪري سڄيءَ دنيا جو رنگ ئي ڦري ويو آهي. اهو سڀ اُدم ۽ ڪوشش ڪري. جيڪڏهن هو ڪنهن به ڪم ۾ ڪامياب نه ٿيا ته ائين نه چوندا ته تقدير ۾ نه لکيل هو، پر هو چوندا ته ضرور ڪا چوڪ ٿي هوندي؛ يا ڪا ڀل ٿي هوندي ۽ وري سڌارڻ سان يا ٻيهر وڌيڪ چڱيءَ طرح ڪوشش ڪرڻ سان ضرور ڪاميابي حاصل ڪري سگهنداسين. تقدير تي ٻاريندڙ ماڻهو اُن آفيميءَ وانگر آهي، جو هميشه آفيم کائي نشي ۾ ۽ ننڊ ۽ سستيءَ ۾ وقت گذاري ٿو. جيئن آفيم انسان کي نستو ۽ نڪمو بڻايو ڇڏي، تيئن تقدير تي ٻاريندڙ انسان نڪارو ۽ نڪمو ٿيو پوي.

جو انسان دل شڪستو ٿي ڪم کي اڌ تي ڇڏي ٿو ڏئي، سو دنيا ۾ ڪا به ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهندو. اڌ ۾ ڇڏي ڏيڻ جي عادت کيس نڪار ۽ نڪمو انسان بڻائيندي.

تينسنگهه جو اوهان نالو ٻڌو هوندو. هن ڪيترائي دفعا هماليه پهاڙ جي اوچي ۾ اوچي چوٽي ايورسٽ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪامياب ٿيو. نيٺ ڪيترن دفعن کان پوءِ ڪامياب ٿيو ۽ سڄيءَ دنيا ۾ نالو ڪڍيائين.

ڪولمبس سمنڊ جي مسافريءَ تي نڪتو ته جيئن هندستان ڏانهن رستو ڳولهي لهان. اسپين جي بادشاهه کيس مدد ڪئي ۽ ٽي جهاز ڏنائينس. ڪيترا ڏينهن گذري ويا؛ نيٺ ڪو به ملڪ نظر نه آيو. جهاز جا خلاصي ڪڪ ٿي پيا ۽ کيس چريو ڪري سمجهڻ لڳا. آخر کيس مارڻ جو خيال ڪيائون ۽ سمنڊ ۾ ڦٽو ٿي ڪيائونس. پر اوچتو پريان ٻٽيون ڏسڻ ۾ آيون ۽ ڌرتي ڏسڻ ۾ آئي. آميريڪا ڳولهي لڌائين. جيڪڏهن خلاصين وانگر دلشڪستو ٿي موٽي وڃي ها ته آميريڪا ڪونه ڳولهي سگهي ها. حياتيءَ ۾ ڪونه ڪو آدرش رکڻ گهرجي، جنهن مان پنهنجي اُنتي ۽ ملڪ جي اُنتي ٿئي يا انسان ذات جي اُنتي ٿئي. ان آدرش کي حاصل ڪرڻ لاءِ اورچ ٿي رات ڏينهن لڳو رهجي ۽ تڪليفون ڏسي منهن نه موڙجي. آخر ڪاميابي ضرور حاصل ٿيندي.

تنهن ڪري جدا جدا انسان پنهنجي ترقي يا قوم ۽ ملڪ جي ترقي يا انسان ذات جي ترقيءَ لاءِ اُدم ڪندو رهي، اڳتي هلندو رهي، پٺتي نه موٽي؛ تڏهن ئي آدرش حاصل ڪري سگهبو ۽ پاڻ کي ۽ ٻين کي سکي ڪري سگهبو.

٢٢. روشني موٽي آئي...

آسن اُتمچنداڻي

گهگهو وڳو. گهڙي ڪن وڄندو رهيو. چوطرف سناٽو ڇانئجي ويو. سڀ ساز آواز گهٽجي ويا. سارو گوڙ شور بند ٿي ويو. رات وڌيڪ گهري ڀاسڻ لڳي. هتان هتان روشني، انڌڪار جي آغوش ۾ لڪڻ لاءِ ڊڪون پائيندي ڀڄندي ٿي ويئي. موت جو سايو انڌڪار جي آغوش مان نڪري، اسانجي مڪان مٿان ڇانئجڻ لڳو. ٻارهن گهرن جي ماڻهن سان ڀريل مڪان تڪڙو تڪڙو خالي ٿيڻ لڳو، ڄڻ ڪا پليگ پيئي هئي.

ڪمري ۾ هاڻي مڪمل اوندهه هئي. هٿوراڙيون هڻي وڃي دري کوليم. ٻاهر ڏٺم. هلڪي چانڊوڪيءَ جي سايي ۾، ماڻهن جو ميڙ بيٺو هو. سندن اکيون آسمان طرف کنيل هيون. موت جو هراس سندن چهرن تي ڇانيل هو. ننڍڙا ننڍڙا ٻار مائرن جي جيءَ سان جڙيل هئا. زالون پنهنجن پتارن ۽ پائرن جي پير ۾ بيٺيون هيون. ائين پئي لڳو ڄڻ سڀ پٿر جا پتلا هئا. وقت خود هڪ وڏو بت بڻجي بيهجي ويو هو.

منهنجي بدن ۾ رت جو دورو تيز ٿي ويو. دل گهٻرائجڻ لڳي. ڌيري ڌيري ڊپ جي لهر من اندر سرنگهون هڻڻ لڳي. ان کان بچڻ لاءِ ڪمري ۾ تڪڙو تڪڙو اچ وڃ ڪرڻ لڳس؛ الاجي ڇو محسوس ڪيم ته

مون سان گڏ ڪو بيو چڙو به هلي رهيو آهي. ان پيرم کي پورڻ لاءِ ٻانهون ڦهلائي ڇڪاس ڪيم. مگر ڪو هجي ته ملي! اُتي سگريٽ دکايم پر اڄ ان سان به پاڻ وندرائي نه سگهيس. وري اچي دريءَ وٽ ويٺس. ٻاهر هراس ڪنجهه گهٽ ٿي لڳو ڇو ته ماڻهن ڳالهيون ٻولهيون به شروع ڪري ڇڏيون هيون. ليڪن منهنجي من اندر ڊپ ڏڪون پائڻ لڳو. پاڻ تان عجب پئي لڳم. هيل تائين ته ڪڏهن به ڪنهنجو به ڊپ نه ڪيو هوم. پيءُ ماءُ کي به اڪثر ست سري ٻڌائيندو رهيو هوس. هنن جو به ارواح مونتي هو ڪين. انگريزي پڙهائڻ تي ڪو خاص ڌيان ئي نه ڏنائون. ڇڪي ڇڪي مئٽرڪ پاس ڪئي هئم. آفيس ۾ بي ڊپائيءَ کان مشهور هوس. نوڪريءَ تي چڙهڻ کان پوءِ جلد ئي گهر کي تلانجلي ڏيئي اڪيلو رهڻ لڳس؛ اڪيلو رهڻ جو فيصلو ڪيم. جڏهن به ڪنهن نينگر نينهن سان نوازڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته منجهائنس ڪانه ڪا وڏ ڪڍي ڪيس ٽڪرائي ڇڏيندو هوس. سچ ته ڪا چيز مونکي آخر ۾ نه ٿي آئي. هر ڪنهن جو مذاق اڏائڻ، هر ڪنهن مان ويڪون ڪڍڻ، ڪنهن تي به وشواس نه ڪرڻ، منهنجو پيشو بڻجي پيو. دلي بادلي چوندو هوس ته هتي ڪير ڪنهنجو ساٿي ڪونهي، سڀ ماڻهو آپسوارٿي آهن.

گهڙيءَ کان ڪي پل اڳ ته دل منجهه سرڪار تي ڏاڍا ڇوهه ڇنڊي رهيو هوس جو آفيسن، سئنيمائن، دوڪانن کي سويل بند ڪرڻ جا ڪٽي آرڊر ڪڍيا هئائين. رستن ۽ گهرن ۾

بہ اونده انڪار ڪرايو هئائين. مونکي جو سويلئي اچي گهر ۾ ٻڌجي وهڻو پوندو هو، سو ڏاڍي مصيبت لڳندي هئي. ليڪن هن ڪان اڳ تہ ڪاٿي ڳالھہ مون لاءِ مصيبت نہ هئي. ڪيترا ڀيرا دوستن جنگ جي مصيبت نسبت بحث ڪيا هئا، پر مان هميشہ سندن مذاق اڏائيندو هوس: ”جنگ پلي اچي. ماڻهو جو وجن ٿا ماڪوڙين وانگر وڏندا، سي ختم نہ ٿيندا ڀيو ڇا ٿيندو! دنيا ۾ رکيو ئي ڇاهي! ڀل تہ تباھہ ٿي وجي......“ ليڪن تباهيءَ جڏهين مٿان اچي ڪڙڪي، تڏهن پهاڙ جهڙو مضبوط من لڏندو محسوس ڪرڻ لڳس. من تي ڇا تہ بانور هوم! مان اڪثر ائين چوندو رهيو هوس تہ من هڪ وڏي دنيا آهي، جنهن ۾ سجاڳ، نيم سجاڳ ۽ غير سجاڳ طبقا آهن. انسان، بس انهن جو ئي غلام رهيو آهي. مٿس ٻاهرين دنيا جو ڪجهہ بہ اثر ڪونهي. مگر هي ٿي ڇا ويو هو؟ بس، ٻاهرين دنيا جي هڪ ئي جهوٽي سان من جو مضبوط ڪوٽ ڪرڻ لڳو هو! بي ٻڌا محڪم ويچار اصل ونڙڻ لڳا هئا!

وري دريءَ وٽ موٽي آيس. ٻاهر بيٺل ماڻهن کي ڏٺم، جيڪي موت جو گرهہ ٿيڻ لاءِ اچي ڪنا ٿيا هئا. شايد هنن سيني چوديواري اندر اڪيلو مرڻ نٿي چاهيو. انسان شايد نہ اڪيلو جيئڻ ٿو چاهي نہ مرڻ. هي ماڻهو هڪٻئي ڪان الڳ هوندي بہ هڪٻئي جي ڪيترو نہ ويجهو هئا! هنن هاڻ پاڻ بابت نٿي سوچيو پر سڄي ديس لاءِ ئي ٿي سوچيو. مونکي هنن تي عجب پئي لڳو. اجا گهگهو وڃڻ ڪان اڳ اهي ساڳيا ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ پنهنجين ئي

گهرجن ۽ غرض لاءِ سوچي رهيا هئا، هڪٻئي ۾ لڙي وڙهي رهيا هئا.

هو ڪرستان، جو هيٺ بيهي هاڻي پٽ کي چمي رهيو هو، تنهن گهگهو وڄڻ کان ڪي منٽ اڳ ۾ زال سان جهيڙو پئي ڪيو. انهيءَ جوڙي ته ٻن خطابن کي اڪثر ايترو ياد ڪيو هوندو، جيترو شايد يسوع مسيح کي به مشڪل سان ڪيو هوندائون. جهيڙي ۾ هڪ ٻئي کي خبر ناهي ڪيترا ڀيرا صليبن تي چاڙهيو هئائون. جنهن ٻار کي هيٺ چمي رهيا هئا، تنهنکي خبر ناهي ڪيترا ڀيرا "وڙهو ڇو ٿا...... وڙهو نه......" چوڻ تي ماريو به هوندائون.

هو ٻه ڀائر جيڪي هڪ ئي جيجل جي جگر جا ٽڪر هئا، سي هونءَ ته هڪٻئي جي جان جا دشمن هئا. اڪثر هڪٻئي کي پوليس ۽ ڪورٽ جون ڌمڪيون ڏيندو ٻڌو هو سان. هوءَ ڀيڻ کين اڪثر چوندي هئي: "ڀائرا! وڙهڻ ڇڏيو... پئسو پئسو ٿي ويندو... بابي اما جو ننگ رکو..." ليڪن هو ڪيس ڏک ٻڄو هٽڻ کان به ڪين رهندا هئا. هي سي اڄ (ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا هئا.

۽ هو ڪٽنب: هڪ استري ۽ پرش. هوءَ هڪ جي جيون ساٿڻ، ٻئي جي جيجل هئي. پٽ نڪتو عياش هو. انڪري پيءُ پٽ جو جهڳڙو ٿيندو هو. ٻئي هڪٻئي جي موت لاءِ دعا پنندا هئا. ان مهل هوءَ استري ٻاڏائيندي رهي، "مري شل ڪير نه... مرن توهانجا دشمن..."

مان به اڪيلائيءَ ۽ دٻ کان بچڻ لاءِ ٻاهر نڪري اچي هنسان گڏ بيٺس. هت بمبئي ۾ جيڪي پاڙيسري

هونءَ پاڻ ۾ ئي پورا هوندا آهن، ۽ لنگهندي پائيندي هڪ ٻئي کي کيڪارڻ کان به پيا ڪيٻائيندا آهن، سي هاڻ هڪٻئي جا ڇاتل سڃاتل ساٿي ٻڻجي بيٺا هئا... هاڻي هننجي چهرن تي ٻڌپ جو نالو نشان به ڪونه هو. اُنجي بدلي هئي ديس لاءِ چنتا...

اينري ۾ وري گهگهو وڳو ۽ گهڙي کن وڄندو ئي رهيو. ريڊين تان پڌرائي ٿي: "دشمن جي بمبازن کي پٺڀاڄو ويو آهي." ائين لڳو ڄڻ انڌڪار ٻيڙو منهن ڪري پٺڀي ويو هو ۽ سندر روشني موٽي آئي هئي...

٢٣. هي شهر......

سندري اُتمچنداڻي

”ٻانهون پٽ تي رکي، چوڙا پئي ڀڳائونس.“

پشو مونکي ساڙهيءَ کان ڇڪي ٻاهر وٺي آئي، ”اچ ته هلي ممي!“ ڏنم ۽ نظر ڏنڌلي ٿي ويئي.

اسانجي گورکڻ جون ٻانهون هيون اُهي. ڳاڙهيون ڪنگڻيون ٽڪرا ٿي پٽ تي ڪريون هيون. پر ڪير جهڙين اڇين ٻانهن جي سونهن نه ڇيهي سگهي هئي. سندس مائٽياڻيءَ، نڪ جي وچينءَ پاپڙيءَ وارو ٻولو ڪڍڻ لاءِ چيس. سهيل ننڍڙين نيپالي اکين وچ ۾ ناهوڪو نڪ ۽ نڪ جي وچينءَ پاپڙيءَ ۾ هي ٻولو! سوني تي سهاڳ‍و. پر سهاڳ ويو ته سون ٻه لٿو. ٻسو منهن، ڪوري ڪپڙي ۾ ويڙهيل ويهن ورهين جو چنڊ جهڙو سونو تن: ٻس گونگو پيئي هاري......

”ڇو ٿي لوئي ممي؟“

جواب اُڪليئي نه، ٻار کي ٻه ڪير چا ٻڌائي؟ پر آواز سندس ڳورو، جهڙو چلڻ لاءِ آتو بادل. اکيون اگهي چيم،

”گورکو مري ويو.“

”هان گورکو ملي ويو؟ ڪيئن؟ ڪيئن مـلـي ويـو. ممي،“ پشو منهنجين ٽنگن کي چنبڙي سڏ ڪرڻ لڳي.

ڪلهه جنهن وقت گورکي جي ريل هيٺان چچرجي وڃڻ جي خبر آئي، تنهن وقت پشو اجا ٻالمندر ۾ هئي.

ان مهل کان وٺي بس گورکي جا هن جاءِ سان لڳاوَ وارا نظارا ئي منهنجين اکين اڳيان ڦرندا رهيا آهن.

پهريون ڏينهن: انيتاليهن گهرن واري جاءِ، لڳ ڀڳ منو سؤ مردن کي نڪاڻو ڏيئي ويٺل هيءَ جاءِ، تنهنجو پهريدار مقرر ٿيو آهي هي گورکو. هنجون اکيون ٻين گورکن وانگر چوچهون ڪونهن، سرير جهنگلي نموني جو ڪونهي، بلڪل سگهو ٺاهوڪو سمجهدار اکين وارو رامسنگهه. ”هن نوڪريءَ جي لائق ته ناهي،“ مون ان ڏينهن ئي چيو هو.

۽ ان ڏينهن:

نلڪن ۾ پاڻي نه پيو چڙهي. ميونسپالٽيءَ گهٽ پاڻي ڏنو هو. بس هڪ هڪ فليٽ مان گورکي تي وَٽ ٿي ويئي. جواب ڏنائين، ”ٽانڪيءَ ۾ پاڻي ڪونهي.“ ٻيٺي وٽ ٿي. چي، ”سامهون جواب ڇو ڏنئه؟“ هڪ مرد اُلر ڪري آيو. چي، ”زال ذات سان بربر ڇو ڪيئه!“

مون ڪليو. ڪائي زال ذات پلا گورکي جيڏي مرد ماڻهوءَ کي ڇو چوي، ”سامهون جواب ٿو ڏين!“ گورکو به ته انسان آهي، (ڪنهنجو پاءُ آهي، ڪنهنجو پيءُ آهي.) ليڪن...... بمبئيءَ ۾ هو فقط گورکو آهي. بمبئيءَ جا ماڻهو؟ هو فقط ايترو ڄاڻن ٿا ته گورکو پگهار ٿو کائي.

پر گورکو؟

گورکي هڪ ڀيري ڪوشش ڪئي ته فليٽن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سمجهائي ته هو جنهن لهجي ۽ اسپيءَ نموني سان ساڻس پيش اچنتا، سو نيڪ ناهي. بس اصل حد ٿي ويئي! ان سپيءَ انسان، ”همڪو سڪاتا هئه؟“ چئي، اکيون ڦوٽاري

جو اچي مڪون ۽ گهوسا هنيس ...... ڳالهه ڏسڻ جي هئي، ٻڌڻ جي نه.

گورڪو انڪان پوءِ چپ ٿي ويو. شايد سندس ذات وارن سمجهايو هوندس ته (بمبئيءَ ۾ نوڪر معنيٰ غلام.) غلام، جنهنڪي ٻن اکين هوندي به ٻين جيان ڏسڻو ناهي. ٻن ڪنن هوندي به ٻين وانگر ٻڌڻو ناهي......

انيتاليهه گهر، هزار ڪم آهن ٻاهر اندر جا: اٽو پيسائڻو آهي، ڪنهنڪي سامان ٽئڪسيءَ ۾ رکائڻو آهي، ڪنهنڪي بازار مان گوشت کپي، ڪنهنجي ٻار کي سْڪول ۾ ڇڏي اچڻو آهي. گورڪو سڀ ڪم ڪندو رهندو هو؛ پر لڳندو ائين هو، ڄڻ هو هاڻي گونگو ٿي ويو آهي.

سندس پگهار فقط ٽي ويهون، پاڻ کائي يا گهر موڪلي؟ ڪيترن گهرن جو کير آڻڻ شروع ڪيائين. ٻاٽلين جي ٻوٽري ڪلهي تي، مينهن، واچ، اس، ٿڌ، هنلاءِ سڀ هڪجهڙا، ان مهل اکين اڳيان اچي ويندي هئي هماليه جي ايوريسٽ تي چڙهائي ڪندڙ تين سنگهه جي صورت.

پر راڌا جي ٻاٽليءَ جو ڍڪ پورو فٽ پيل نه هو. رڙ ڪري چيائين، "گورڪا هي ٽگيءَ جا ڪم هتي نه هلندءِ. سادو کير وٺي، مٿان اُچي کير جو ڍڪ لڳائي ڏنو اٿيئي!"

گورڪي جي اکين مان باهه جا اُلا نڪتا. پر مک سندس بند. فقط راڌا جو کير آڻڻ ڇڏي ڏنائين. راڌا پٽ ڪٽ ڪئي: "مئا! ٻين جو کير وٺي ايندين، منهنجو نه؟ ڇو؟ ڏس ته ڪيئن ٿي اها کير آڻڻ جي موڪل بند ڪرايانءِ. توکي پهري لاءِ رکيو اٿئون، ڪين کير آڻڻ لاءِ؟"

عجيب ڳالهه هئي؛ راڌا کي ٻارهن مهنن کانپوءِ اها ڳالهه ياد آئي هئي ته گورکي کي ڀهري لاءِ رکيو ويو هو.

گورکي راڌا کي ته جواب ڪونه ڏنو پر پير واريءَ جي نوڪر سان اندر اوري من ڻاريائين. چي: ”ڪير جا ڀڪ ٿي بدلائڻا هئا ته ڳوٺ ۾ ڌاڪو بنجي راهه ۾ ڪيـن لڪي وهان ها؟ ڳوٺ ۾ اسانکي ڇا ناهي؟ وڏو شاهي گهر... ٻه زالون... هڪ ٻار... ماءُ پيءُ - سڀ ڪجهه ته آهي. رڳو پئسي لاءِ ٿا اڇون هٿي......“

۽ هڪ ننڍڙو پٿر کڻي زمين تي ٺڪاءُ ڪري ڇڏيائين.

ساڳيو گورکو:

بنبوءَ جي ڇڏي مڙهيل ڪٽ تي، جڳهه جي وچ واري لنگهه وٽ ويٺو آهي. سندس گوڏن تي گرنٽ ڪليل آهي. پڙهي پيو ڳائي ڳائي. ڪهڙو آهي هي ڳائڻ! سادي سڌي، پر عجيب ڏن آهي هن ڳائڻ ۾! ڪنهن ڪڏهن ٻـڌي ڪانهي. ڪهڙو آهي هنجو سنـگيت! هٿي هٿي لهرائيندو پيو وجي! لڳي پيو ڪنهن ساڻوءَ سئن هنئي آهي، هرهڪ فلئٽ جي ڊر اڳيان ۽ ڳائي پيو هي پڳتي رس سان پرپور گيت! لڳي پيو ڪوئي روح، اڪيلو اڪيلو، ڀٽڪي رهيو آهي نئين سيمنا جي گهٽين ۾، جتي ماڻهو هڪٻئي جي ٻولي ڪين ڄاڻن. ٻه مٺا ٻول ٻولڻ جي فرصت ڪين اٿن ۽ لياقت به ڪين اٿن. بس انهن گهٽين ۾ گهوُ گهوُ ڪندو ڀٽڪي پيو، هي پڳتي گيت، دلين کي جوڙڻ وارو جادو!

گورکي جو هڪ ٻيو روپ:

هر ڪنهن جو حڪم مڃڻ ته سکي ئي ويو آهي. اڄ دوستن جي منٿ مڃي، پي آيو آهي. اڄ هو گونگو ناهي.

اٽاسو ڳالهائي ٿو، اٽاسو کلي ٿو ۽ رکي رکي روئي پيو، ڪيڪرائي پيو. سيني فليٽن وارن درن کي ڪنڊا هڻي، اندران بند ڪري ڇڏيو آهي. ٻاهر رڙي پيو، ساڳيو روح، اڪيلو اڪيلو: انسان جي من سان جوڙ ميل ڪرڻ لاءِ آتو، پريشان آواز. فقط سندس ويس پُڳتي رس بدران رودن جو آهي. خبر ناهي ڇا ڪجهه وڃايو اٿس. در در تي ٺڪ هڻي ڳولي پيو. ليڪن سڀ در بند آهن. رات جي اونداهي پردي ۾ ويڙهجي پئجي رهيو آهي، هتي ڪٿي ميدان ۾ ئي.

۽ هڪ ڏينهن:

ڳاڙهي پٽي واري ساديءَ ساڙهي ۾ نظر آئي هيءَ گورڪڻ. ننڍڙيون اکڙيون، گورو منهن، نڪ ۾ ٻولو ۽ ارڙهن ورهين جي ڪنچن ڪايا. چپ سندس اهڙيءَ آڌار ۾ بيٺل آهن، جڻ سالن پٺي هڪ اکر مس ڳالهائيندي هوندي.

۽ هن مورتيءَ سان گورڪي جو ورتاءُ:

گورڪي رامائڻ پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي، پر منجهند جي وقت جڏهن اڪيلائيءَ، پنهنجي وڏي ڇتيءَ اندر سڄيءَ جڳهه کي سميٽي رکيو آهي، تڏهن گورڪو پنهنجي ٻوليءَ ۾ گورڪڻ کي ڪي ڪجهه چوي ٿو. ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي، پوءِ به ڀاوَ پڌرا ٿيو پون. ائين لڳي ٿو، هي ڀاوَ هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٻولبا آهن. چوندا آهن: ”توکي هتي مزو نٿو اچي، تون اُباڻڪي ٿي ٿين؟ توري هندي ڳالهائڻ سکي وٺ. فڪر نه ڪر، اڙي! مان ويٺو آهيان تو وٽ. ڇو، ڪنهن شيءِ تي دل اٿيئي؟ اڄ پڪچر تي هلندينءَ؟ ڏس باقي ٿورو وقت اُباڻڪي رهندينءَ، پڪ ٿي پڪ

اسانجي گوڊ پربي. پٽيان ميدان ۾ هڪڙي جهوپڙي اڏڻ جو ته سپاٽي ئي ويچار آهي. ڪجهه پئسا هٿ اچي وڃن ته توکي َ نئين ساڙهي به وٺي ڏيندس. ها، مان ڏسان وينو، توکي هڪ ئي ساڙهي آهي. هتي هي چوڌاري جيڪي گهر آهن، تن ۾ هر هڪ عورت پنهنجي ڪٻٽ ۾ پنجاهه پنجاهه ساڙهيون رکندي آهي...... مان هاڻي وڌيڪ ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندس."

گورکڻ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهه چوي ٿي- شايد چوي ٿي، "پنجاهه ساڙهيون ته اجايون آهن، ٻه هجن، بس. هڪ ڌوئي، هڪ پائي سگهجي."

۽ شام جي انڌيري ڪان اڳ، وري جڏهن هوءَ انهيءَ ٻنبوءَ جي ڪٽ تي نظر اچي ٿي، تڏهن سندس ٻانهن ۾ ڳاڙهيون ڪنگڻيون پيئون چمڪن. اڇين تازين توانين ٻانهن ۾ هي ڳاڙهيون ڪنگڻيون. معصوم مک تي لڄ ۽ مرڪ جي اُس ڇانوَ ... نئين ڪنوار- پر گهر ڪٿي؟

ميدان!

ها، هي ساڳيو ميدان.

جهوپڙي ٻڌجي ويئي. پنج فوٽ اوچي، ست فوٽ ڊگهي ۽ ڇهه فوٽ ويڪري. اندر رنڌڻو به آهي. بيڊروم به آهي. چار چار مهمان اچي ڪائين ته انهن لاءِ مهمانسراءِ به آهي. ها، جيءَ ۾ سوڙهه ناهي، ته جاءِ ۾ سوڙهه ڇا جي؟ ڪٽلين جي ٻرن ۾ ڪونه سڀ سهوليتون هونديون آهن!

اتون مهنو، گورکڻ اندر جهوپڙيءَ ۾ ويهي نٿي سگهي، ٻاهر به لڪ تي لڳي. (پريشان ڳڻوماتا ڪڏهن ڪنهن جي

دروت، ڪڏهن ڪنهن ٽلهي تي. ڪوئي آوايو اچي بيهي رهي ته منهن ورائي هلي اچي ٿي، هيءَ سيتا جي سپيتا جي وارث.

گورڪي رات ڏينهن هڪ ڪري پئسا ڪٺا ڪيا. پتنيءَ کي اسپتال ۾ رکڻ جو بندوبست به ڪري آيو.

مگر هي ڇا؟ جڏهن اسپتال مان پٽڙو کڻي گورڪڻ گهر آئي، تڏهن ڇولو به نه هو ٻالڪ لاءِ! ڪجهه ڏينهن گنجيءَ ۾ ئي گذريا. راڌا جي نظر پئجي ويئي. سيٺي کي ٽپائي ڪنيائين: "آهي ڪو شرم؟ هڪ هڪ ڇولو ڏيوس ته به انيتاليهه ڇولا ٿي پون ويچاريءَ گورڪڻ وٽ!"

سڀو سورڻ جي دير هئي. پراڻن نون ڇولن جو ڍير لڳي ويو گورڪڻ جي گهر. گورڪو اڄا به رات ڏينهن ٿي وهيو.

هاڻي گورڪڻ به ڳالهائڻ لڳي آهي.

ڪنهن وڏيءَ ڇپ تي ويٺي، شام جي ٿڌڙيءَ هوا ۾ ٻار کي ڇڳر به ڏيندي ته ڳالهيون به ڪنديس. ٻار رکي رکي پنهنجي پيءَ جهڙيون سمجهدار اکيون کولي گورڪڻ جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳندو آهي.

منهن تي لڄ، ڌيمو آواز: شايد چوندي آهي، "نانيءَ کي تو ياد ڪرين؟... تون ڏاڏي جهڙو آهين. ها، ڏاڏيءَ کي تو ياد ڪرين. مان توکي ڳوٺ وٺي هلنديس. پهاڙن جي گود ۾ آهي، اسانجو ڳوٺ. اتي اسانجو جهونو گهر آهي. هيٺرن ماڻهن وچ ۾ به جڻ جهنگ پيا آهيون. تنهنجو دادا ٿورا پئسا ڪٺا ڪري وٺي ته موٽي ڳوٺ هلنداسين. پئسا ته تنهنجو دادا فوج ۾ پيرتي ٽيڻ سان به خوب ڪمائي سگهي

ها، پر فوج وارا اڪثر موٽي ڪونه اچن. اسين ته ضرور ڳوٺ موٽي هلنداسين - توکي تمام سنو نچڻ سيکاريندس. اڙي اڙي، تون ته هينئر ئي ٻنو ٽپ ڏين! تنهنجا سڀ ارڪان پيءُ جهڙا آهن......"

اڄ به ساڳيءَ طرح پٿر جي ڇپ تي ويٺي پٽ کي ڇڳر ڏئي. ٻه گورکياڻيون سندس پرڀرو ويٺيون آهي. مٿي ڪانون الاجي ڇا تي ايڏو لڙ ڪيو آهي!

چار گورکا آيا آهن. چون ٿا: "گورکي جو لاش اڃا هينئر ملندو......"

راڌا ٻوڙها اُکهي چيو، "سندس اشرافت جو فائدو ڀلا کهڙي گهر نه ورتو؟ هرڪو ڪم ڪڍائيندو هوس، پر ڪڏهن آين ته چارات آنا ڏيندا هئس، نه ته ويچارو گهرندو ته مور ڪين هو."

گورکڻ پنهنجي ذات ڀاين سان وڃي رهي آهي. ڪوئي دانهن ڪونه ٿو ڪري، ڪوئي ڪوڪي به ڪين ٿو. سڀ هلي ويا آهن.

راڌا سخت ته آهيئي، پر ڏاڍي رحمدل به آهي. سيني ڪان پنج پنج رپيا ورتا اٿس. سڀاڻي جڏهن هيءَ ٻوناٽي، هن شهر ۾ پنهنجو پٽي وڃائي، ڳوٺ موٽڻ لاءِ گاڏيءَ تي پير رکندي، تنهن مهل اهي رپيا راڌا سندس ٻارڙي جي هٿ تي رکي ڇڏيندي.

هي شهر ڀلا رپين ڪانسواءِ ٻيو ڏيئي به ڇا ڄاڻي؟

٢٤. چُنوُ ۽ مُني

ڪيرت ٻاٻاڻي

گيان دعوت نامو هٿ ۾ جهلي، هيٺ مٿي ڦيرائي ان کي گهوري ڏٺو؛ ۽ پوءِ سونهري اکرن سان لکيل دعوت نامي کي غور سان پڙهيو. سيٺ هريرام ڪيس اهو ڪارڊ شادماني ۽ محفل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ عنايت فرمايو هو. گيان جي نظر وچ تي لکيل ٻلهن لفظن تي وڃي پيئي، جن مان صاف ظاهر هو ته چنوءَ جي شادي منيءَ سان ٿيڻي هئي. چهري تي هڪ ڪڙي مشڪ ڦهلائي، راز ڀريءَ نوع ۾ سوچيائين: "واهه! چنوُ ۽ منيِ! نالا ته دلڪش آهن! ڀلا راجائي ٻار آهن! چنوُ منيِ ڇو ٿا رکائين، ڪٽي منو ۽ مني رکائين، تڏهن به پيا سونهندا! سچ ڪين چيو اٿن: "جنهن جي گنديءَ ۾ داڻا، تنهن جا چريا به سياڻا!" وري ڪيس ٻيو خيال تري آيو: "شادي!" هن جي دل کي سخت ٺيس پهتي. سندس چهري تي نراسائيءَ جو ڪڪر مڙي آيو. هو اڪيلو سر هو. هو جوان هو. هو دل جا سڀ ارمان دل ۾ سانڍي ويٺو هو. ڪيترا ڀيرا سندس دل ۾ اهڙا اُمنگ اُٿيا هئا ته هو هن ڪائيندڙ اڪيلائيءَ کي دور ڪري، ڪنهن کي پنهنجو بڻائي. هن بي سواد ۽ بي رنگ زندگيءَ کي رونقدار، رنگين ۽ سلوڻو بڻائي؛ اُداسائي ۽ آواره گرديءَ کي ڌڪي، ڪٽنبي ۽ گهرو جيوت جو مزو ۽ آنند ماڻي. هن چاهيو ٿي ته هو ڪنهن کي پنهنجو ڪري پڪاري ۽

ڪو کيس جيءَ کان مٿو ڪري سمجهي؛ هو ڪنهن جي پيار جي آسائش ۾ مگن ۽ مست ٿي وڃي؛ هو ڪنهن جي لاءِ جيون ۾ ڏک ۽ مصيبتون سهڻ ۾ لطف حاصل ڪري. هرروز ڪنهن کي ڏسندي، جيون جي موج محسوس ڪري. پر- اها "پر" تمام وڏي هئي!

هو دنيا ۾ اڪيلو هو. ننڍي هوندي ئي مائٽ کيس ڇنو ڇورو ڪري ويا هئا. هنجو ننڍپڻ ڪهڙن ڪشالن هيٺ ڪٽيو هو، تنهنجي ڄاڻ صرف کيس ئي هئي. ڏکا ڏاڍا کائي ۽ پني سٺي، هو وڏو ٿيو هو. هن جيون ۾ ڀانت ڀانت جا تجربا ڪيا هئا ۽ قسمين قسمين ماڻهن جو آزمودو پرايو هو. هن جيئڻ لاءِ سڀ حيلا وسيلا هلايا هئا ۽ مڙس ٿي منهن ڏنو هو. هن وقت تي دل سوز اوچنگارون ڏنيون هيون ته وقت تي زوردار ٽهڪ ڏنا هئا. وقت تي ڪي ڏينهن بک ڪڍي هئائين ته ڪي ڏينهن جيءَ ڀري کاڌو هئائين. ڪڏهن کيس اداسائي گهيري ويئي هئي ته ڪڏهن هو مستيءَ جي خمار هيٺ جهومندو هو. سڀ لڪ لنگهي، هو اچي پنهنجي پيرن تي بيٺو هو. هينئر ڪن مهنن کان هو سيٺ هريرام وٽ نوڪريءَ ۾ بيٺو هو. هو سيٺ جي گدام جي سنڀال ڪندو هو ۽ مال پهچائيندو هو. گهڻي تعليم ته حاصل نه ڪري سگهيو هو؛ پر ٻه چار درجا ضرور پڙهيو هو، جنهنڪري ٿورا انگ اکر ايندا هئس ۽ پنهنجو ڪم ڪڍي ويندو هو. رهندو گدام ۾ هو؛ ۽ پگهار؟ پگهار چند چانديءَ جون ٽڪريون، جي سندس پيٽ گذران لاءِ مس پوريون پونديون هيون. اهڙيءَ حالت ۾ شادي ڪنهن سان

۽ ڪيئن ڪري؟ ڪهڙو نينگر پيءُ کيس پنهنجي ڪنيا ڪڏهن ڏيندو؟ ڪن وٽ سڱ هلايو هئائين ته جواب مليو هوس ته اهڙي لفنگي ۽ آواري کي ڪير ڌيءُ ڪڏهن ڏيندو؟ ڪن چڱن مڙسن آڇ ڪئي هئس ته جيڪڏهن ڪاجهه پيسو ڏوڪڙ ۽ جڳهه جڙي هئجيس ته ڪٿي پرڻائجيس؛ باقي ڇوڪري گدام ۾ رهائڻ لاءِ ته ڪين ڪڏهن ڏبي! ڳالهه بلڪل واجبي هئي. آخر ٻليءَ جو ڪنن ته ڪين هو، جو گدام ۾ رهي گذارو ڪري سگهندو! گيان کي اينري موڙي ٿئي، جو بمبئيءَ جهڙي شهر ۾ جڳهه ٺڪر هٿ ڪري سگهي، سو ته هو ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ. گيان اهڙي وقت چوندو هو: "رک موليٰ تي. امهدون اسان به نه وڃايون آهن. هنن ٻانهن ۾ ٻل آهي ته ڪڏهن سائين اسان جي به سٺائي ڪندو ۽ قسمت کلندي ته ونڙي اسان وٽ ڊوڙندي ايندي."

هنڪي اوچتو ياد آيو، "مار! هيءَ ته آئي مکڻ جون ماڙيون اڏي ويس ۽ هيءَ شاديءَ جو ڪارڊ ته هٿ ۾ ئي رهجي ويو!" هن سوچيو ته شاديءَ تي ضرور وڃڻو پوندو، پوءِ پيل ٻين جي شادي ڏسي، دل ۾ وڏ پون ۽ حسرتن جي دنيا لٽجندي رهي؛ ۽ اڄ ته سيٺ صاحب وٽان دعوت نامو آهي، تنهن ڪري ڪهڙي حالت هيئن به وڃڻو ضرور پوندو. هن کي ويچار آيو ته اهڙي شيءِ ۽ وڏي موقعي تي هو ڇا پائي وڃي. وٽس قيمتي يا ڪيمخاب جا ڪپڙا ته هئا ئي ڪين. سو خيال ڪيائين ته عزت بچائڻ لاءِ ڪاڏيءَ جو وڳو موقعي جي شان پٺاندر ٿيندو. سيٺ صاحب به ته نج ۽

سفيد ڪاڏيءَ جي پوشاڪ پهريندو آهي، پوءِ پيل ڪئڊلاڪ موٽر ۾ چڙهندو هئجي. شرير شڌ ڪاڏيءَ سان اوڏيل هوندو اٿس نه! گيان لوهي پيٽيءَ مان شڌ ڪاڏيءَ جو وڳو ڪڍي اوڍيو. مٿان جواهر جڙيت پاتائين ۽ پوءِ پاڻ کي هڪ اڌ دفعو آرسيءَ ۾ ڏسي ٻاهر نڪتو.

... ...

هو ٽڪيٽ خريدي، اچي گاڏي ۾ ويٺو. هن جي ويچار ڌارا وري ٻه چنوُ ۽ مُنيءَ جي شادي خانه آباديءَ ڏانهن ڊوڙي ويئي. هن سوچيو: اڄ چنوُ-منيءَ جون سالن کان سانديل من جون مرادون ۽ دل جون تمنائون پوريون ٿينديون ۽ هو هڪ ٻئي کي پائي خوشيءَ جي عالم ۾ جهومندا. هو رنگين حياتيءَ جي آغوش ۾ لپٽجي ويندا. هو هڪٻئي سان ڪليءَ دل سان پريم ونڊيندا ۽ ايندڙ حياتيءَ جو سونو سنسار اڏيندا. اڃوڪي ڏينهن هنن جي حياتيءَ جو املوڪ ڏينهن ٿيندو. اڄ هو 'گهوٽ راجا' ۽ 'ڪنوار راڻي' بڻجي، ويڏيءَ تي وهندا. حياتيءَ ڀر پريت نڀاهڻ جو پرڻ ڪندا. هو اڄ شرمائبا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري وهندا. پر نه، اڄ ڪلهه نئون زمانو اچي ويو آهي. ڇوڪرا ته ڪنڌ هيٺ ڪري ڪونه ٿا وهن؛ پر ڇوڪريون به سس ڪڍيو ٿيون وهن. اهو ڇگوئي ٿيو آهي. نينگر جو ڪنڌ گوڏن تائين نميل ڪونهي تو ڇا! ويچاريءَ جي چيلهه ٽي. ٽيبي ٿيو پوي ۽ مٿان نونٽ جيڏو گهونگهٽ ڇڪي وهڻ سان ته انسان عجيب جانور پيو لڳي! انهيءَ ۾ وري ڪهڙو حياءَ اچي ڦاٿو آهي! منهنجي شادي ٿي ته مان به

پنهنجي ڪنوار جو منهن ڪولائي وهندس. سندس دل ۾ هلڪي ڪتڪتائي ۽ وڻندڙ ٻجليءَ جهڙي لهر ڊوڙي ويئي. سمجهائين ته ڪنهن سندس ڳالهه سمجهي ورتي آهي، سو شڪجي ۽ شرمائجي ويو؛ پر جلدي ڪيس ويچار آيو ته هو ته صرف سوچي رهيو هو ۽ اهڙو احساس ايندي ئي، هو پاڻ تي مرڪي ويٺو.

وري ڪيس ويچار آيو: پر منهنجي شادي ٿيندي ڪيئن؟ چنوءَ ۽ منيءَ جي شادي ته ٿي ويئي! ڪين الاهي رپيا مليا هوندا. سيٺ هريرام لکاپتي آهي. اهڙي ٿهڙي سان سڱ ڪونه ڳنڍيو هوندائين. لک ته اوس مليو هوندس ۽ تنهن سان گڏ ڪا موٽر، ڪو بنگلو، ڪو باغ باغيچو! شاهوڪارن لاءِ ته لک، منيءَ جون ٻتي لپون آهن. مون وٽ جيڪر هڪ اٺ هزار هجي ته شادي اوس ٿي وڃي. ڪنهن نه ڪنهن غريب پيءُ جي جيڪر دل سرڪي پوي. پوءِ لفنگائيءَ جا لقب هڪ طرف لهي وڃن ته حياتي ٻئي پاسي ٺهي پوي. (شڪل ۽ ڊؤل ۾ ته آءٌ به گهٽ ڪين آهيان؛ رڳو "نقدم شنبوءَ" جي مهرباني ٿئي! پر اهي هڪ اٺ هزار اچن ڪٿان؟ سيٺ ڪان ٻه يا ٽي سؤ اُڌار وٺي، هڪ ننڍي ڏنڌي کي لڳان. سال اٺ جي اندر هزار اٺ ته واهه جو ٿي پوندو. پوءِ ڪو ننڍڙو دڪان ڪيان ۽ اُميد اٿم ته سال ٻن ۾ ٻه چار هزار ٿي پوندا. ۽ پوءِ؟ ۽ پوءِ پيسي واري جا سالا ڪوڙ...... سندس نظر سامهون ويٺل شخص تي پيئي، جو ڏانهس نهاري هلڪي نموني مشڪي رهيو هو. گيان لڄي ٿي ويو. سوچيائين ته هن سندس دل جو راز سمجهي

ورتو آهي. گاڏي به اچي مقرر اسٽيشن تي بيٺي ۽ هو ٽپو ڏيئي هيٺ لٿو.

... ...

سيٺ هريرام کي بنگلو پنهنجو هو. محفل ۽ شادماني جو رنگ باغيچي ۾ رچايو ويو هو. رنگبرنگي گلن، ڦوڪڻن ۽ جهالرين سان حاطي کي خوب سجايو ويو هو. موٽرن جو ڪٽڪ ٻاهر گهٽيءَ ۾ قطارن ۾ بيٺو هو. ڦاٽڪ وٽ شهاڻي ڍنگ سان بئنڊ وارا ڳائي رهيا هئا: 'گهر گهر مين ديوالي هئه، ميري گهر ۾ انڌيرا.' ايوان ۾ ميزون ۽ ڪرسيون سجاوٽ سان رکيون هيون، جن تي مهمان براجمان هئا. هن شان سامهون، گيان لڇي ٿي رهيو هو. چا نئلان جون ڪوٽيون ۽ جارجٽ جون بادلي ۽ ستارن سان چمڪندڙ ساڙهيون! چا پيڪيدار شارڪ اسڪن، پامپيز ۽ پڪ پڪ جا شاهاڻا سوٽ! چا ڪريم، پائوڊر، لپ اِسٽڪ، ۽ عطر جون هٻڪارون! چا گلابي ڳلن، ڪجل سان پريل اکين، لال چپن ۽ اڌ اُگهاڙين ڇاتين جي رونق! چا ناز سان هلڻ، چپٽيءَ ۾ نُرشيءَ جو جهلي نازڪ نموني ڪائڻ، گلاس جي ڪنن کي چپن سان لڳائڻ کان بچائڻ ۽ هرهر ٻٽوڻ مان پائوڊر جي دٻلي ڪڍي منهن کي ٿڦڻ! چا اکين کي مچڪائڻ، چپ پڪوڙي اندرئي اندر ۾ ٽهڪ ڏيڻ، هٿ هٿ ۾ ملائي شرمائجڻ ۽ ساڙهيءَ جي اسٽريءَ کي بچائڻ لاءِ ڪرسيءَ جي ڪني تي وهڻ!

گيان منجهي پيو ته هو هاڻ ڇا ڪري! هو پاڻ کي تيچ ۾ ڪين جهڙو محسوس ڪرڻ لڳو. هڪ دل چيس ته پٺيان پير ڪري. پر ائين ته ٺيڪ نه ٿيندو. ٻڏتر ۾ ڪا ويرم ته دروازي تي بيٺو رهيو. آخر پنهنجي ڪمزوريءَ کي لڪائي، ٿوري همت ٻڌي، ششدر ۽ پريشان حال ۾، هڪ پاسي ڪنڊ ۾ پيل خالي ميز جي پرسان ڪرسيءَ تي ويهي پور پچائڻ لڳو.

کانو چالو ٿي ويو هو. کاڌي جا هڪڙا ڪورس ٿي پورا ٿيا ته ٻيا ٿي آيا. ديسي کاڌي جا نمونا ٻه هئا ته وديسيءَ جا پڻ، کائڻ سان ٻڍين، ٻارن ۽ مردن 'وٽ وٽ' پئي ڪئي. باقي نوجوانڙين ائين ٿي کاڌو، ڄڻ نڙيءَ کان هيٺ لٿن ئي نٿي.

گيان جي دل درد محسوس ڪرڻ لڳي. شاديءَ جو هيءُ شان ۽ دٻدٻو ڪيس کائڻ ٿي آيو. هن سوچيو: هڪ طرف هيئن ٿو ناڻو اوتجي، ٻئي طرف مون جهڙن جي دنيا اُجڙ آهي! ڌن ڪن کي لٽڻ لاءِ آهي ته ٻين کي جيئڻ لاءِ نه هجي! دل جون تمنائون پوريون ڪرڻ لاءِ ته هجي! انساني حياتي گذارڻ لاءِ ته هجي! گهر ٻار ناهڻ لاءِ ته هجي! هو سوچيندو ويو.

پاسيري ويٺل گيان تي کاڌي وراهيندڙن مان پڻ ڪنهن جي نظر ڪانه ٿي پيئي؛ يا شايد هن کدر پوش، ڪنڊ ۾ ويٺل شخص کي ٻيئرن پڻ ڪنهن مهمان جو ڊرائيور

سمجهي، نظر انداز ڪري ڇڏيو. ڀلا ڪنهن کي ڪيئن خبر پوي ته لکپتي سيٺ هريرام جي گدام جون ڪنجيون سنڀاليندڙ ڀائي گيانچند هن ڪنڊ ۾ تنهائيءَ ۾ ويهي پنهنجي حياتيءَ تي پور پچائي رهيو آهي! گيان پنهنجن ويچارن ۾ ايترو غلطان هو ۽ دل جي اندر ايتري پيڙا هئس، جو بيئرن جو وٽس نه اچڻ کيس وڌيڪ پسند هو. جيڪڏهين ڪو کيس اچي پليٽ جي آڇ ڪري ها ته سندس دل کي ايتري چوٽ پهچي ها، جو هو شايد هنن کي گهٽ وڌ ڳالهائي وهي ها. هو بلڪل خاموش ويٺو رهيو ۽ هرچيز کي جاچيندو رهيو؛ پر سندس جهڪيٽ جي هيٺان دل جي اندر هڪ خوفناڪ طوفان جاري هو.

آهستي آهستي ڪاڌي جا دؤر خلاص ٿيندا ٿي ويا. مهمان ڪاڌي مان واندا ٿي گپون شپون هڻڻ لڳا ۽ وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳا. مهمان هاڻي ڪنهن خاص ڳالهه جو انتظار ڪرڻ لڳا. گيان کي هاڻي وجي ياد پيو ته مار! مهمانن ڪاڌي مان ته خوب وٽ ڪيا، پر گهوٽ ڪنوار ڪٿي! گهوٽ ڪنوار جو ته پتو ئي ڪونه ٿي پيو! هن سوچيو: هيل تائين ته سيٺ کي گهوٽ ڪنوار کان وڌيڪ ڪاڌي جو خيال هو ۽ هاڻي وڏيون اوگرايون ڏيئي، شايد هو پڻ گهوٽ ڪنوار جو انتظار ڪري رهيا آهن.

ايتري ۾ سيٺ هريرام پنهنجي سادي، سفيد کاڌي جي لباس ۾ اُٿي کڙو ٿيو ۽ معزز مهمانن کي هٿ جوڙي

پرنام ڪري، چوڻ لڳو: ميري پياري سڄڻو، آپڪو خبر هوندي......

پرسان وينل هڪ پوڙهيءَ رڙ ڪري چيو، "ٻچا هري، هنديءَ ۾ نه ڳالهايو، ڪجهه سنڌيءَ ۾ چئو."

هريرام پوڙهيءَ ڏانهن منهن ڪري، هٿ جوڙي نميو ۽ پوءِ شروع ڪيائين: "پيارا پائڙا ۽ ڀينرون! توهان کي ڏنيواد آهي، جو هن مسڪين جي غريب خاني ۾ چرن گهمايا اٿوَ. هن شيوڪ جي ته هميشه اها اڇا هوندي آهي ته توهان جهڙا سڄڻ وري پيا هن غريب خاني ۾ پيرا گهمائين. ڏنو سڀ ڀڳوان جو آهي. اهو دينانات شڪتيوان آهي، جو هن شيوڪ کان پيو سڀ ڪجهه ڪرائي. مرڻو اڳي پوءِ آهي. پوءِ سنسار ۾ نيڪي چونه ڇڏي وڃجي! هٿ قبو ڪنهن کي اڏائي ڪونه وڻو آهي. مايا اچڻي وڃڻي، چونه توهان جهڙن پريتوانن جي شيوا ڪري سڄائي ڪجي.

"هاڻي سيٺي سڄڻن پرشاد ورتايو آهي؛ ۽ سيٺي کي گهوٽ ڪنوار جو انتظار هوندو. گهوٽ ڪنوار جا سات سڳڻ پيا ٿين. برهمڻ ديوتا سانن ۾ پورو هو. هاڻي مان سيٺي سڄڻن کي هٿ ٻڌي وينتي ڪندس ته سڀيئي اندر هال ۾ هلي گهوٽ ڪنوار جو درشن ڪن ۽ پنهنجي ڪومل هٿن سان هنن تي آسيس ورسائين......"

سڀيئي مهمان هال جي اندر ڪاهي ويا. گيان پڻ اُتاولو ٿي هال جي طرف تڪڙي وک وڌائي ويو. سيٺ هريرام

هال جي وچ ۾ پيل سينگاريل صندل جو پردو هٽائي چيو:

"سڄڻو، هيءَ آهن چنڊ ۽ مڻي، منهنجي ننڍڙي پٽ ديويندر جا گڏو ۽ گڏي، جن جي شادي اڄ رچائي ويئي آهي؛ جنهنجي خوشيءَ ۾ توهان پائن وڏا پير پيري، اسان کي پنهنجو درشن ڏيڻ جي ڪرپا ڪئي آهي."

٢٥. مهل جو ماڻهو

گوبند مالهي

اڄ ڀارت وري ماتم ۾ آهي. دنيا جي وڏي ۾ وڏي لوڪشاهيءَ، ٻيو پردان منتري ٿوري ڪال جي هٿان وڃايو آهي. ارڙهن مهنن کان پوءِ هڪ دفعو وري ڀارت جو هر نر ناري، ٻار ٻڍو، امير غريب، سينڪ سپاهي ۽ ڪسان مزور دکي دل سان اکئين آب هاري رهيو آهي. نه رڳو دنيا ڀر جا مدبر ۽ مفڪر همدردي ڪري رهيا آهن؛ پر جڳت ڀر جي جنتا، ڀارتواسين سان غم خواهي ڪري رهي آهي، اسانجي دک ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي.

جيئن جواهرلال جي گانڌيجيءَ جو وارث هو، تيئن لال بهادر جواهرلال جيءَ جو وارث هو. هرطرح لائق وارث. لال بهادر جي جواهرلال سان ڏيٺ ويٺ پهريون دفعو ١٩٢٧ع ۾ ٿي ۽ ان وقت کان وٺي هو پنهنجي محبوب اڳوان جي نقش قدمن تي هليو؛ گهڻن وقتن تي هنجي جتيءَ ۾ پير پائيندو رهيو. ساڳيءَ قابليت سان الله آباد ميونسپالٽيءَ ۾، ڪانگريس جنرل سيڪريٽري پد تي رهندي ۽ پڇاڙيءَ جو پردان منتري بڻجندي هو جواهرلال جي سڌانتن، آدرشن ۽ آشائن کي عملي جامو پهرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو: لائق اڳوان جي لائق پوئلڳ جي حيثيت ۾. تاشقند ڪانفرنس ۾ ته لال بهادر عين ٻين جواهرلال بڻجي پيو. اڳوان پنهنجي پوئلڳ جي قابليت پهريندي ئي ٻين کان

اڳ صحيح سڃاتي هئي. پنهنجي ديهانت کان ڪجهه مهنا اڳ، هن کيس جنوري ١٩٦٤ ۾ بنا کاتي وزير ٻڌائيندي چيو هو: "توکي منهنجو ڪم سنڀالڻو پوندو." پوءِ لڳ، خود اڳوان ٻڻجڻ بعد کهڙي نه شاندار نموني اهو ڪم سنڀاليو!

جڏهن راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌاڪرشنن چيو، "لال بهادر 'جنتا جو پردان منتري' هو"، تڏهن واقعي شاستريجي عام ماڻهن جو مثالي اڳوان هو. سادي جيوت، اوچي خيالات جي مجسم تصوير. قد جو ڇوٽو پوءِ به ورات روپ وارو؛ جنهن کي جنتا پيار، عزت ۽ شردا وچان ننڍڙو پهلوان (Pint size Napoleon) سڏڻ لڳي هئي. گلزاري لال ننڊا شاستري جيءَ سان دهليءَ مان تاشقند ٽيليفون تي ڳالهائيندي چيو هو، "توهان جنگ جي وقت جا اڳوان ئي نه آهيو، امن جا اڳوان به آهيو." هڪ ئي وقت جنگ ۽ امن جو اڳوان نه چرچل ٻڻجي سگهيو نه اسٽالن، نه مائو ٻڻجي ٿي سگهي، نه جانسن. اهو ڇا محض اتفاق ئي هو، جو لال بهادر جائو گانڌيجيءَ وانگر ٢ آڪٽوبر تي، ۽ جواهرلعل جو وارث ٻڻيو؟ حالتون ۽ واقعا ڏيکارين ٿا ته اهو اتفاق نه هو. لال بهادر، گانڌيجيءَ ۽ جواهرلعل جيءَ جي سڌانتن جو ئي نه، هڪجهڙاين جو ئي نه، علحدگين جو به سنگم هو. سياه ۽ رهت گانڌيجيءَ جهڙي، آدرش ۽ عملي نقطه نگاهه جواهرلعل جهڙي ۽ ان انوکي سنگم جي ڪارڻ هو نيپولين سڏجندي به نيپولين جهڙو هٺيلي ۽ قهار ٻڻجي نه سگهيو. لاهور هٿ ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هوندي به، لاهور کان ٻاهر رهيو. سوپ

حاصل ڪرڻ بعد به جنگ جو نه، امن جو ڪانڪي رهيو. آزمايل پاڙيسريءَ ڏانهن به مترتا ۽ ناه جو هٿ ڏگهيري سگهيو. گوتم کان گانڌيءَ کي مليل، اشوڪ کان نهروءَ کي مليل شاندار پرمپرا جو رکپال ئي نه، اڳتي وڌائيندڙ بڻيو. پاڪستاني حاڪمن کي جنگ وقت ٿوڻا چبائيندي، ۽ چيني حاڪمن جي ڌمڪين پر نه ڏجندي، لال بهادر ڀارت جي اتهاس ۾ اوچو آستان والاريو آهي ۽ تاشقند ناهه تي صحيح ڪري، هن دنيا جي تواريخ ۾ پنهنجي لاءِ شاندار جڳهه محفوظ ڪئي آهي. پڻ به سڌانتن صدقي، امن به اصولن خاطر، جنگ عارضي ۽ محدود، وطن جي آزاديءَ ۽ خوشحالي برقرار رکڻ لاءِ.

لال بهادر جي ساري جيوت ڪٺنائين کي منهن ڏيندي نبري؛ ننڍپڻ غريبيءَ سان ٽڪر کائيندي گذري؛ وچولي وهي غلاميءَ جي مصيبت جو مقابلو ڪندي ڪٽي؛ پڇاڙيءَ واري جيوت جنگ ۽ امن جي گنڀير ۽ ڪٺن مسئلن کي سلجهائيندي پوري ٿي. پر ڪنهن به منزل تي هن ڪٺنائيءَ کي منهن ڏيڻ کان ڪنارو نه ڪيو؛ ننڍي هوندي پيڙيءَ لاءِ پيسا نه هوندي، گنگا ندي تري سگهيو، وچولي وهيءَ ۾ جيل ڀوڳي سگهيو، پڇاڙيءَ ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري، ديش ڀڳتيءَ ۽ وشو ڀڳتي سان نباهيندو رهيو. مورچي تي محڪم رهندي، دم ڏنائين. پنهنجو، ديش جو، ۽ انسانيت جو بول بالا ڪري، ابدي ننڊ ڪيائين، ورهيه ننڊون ڦٽائڻ کان پوءِ.

اڳوان وارو وڄائي ويو. ديش واسين ۾ پاڙيسري ملڪن لاءِ عملي روشن راهه ڇڏي ويو. ايڪتا، سورمتا، ديش ڀڳتيءَ ۽ قربانيءَ جي سلسلي قائم رکڻ سان، ڀارتواسي پنهنجي محبوب اڳوان کي سچي ۽ دائمي شرڌانجلي ڏيئي سگهن ٿا. ”جئه ڪسان ۽ جئه جوان“ نعري بلند ڪندڙ اڳوان جي ياد يا عمر قائم رکي سگهون ٿا، ڳاڌي ۽ ٻين ضروري شين جي پيداوار وڌائڻ ۽ ديش جي آزادي ۽ خوشحالي برقرار رکڻ سان. پاڪستاني حاڪم خاص طور ۽ سڄيءَ طرح تاشقند ناهه تي عمل ڪن ۽ چيني حاڪم اُن ڪان اتساهت ٿي، نظريه ۾ ڦيرو آڻين ته لال بهادر شاستريءَ جا لايا ٻه سڄايا ٿين ۽ وشو شانتيءَ ۽ عالم گير برادريءَ لاءِ دروازو کلي ڇوي. اسان تاشقند ناهه تي قائم رهنداسين. اهڙو اعلان عارضي پرڌان منتري نندا ڪري ئي ڇڏيو هو. سد ڀاونا جو جواب عملي سد ڀاونا سان ملڻ کپي. لال بهادر شاستريءَ جي جيون بليدان بعد، چيني ۽ پاڪستاني حاڪمن ۾ ڦيرو اچڻ کپي. ايندو اهو ڦيرو؟ ٿيندي سد ڀاونا ٻه طرفي؟ انهن سوالن جي جوابن لاءِ اسين منتظر آهيون. محبوب اڳوان جي وڇوڙي جي سايه هيٺ تهائين وڌيڪ.

نـــظـــم

١. شاھ

راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل

(سُرُ سورَٺِ)

داستان پھريون

(١)

اَللهَ جي آسَ ڪَري، هِلئو هِئائين،
چارَڻَ ٻَڌا چَنگَ کي، جھُوڙا ۽ جھائِين،
ڏُٺُلِي راءِ ڏِياچ جي، ڏُورا ڏِنائين،
وِهَنتِي واحِدَ دَرِ، تِهِ وير ڪِئائين:
"سَپاجھا سائين! راءِ رِيجھائين راڳَ سين."

(٢)

"پَرَديسا پَنڌُ ڪَري، هَلِي آئِيو هُوُن،
اُنچو تُوُن عَرْشَ تي، آنْ پورو مَٿي پُوُن،
ڪِنءِ تُسَندِهِ تُون؟ هِيُ سِرَ سُوالِي مَگَڻُو."

(٣)

”پَرَديسا پَنڌُ ڪري، سُڻي آيسِ شانُ،
مَڳان ڪِهڙيَ مَتِ سيّن؟ نِسورو نادانُ!
سو ڪو ڏيارِيين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرَڪُ ڪري.“

(٤)

”سَرِديَ سالِمُ نَہ رَهان، گَرِمي ٿِيان گُدازُ،
اُمِنُ ڏيہِ اَمانَ توُن، سائِلُ هَٽي سازُ،
رَبابِيَ کي رازُ، خالِصُ ڏيہِ خَلِيلَ جو.“

(٥)

”ٻِئا دَرَ ڏيئِي ٻَنَ کي، آيُسِ تُهِجي دَرِ،
سُنهارا سورَتِ وَرَ! ڪا مُهِجي ڪَرِ،
ٻَلا! پيري ٻِرِ، پالهو پانڌُ پينارَ جو.“

داستان ٻيون

(١)

جاجِڪُ جهوناگَڙهَ ۾، ڪو عَطائِي آيو،
تہ ڪامِلَ ڪَڍِي ڪيِنرو، وِيهِيَ وَڄايو،
شَهرُ سَڄوئِي سُرَ سين، تَندُنِ تَپايو،
دائُون دَرِمانديُون ٿِيُون، بابِنِ باڏايو،
چارَڻَ تي چايو، تہ مارِي آهي مَڱڻو.

(٢)

ڪَنِينْ ڪَنِينْ ماڙهين، پيئِي ڪَلَ ڪائِي،
رَسِئا جي رَمْزَ کي، تَنِ پارِسِي پائِي،
'اَلاِنْسان سِرِيْ وَ اَنَا سِرُه'، وَرَتِي اِيَ وائِي،
راڄا، راڳائِي، هَرِدو ئِي هيڪُ ٿِئا.

(٣)

سِرَ جِي ڦُٽائِين، هَلِئو، چارَڻُ چِتائِي،
سو مُوڙا جهَلي، نَہ مالَ جا، تو ماٽِڪ موٽائِي،
"تو دَرِ آيُس تي، جِنْ تو ناهِ نَہ سِڪِئو."

(٤)

"جي مِيرائِي مَڱِڻا، آئُون پُڻِ مَنجها تَنِ؛
ڪِينْ ڪَہُ مُهجي ڪَنِ، اُرْتَ مَنجهارانِ جي."

(٥)

"ڪا جا ڳالِ ڳِري، ٻِيجَلِئا! ٻُڌاءِ مُون،
پيئْہ جِنْ گِرنارَ ۾، تَندُن تانُ ڪَري،
ڪِ تو پَنڌُ پَرِي؟ ڪِ مَڱَڻ جهَلِندِہ؟ مَڱڻا!"

(٦)

"مَگَـ نہ جَهلِيان مُورهمُ، نہ مُون پَنڌُ پَري،
ٻِطِي آيُسِ ٻالَـڙي، ٻُجهي تو ٻـري،
سا سَمُجهجِ، سورَتِ وَرَ! وِيندُسِ ڪِين وَري،
پَرِڏا پيَر پَـري، تولَء آئِيو آهِيـان."

(٧)

سِرُ مَگي، سِرُ گهڙي، سِرَ رِء ٿيي نہ صَلاحَ،
فَريبَنِئُون نہ گُذَري، تو ماري مِيرَ مَلاحَ،
نـايـو نَوابَن جا، سـورِيـو ڪـڍي ساهَ،
خالِقُ سَنجِهہ صُباحَ، ڪونَ چِڏِندو ڪِٿهين.

٢. سامي

سهڻيون تشبيهون

١. هر جن، هر ذاتي، کيلن سڀ خيال ۾،
رهن اليپ ڪنول جان، سامي سجاتي.

٢. انئي پهر عجيب سان، ملي مؤجان کن،
منجهي راج رهن، ڪيول ڪنول جان سدا.

٣. جاڳي ڏٺو جن، پانهنجي آئين پاڙڪي،
مخفي راج رهن، ڪيول ڪنول جان سدا.

٤. جنهنجو پت پاسي، سامي ڪري ستگرو،
تنهنجو من ڪنول جان، بيحد بگاسي.

٥. سڀ کي ٻوڙايو، پريم پساج لڳي ڪري،
ٻڌي ناد ڪنن سان، مرگهه ٻوڙي آيو،
وني واس ڪنول جان، ڀؤنر لپٽايو،
سامي سمايو، پتنگ جوت ڏسي ڪري.

٦. اندر ٻاهر، نپ جان، رهي اليپ اچل،
چاڙي مايا چل، چڙهي وينو چؤڏول ۾.

٧. سيڪو پريم چئي، پريم نه اچي واچ ۾،
جئن آڪاس گهٽن ۾، سدا اليپ رهي.

٨. ديکيا دات گروءَ جي، جنهنجي من وسي،
انل جان آڪاس ۾، سامي سرت وسي.

٩. سامي ملي سروپ سان، ٿيا خلوتي خاصي،
رهن منجهه آڪاس، اٺ ئي پهر انل جان.

١٠. آتم پدواسي، ڪوڙين منجهون ڪو رهي،
جيئن بڪين ۾ هڪڙو، انل آڪاسي.

١١. اڻ هوندو اوديا ڇل، تيو چيتن جي چت کي،
جئن سورج جي تيڪ کون، مرگهه ترشنا جو جل.

١٢. اڻ هوندي ڀولي، وڏو جيءَ ڀرم ۾،
جئن ڪستوري ناڀ ۾، مرگهه باهر ڦولي،
اوديا پٽ کولي، سامي ڏسي ڪينڪي.

٣. سچل

محبوب من ۾

محبوب ڳولي ڏس من ۾،

معشوق ڳولي ڏس من ۾.

١. واه ڪاريگر ساز بڻايئي،

ڪن فيڪون جي ڪن ۾.

محبوب ڳولي ڏس من ۾......

٢. بي فائدو بازار گهمين ٿو،

گل ڦل باغ بدن ۾،

محبوب ڳولي ڏس من ۾......

٣. چوريءَ چوريءَ سير ڪرين ٿو،

تنهنجو چاند چمن ۾،

محبوب ڳولي ڏس من ۾......

٤. سرس ڪري سينگار سڄڻ اچ،

دوست آيو درسن ۾،

محبوب ڳولي ڏس من ۾......

٥. دلبر ديرو دائم دل ۾،

چو ديکين ٻئي درپن ۾،

محبوب ڳولي ڏس من ۾......

٦. سچل سائين صحيح ڪري ڄاڻم،

يار ڳڏيو ڪک پن ۾،

محبوب ڳولي ڏس من ۾......

N.B

کيڙو مست پرين

کيڙو مست پرين جي، ڪنهن ناز مونکي،
وسريو روزو ناهي، ياد نماز مونکي.

١. نيڻين ننډ حرام، آهي وَت روز آزل،
سرندو سوز سڄڻ جو، آهي ساز مونکي،
کيڙو مست پرين جي......

٢. شوق شراب پيمان، پر وت راتيان ڏينهان،
ڪونهي قاضي ملان جو، ڪو لحاظ مونکي،
کيڙو مست پرين جي......

٣. وائي وات ڪهائي، هوُ هوُ جي پرين،
وري اچي هوُ هوُ پرين ڏانهن، آواز مونکي،
کيڙو مست پرين جي......

٤. سچل مقصد سارو، تون ول تون ئي جيوين،
ڏس وري ناز پنهنجي جو، ڪو راز مونکي،
کيڙو مست پرين جي......

٤. ڪشنچند بيوس

سمجهي ڇڏو

١. ٿو ٻڪي پردي پٺيان ڪنهنجو لقا؟ سمجهي ڇڏئو،
سرت آڏو ٿو اچي ڪنهنجو سما؟ سمجهي ڇڏئو.

٢. پل ۾ سو ميلن تان آڻي نقش ۽ آواز کي،
آهه ٻجليءَ جي اندر ڪنهنجي ستا؟ سمجهي ڇڏئو.

٣. ڪئن جزا، پوري وزن ۾ ٿا ملي مرڪب ٿين!
جڙ اندر هيءَ آهه ڪنهنجي جاڳتا؟ سمجهي ڇڏئو.

٤. ڪنهن ڌريا لعلون جواهر پيٽ پٿر ڪاڻ ۾؟
مينهن ڦڙ مان ڪنهن ڪيو موتي صفا؟ سمجهي ڇڏئو.

٥. پاڻ، ڌرتي، واءُ، پاڻي، روشني ساڳي، مگر،
ڇو ڇڪن گل ڌار رنگ و بوءِ جدا؟ سمجهي ڇڏئو.

٦. وڻ وڏي ٻج مان ٿيو ۽ سنگ داڻي مان بڻيو!
ٿا ڪٺن مان ڪيچ ٿين، ڪنهنجي ڪلا؟ سمجهي ڇڏئو.

٧. هفت رنگي روشنيءَ مان خاص شيءِ ڪو خاص رنگ،
ڪئن ڇڏي ٿي! ۽ ڇهه سانڍي ٿي ٻيا؟ سمجهي ڇڏئو.

٨. ٿو چمڻ سان ٻار ازخود ڪير ڌائڻ کي لڳي،
ڪير چمندي ڪيس ڏئي ٿو ايءَ سکيا؟ سمجهي ڇڏئو.

٩. حالتون سارو تفاوت آهه تر تر تي رکيل،
ڇو پلا هڪ شاهه ٿيو، ٻيو ٿيو گدا؟ سمجهي ڇڏيو.

١٠. درسنيءَ کي درسنيءَ جي سامهون رک ۽ نهار!
ايڪ مان ڪئن ٿو ٿئي ٻي اننها؟ سمجهي ڇڏيو.

١١. بنس پوريءَ ۾ سنئينءَ ۾ ڦوڪ ڦوڪي پاڻ ٿو،
ورنه بيوس جي سخن ۾ آهه ڇا؟ سمجهي ڇڏيو.

۵. پرسرام ضيا

سڀ سيلاني

تون سيلاني، مان سيلاني
اگم ديس کان آيا آهيون
سير ڪرڻ سڀاڳاني.

۱. آهي اسانجو ڏسڻ پس ڪم
ڪين جڳائي هِن هُن جو ڪم
سيلانين جو سير سان مطلب - وسنئن هجي يا ويراني.

۲. پنهنجوءِ نه پرائو ڪوئي
چڱو لڳو يا لاڳو ڪوئي
اسين مسافر، فرق رکون ڇو - ڪريون ڇو ناحق ناداني.

۳. قدم قدم تي ڪاڪ محل آهه
مومل مايا جو ڇل ول آهه
راڻي وانگر رمز سان هلندو - جڳ ۾ ورلو ڪو گياني.

۴. مايا نگري من پرمائي
ڪئن نه مسافر ٿي پٽڪائي
ديس پلائي پرديسين کان - دلڪش دنيا هي فاني.

۵. دنيا جي گلزار ڪي ڏس تون
گل ڪي ڏس تون خار ڪي ڏس تون
پيار ۽ نفرت سان ڇا تنهنجو - نظر ڪپي ٿي يڪساني.

٦. اک آٽڪي، پر دل ڇو آٽڪي؟
ڀونئر مثل من ڇا لاءِ ڀٽڪي؟
اس جو نيڻن نهوڙي نيندو- حاصل ٿيندي حيراني.

٧. پنهنجي آدي ذات سڃاڻج
پاڻ ۾ پيهي پاڻ کي ڄاڻج
مڙني کان پد تنهنجو اوچو- لال ضيا تون لاثاني.

چاهيون ٿا

١. غم کان آزاد ٿيڻ چاهيون ٿا،
زندگي گهرجي، جيئڻ چاهيون ٿا.
ذري ذري ۾ ڀري نوجيون،
خاڪ جو شان ڏسڻ چاهيون ٿا.

٢. شمع ڪو بڻجي، نه پروانه بڻون،
ڪو جلائي، نه جلڻ چاهيون ٿا.
رهبريءَ لاءِ اُٿن ٿا جذبا،
پنهنجي منزل تي رسڻ چاهيون ٿا.

٣. نيٺ برپٽ ۾ بهاري ايندي،
باغ جا نقشا رڱڻ چاهيون ٿا.
حسرتون خواهشون ٿينديون آباد،
پنهنجيءَ دنيا کي اَڏڻ چاهيون ٿا.

٤. هان تدبير کي رُسوا نه ڪبو،
ساٿ قسمت جو ڇڏڻ چاهيون ٿا.
اي 'ضيا'، سوُر گهڻا پيتاسين،
جام راحت جا پيئڻ چاهيون ٿا.

٦. ليکراج ”عزيز“

پراڻي پريت

١. وهامي نه ٿي هيءَ سياري جي رات
ڏکن ڏوجهرن جي ملي جنهن کان ڏات

٢. اچي ٿو اُتر واءُ سوسٽ ڪندو
گهرن ۾ گهڙي ٿو سو گهوگهٽ ڪندو

٣. نه چاڙيءَ سان چاڙي ٿي سيءُ کان ملي
بدن سارو ڪُرڙي جيان ٿو ڏکي

٤. ڪري ولهه ٿي واڪا ڪٺائي تڏا
پيگا سڀ گهرن ڏي ننڍا ۽ وڏا

٥. ڇڏڻ تي نه ٿي هنڌ ڪي دل وري
هٿايون سوڙ جيَ ۾ گهر سيءَ ڪري

٦. مٿان آهه اونداهه بيگاهه ٿي
ڇا دهشت پيري صورت آ رات جي

٧. ستارا به ڏسجن ٿا بيتاب اڄ
مگر آهه آرام ڪمياب اڄ

٨. نشانُ چنڊ جو آسمانُ ۾ نه آهه
پتو نور جو ڪنهن مڪانُ ۾ نه آهه

٩. سيارو ۽ اونداهي، مان هيڪلو
نه ساٿي نه سنگتي سوا غم جي ڪو

١٠. پراڻي محبّت پيم ياد ڪا
رهي جنهن کان هيءَ دل ٿي ناشاد ڇا!

١١. ڪڏهن درد دل ۾ هو لاتوم جوش
اُنهيءَ جوش گم هو ڪيو عقل هوش

١٢. تري آيو دل تي اُهو مونکي ڏينهن
محبّت جو چاهيم وسي مون تي مينهن

١٣. جگر چاڪ جنهنجي جدائيءَ ڪيو
گرفتار غم آشنائيءَ ڪيو

١٤. هئي ڪير پيچ ڪين سا مهلقا
ڏٺيءَ جنهنکي پيارو ڪيو رو عطا

١٥. کسيو جنهن نهارڻ سان صبر ۽ قرار
هئي هجر کان جنهنجي اَک اَشڪبار

١٦. منوّر سندس منهن جئن ماهتاب
پيو دل جي دريا ۾ لُڙ بي حساب

١٧. پرون ٻئي سندس نيزه بردار ها
مگر حسن جا سي سپهدار ها

١٨. اکيون نرگسي سرمگينْ ناز سان
پريل فتنه گر ٻئي سي جادوءَ منجهان

١٩. نهارڻ سان دل کي ڦٽيندڙ ٻئي
نه صيّاد ناوڪ چٽيندڙ ٻئي

٢٠. نزاڪت گلن جي ڪريان ڪيئن رقم
هئي شاخ گل جو ٿو گهرجي قلم

٢١. ڏسي حسن جو زور ۽ آب تاب
ڪکر ۾ لڪايو ٿي منهن آفتاب

٢٢. نه قامت سان ڪو ٿو برابر ٿئي
ڦڪو سرو ۽ ٿو صنوبر ٿئي

٢٣. ٺيو شرم کان رنگ گلزار ڇٽ
نہ ڪا اپڇرا ٿي سگهي هن سان مٽ

٢٤. لُڏڻ هلندي دل کي ڏاريو ڀڃي
مؤن ڀاٽان مٿس پاڻ واريو پئي

٢٥. مٿي حسن هنجو هو تعريف کان
گهڻو عقل دانش جي توصيف کان

٢٦. نہ ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نہ ڪنهن اک ڏٺو
بشر هنجي صورت جانْ جڳ ۾ ٻيو

٢٧. سندس سونهن اَخلاق سان جلوه گر
حيادار ۽ شرمگينْ سيمبر

٢٨. گهمڻ باغ ۾ آئي سا گلعذار
ڏسي سنهن ڪرڻ گل لڳا ٻوُ نثار

٢٩. ڏسي حسن هنجو ٺي شيدا پيس
اَچي عشق جي اُت آڙي ۾ ويس

٣٠. نہ باقي رهيو ڪو بہ صبر ۽ قرار
ڪيم تير اَکڙين سندي دلفگار

٣١. ڏٺو هن ڪو ٿلندي ٿڙيل گل عجيب
اَڳي ٺي پٽڻ لءِ وڌو هٿ حبيب

٣٢. لڳس خار چنندي، هٿي ٺي پري
ٺي مهٽڻ جي خود آگرين کي ڪري

٣٣. ڏسي حال هيءُ مؤن، رسي، گل پٽيو
وجڻ لءِ قدم هنجو اڳتي وڌيو

٣٤. وجي مؤن اَدب سان ڪيو عرض گل
چيم حاضر آهي، وٺو پنهنجو ڦل

٣٥. آجا هوءَ ونڻ کان سو هيڪڙي پٽي
موُن پڇيو تو ري خار گل هڪ ٽٽي

٣٦. ٽيهن باغ جا گل ٽا پُر خار سڀ
مگر گل اِهو آهه بي خار الب

٣٧. قبوليو ته حاضر اُهو پڻ ڪريان
اوهان جي اَڳيان آڻي اُنکي ڌريان

٣٨. حيا کان چپن ۾ چيائين اِتي
ته گل اهڙو آهي ڪڏهن ڏيو ڪٿي!

٣٩. وراڻيو سو گل باغ اِنسانَ جو آهه
سندس نام دل، ڪنهن کان مستور ناهه

٤٠. هن آکيو نه بوُ اُن ۾ گل جانَ ٽي مور
هجي ها منجهس جي اَچي ها ضرور

٤١. چيم، ڪاش! اِهو گل ڏسي ڪو سگهي
سندس بوُ وفا جي سنگهي ڪو سگهي

٤٢. معطر ٿيو اِن کان عالم جو باغ
ٽڙي ٿو ڪري سارو آندر چراغ

٤٣. چيائين اِتي طنز سان باصواب
ته گل آهه بيشڪ اِهو لاجواب

٤٤. وفا جي اَگر بوي هوندي منجهس
ته خوبيءَ سندي خوي هوندي منجهس

٤٥. اِهو عشق جيڪو ڪمائي هليو
حياتيءَ جي دنيا سجائي هليو

٤٦. عزيز! آيو دنيا ۾ اهڙو پلي
مٿس جان گهوريون نه ڇا ڪون هلي؟

٧. هري دریاني "دلگير"

سي ڪٿي!

١. ڪُنڊ جا ڪونہ ها جيڪي، سي ميخانا ڪٿي آهن!
لنئيندا ڏُنگ ها جيڪي، سي ديوانا ڪٿي آهن!

٢. هينئر پيي مئي ملي ٿي، پر ڪٿي سا موج مدهوشي،
اُهي ساقي ڪٿي آهن، سي مستانا ڪٿي آهن؟

٣. پيالا پُر ڪري اڄ پيي پيون ٿا، پر پِرين پيارا!
پيارئہ پاڻ ٿي جيڪي، سي پيمانا ڪٿي آهن!

٤. ڪٿي سي، رات ساري جن سان ڳالهائي نہ ٿڪبو هو،
ڪُنڊ جا جي نہ ها هرگز، سي افسانا ڪٿي آهن!

٥. مڙن ٿيون محفلون اڄ پيي، مگر ڪٿ سي ڪٿي ماڻهو!
جلي ٿي شمع اڄ پيي، ليڪ پروانا ڪٿي آهن!

٦. هلي انعام لءِ ٿو سونهن جي سرڪار ڏي هرڪو،
مگر جي جان جا ڏيندا ها نذرانا، ڪٿي آهن!

٧. اُهي جايون، اهي جڳهيون، اهي وڻ ٽڻ وڻا ٽا سي،
مگر جن ڪان منور ها هي ڪاشانا، ڪٿي آهن!

٨. هتي اڳ ها گلستانن جا جهڳٽا، ڍير گلڙن جا،
سنڀالي هل دلِ نادان! هي ويرانا ڪٿي آهن!

٩. جواني اڄ بہ جهومي ٿي، مگر "دلگير" مجبوري،
اُهي سهڻا ڪٿي ۽ سي صنم خانا ڪٿي آهن!

اڳڪٿي

سُرَ ساڻ وڄي جو نہ، اُهو ساز نہ رهندو،
جو دل کي نہ لرزائي، سو آواز نہ رهندو.

١. خود شمع بہ پرواني کي ڳوڙهن سان سڏيندي،
نہ تہ شمع ڏي پرواني جو پرواز نہ رهندو.

٢. گل چوندو صبا کي، ”وڄي بلبل کي وٺي آءُ“،
ڪو خار نہ رهندو، ڪوئي غماز نہ رهندو.

٣. سا بزم نہ رهندي، جا مِڙنِ لاءِ نہ هوندي،
هوندو نہ اهو ساقي، جو همراز نہ رهندو.

٤. پياسيءَ جي پنيان، پاڻهي شيشو پيو ڦرندو،
ڪوئي پيي، ڪٿي، نظر انداز نہ رهندو.

٥. سو ڪير، جو محمل ۾ ٿو ليليٰ کي لڪائي؟
مجنونءَ لئہ هنئر، پردي پنيان راز نہ رهندو.

٦. ايندي جي بهاري، تہ هميشہ جي لاءِ ايندي،
هٿن چئن گهڙين واسطي اعجاز نہ رهندو.

٧. سا جور نہ رهندي، جا پئي خون پرائو،
جهرڪين کي جهٽي ڪائي جو، سو باز نہ رهندو.

٨. تهذيب، هنر، علم ۽ فن تي ئي ڪبو فخر،
دولت تي ڪڏهن ڪنهنکي سچو ناز نہ رهندو.

٥. انسان جي پيرن ۾ جهڪي ويندا فرشتا،
هوندو نہ سو انسان، جو ممتاز نہ رهندو.

٨. هرومل "خادم"

رباعيون

١. ڪير آهه؟ وڄائي پيو هي ڪهڙو ساز؟
نس نس مان تو ٻُري انوکو آواز!
هر چيز تنواري چو پئي ساڳي تند؟
هن وجد جي عالم جو ڇا آهي راز!

٢. سازن ۾ سُڪُوت جهڙو ڪو ناهي ساز،
گونجائي ڪنن ۾ جو غيبي آواز؛
سُر تال جهنڻ جي جي ڪجي ٿي ڪوشش،
آواز بي آواز، رهي راز جو راز.

٣. خادم! ڪو انهي سوال جو آهه جواب:
ڇا آهه حياتي ۽ جهان جو اسباب؟
ڪا مونکي ٻه دم پل جي حقيقت آهي،
يا خواب ۾ خوابيده ڏسي خواب جو خواب؟

٤. اکڙيون نه، اهي آهن دل جو درپن،
اندر جي حقيقت جي ڇيو منهن تي ڏين؛
ڪو پيار ڪري، وير رکي، ڪنهنکي تڪي،
هڪڙي ئي نهار ۾ سليو راز وجهن.

٥. ڪو گلشن محبوب جو آيو احوال
جو اک تي وڏي چاهي ڪرڻ استقبال؛

اي پيڪ صبا! ڪهڙي بهاري آندءِ،
دل جي ٽڙي مکڙي ۽ ٿيو من خوشحال!

٦. ڪنهن زلف پريشان جو اُٿيو دل ۾ خيال،
ڏينهن رات اٿم جنهن ڪان آشفته حال؛
هر هر ٿو اُٿي ويهان، ويهي ليٽان،
خم پيچ جي فڪر ۾ ٻٽي ننڊ محال.

٧. مان چوٽ جبل تي ته چڙهيس، پر بيڪار،
آئي نه نظر روشني ڪائي ڪنهن پار؛
جوين نه رهيو، آهه حياتيءَ جي شام،
ڪا آس اجا رکان ته ڪهڙي آڌار؟

٨. مَي مثل اُبڙڪي پيو، سِيني ۾ جوش،
پل دل ٻه جلي، گل جان رهندس خاموش؛
مان شمع نه آهيان جو ڪريان رسوا پاڻ،
مون ڪان ڪو سکي محفل ۾ ڏارڻ هوش.

٩. اک لال هجي، چهرو مگر زرد هجي،
دل گرم هجي، آهه مگر سرد هجي،
عاشق جي چا دنيا وارن سان ريس!
پنهنجي لاءِ اڪيلائي هجي، درد هجي.

٠٩ رام پنجواڻي

اي مرغ دل (غزل)

اي مرغ دل صياد جي اميد کي برباد ڪر
تون ٽوڙ پڃرو پر هلائي پاڻ کي آزاد ڪر

١. ٿي بي اثر آهون ويون جي لطف کان خالي رهيون
فرياد کان پهرين ته پيدا لذتِ فرياد ڪر

٢. ڪر قتل پل پر مرڪندڙ منهن سان مَٺا! خنجر وهاءِ
زخمن جو پيدا پاڻ مان مرهم به اي جلّاد ڪر

٣. سينگار جي سامان ۾ توکي آڪر موتي ڪپي
هي بحرِ غم مان تازو نڪتل در يگانو ياد ڪر

٤. ڏي گنج مان پنهن جي ذڪواتِ حسن شاهِ حسن تون
ناشاد دل کي لطف جي هڪڙي نِگهه سان شاد ڪر

٥. مون دل ڏني تو غم ڏنو، الفت عوض حسرت ڏني
پنهن جي جفا کي ياد ڪر، منهن جي وفا کي ياد ڪر

٦. گلزار دنيا ۾ گلن کي ڏي اچي رونق نئين
برباد ٿيو جو باغ حسن آباد جو آباد ڪر

٧. ناڪام عاشق جي سڄڻ همت نه پيچ هر حال ۾
نالي ڏٺيءَ جي ڪين ساريون ڪوششون برباد ڪر

٨. منهن تي نه تنهنجي ٿو پوي ايڏو تغافل اي صنم
مجبور جي ٿيا پيار ۾ تن تي نه نت بيداد ڪر

٩. پردي پٺيان رازِ نهان چاهين سڪڻ جي عشق جو
هڪ رام کي استاد ڪر، استاد پيو فرهاد ڪر.

١٠. هوندراج "دکايل"

چا جي کري

١. ٿا پڇو مون کان تہ هن تي ٿيس فدا چا جي کري
سوار ٿي هن عشق جي سر تي بلا چا جي کري

٢. ڪنهن مُکو نياپو هو بلبل کي تہ گلشن ۾ اچي
در بدر ٿي پو پلا هوءَ خوامخواه چا جي کري

٣. حسن مقناطيس جي کو کَل پتنگن کان پڇي
جي شمع جي لاٽ تي جيئري جليا چا جي کري

٤. گهر ڇڏي، سانجهي صبح ٿين ٿا وڃي اوندا سنوان
ٿا گهمن مسجد مندر ٻانيڻ مُلا چا جي کري

٥. چاهہ ڪنهن جيءَ ۾ پلا شب روز فاقا ٿا ڪڍن
ورت روزہ جا ڏين تن کي تسيا چا جي کري

٦. هي حسد ناهي تہ چا، نہ تہ سوال کهڙا ٿا ڪريو
ويو ملي اچ آهہ ڪافر کي خدا چا جي کري

٧. مون تہ پنهنجي يار جي صورت ڏسي سجدو ڪيو
اڻ ڏني جي عشق ۾ هو ٿيا انڌا چا جي کري

٨. راز هن ديوانگيءَ جو پهرين پڇ تن کان پُڇو
پوءِ چئو تو ڪيئي "دکايل" هيءَ خطا چا جي کري.

ڳوناٽو گيت

١. پڀڻ ڪڙي پيهي تي ٻيهي، پل پل ڪريان پڪار،
ڪانوَ تڙي تو طرف منجان تي، من ڪو پهچئي پار،
پڀڻ ڪڙي ... ...
٢. رونبا نڪتا، اوڀر نڪتا، نڪتو پئي چڻ ساهه،
ساوَن مان پيلا ٿيا تيلا، لاب پيا، ٿيو ڳاهه،
تڏهن ته تون آئين نه مسافر، ڪهڙي ڏيان ميار؟
پڀڻ ڪڙي ... ...
٣. وائر ۾ ڇڄ ويهه پيرا، چڻ تي هٿ مان ٿڙڪيو،
پيارو پورهيو بار لڳو پئي، تو ري هڏ هڏ ٿڙڪيو،
تن ميرو ٿيو ڏوڙ وسائي، چيڙهه وجايم وار،
پڀڻ ڪڙي ... ...
٤. ديرا ميرا لڳن، مسافر! تو نه ڪيو جي ديرو،
اوطاقن ۾ اوندهه پانيان، پيو نه جي تنهنجو پيرو،
من منهنجي کي ڪين وڻن ٿا تو ري آن انبار،
پڀڻ ڪڙي ... ...
٥. اُڪريءَ ۾ منهن پائي ويٺي، مهري تي ڪڙڪايان،
آهٽ پائي، چرڪ پيري، اک ور ور در ۾ پايان،
مايوسيءَ ڪان آن ڪٺن کي ڏيان ٿي ڪيدي مار،
پڀڻ ڪڙي ... ...
٦. آس وجائڻ واري ناهيان، ڇو ته ڳهيلي آهيان،
تڏهن ته دم دم ڏيئي واجهائي پئي تي دل پرپايان،
نيٺ ته هڪ ڏينهن ايندين "دڪايل" پاڙيندين اقرار،
پڀڻ ڪڙي پيهي تي ٻيهي، پل پل ڪريان پڪار.

١١. پوڄراج ناگراڻي

آيو آهه آواز

١

آيو آهه آواز - اُڌري ڪنهن عشق مان
پائي پر پريم جا - ڪيائين پرواز
وڄندو ساهه سنگت ۾ - هلائي ڪو ساز
ٻڌائيندو راز - پنهنجي پياري ديس جو

٢

مونکي ڏي ڪو حال - پيارا پياري ديس جو
آهي اڃا سنڌين ۾ - محبت جو ڪو مال
سارين ٿا ساٿين کي - ڪي وساريائون وصال
جر وهي هت جال - اوسيري اُنهنجي

٣

اوسيري اُنهنجي - آهي جر جاري
ڳڻي ڳالهيون ڳوٺ جون - سنگت ٿي ساري
وساريو نه وسرن - پوڻ جي بهاري
سنڌو سونهاري - سڄي هرهڪ ساس ۾

٤

پٽ ڌٽيءَ جي بات - اُتي اڃا آهه
درازن جي درجي - آهي سنڌين تات
روحل جي راهه جي - وائي اُتن وات
بيدل سنڌي ذات - رکي اُتن روح ۾؟

٥

آهي اڃا انهنکي - ڪا ساميءَ جي پيي سار

ويهي ساڻ سنگت ۾ - ڪن ڪا پرينءَ پچار
اندر ۾ نهار - ٿا وجهن منهن مڙهيءَ ۾؟

٦

آهي ڪو سنڌين ڪي - سنڌيءَ سنڌو ساءَ
ماڻن ٿا موج ۾ - ماتر ڀاشا چاءَ
ڳوٺاڻا ڳوٺن جا - تنهجو ڏي سماءَ
ملي مسڪينن کي - ڪو اٿي سنڌو پاءَ
ڪين اهڙو لڳو واءَ - جو ڀاءَ نه پڇي ڀاءَ کي؟

٧

ڀاءَ پڇي سدا ڀاءَ کي - شل دليون ٿين نه ڌار
پيارا جي پريتوان - تن جي رهي پچار
مالڪ ڪر ڪا ڪار - جو وڇڙيا ملن وطن ۾

٨

دل جون پتيون پيچ - مالڪ مهر ميا
نماڻي جي مچ - داتا پنهنجي ٻاجهه سان

٩

داور پيچ ديوار - دئيءَ سنڌي دائما
وڇڙيا جي ورهين جا - ملائين ٻيهار
ڪنني سنڌوءَ جي ٿين - ويد منتر اُچار
سماگم صوفين جي - ڪريون پريم پچار
هندو مسلم ناريون - تارن ڏيئن قطار
وجن وارونوار - صدقي پنهنجي لال تان

١٠

ايندو ڙي ايندو - اهڙو سمو صاحبا
وڇوڙو ورهين جو - لحظي ۾ ويندو
سچو پوءِ ٿيندو - قول هن قوال جو.

١٢. ڪلياڻ آڏواڻي

روح رهاڻ

١

اسانجي رحلت، جڏهن ٿئي جهان مان،
تہ سموري وصيت، لهجو انهيءَ شعر ۾ -

٢

خاني ۾ خلوت جي، وهي ماڪيءَ جي مکہ،
تڏهن بہ اٿس اڪہ، هرڪنهن سهڻي گل ۾ -

٣

ڪوئُن جو ورتانت، پڻ انهيءَ پرڪار ٿيو،
ويهي منجهہ ايڪانت، پسن ڪائنات کي -

٤

سياري ڪانپوءِ، اچي مند بهار جي،
حسرتن ۾ تون ڪوہ، ٿو وسارين مسرتن کي -

٥

بهار جي مسرت، جئن چانڊاڻ چند جي،
وجي رت بسنت، پکيءَ جان پرواز ڪيو -

٦

باغن منجهہ بهار، خزان اسانجي دل ۾،
جئن گلن ۾ ٿيا خار، تئن خيال اسانجي قلب ۾ -

٧

هي سفر منجهہ جهان، شال نبري خير سان،
بهشت جا بيان، سڻائيج ٻين کي-

٨

دوزخ ۽ جنت، سمجهہ افسانا ٻئي،
اُتان کير کهي، آيو ٻڌائڻ ٻين کي؟

٩

هن عالم کان دور، جيڪر وڃجي اُڏري،
پل پل اِهو سور، تہ پر نہ ڏيا پرواز لئہ-

١٠

آهي هر اِنسان لئہ، دنيا نرالي،
هرڪو خيالي، پنهنجي پنهنجي پر ۾-

١١

هر بشر سنسار ۾، آهي ڏيو ائين،
هجي ٻيٽ جئين، بينڊل ساگر وچ ۾-

١٢

جئن ڪ ٻہ ٻيٽ، الڳہ هجن سمونڊ ۾،
تئن شاعر ڪئي ٻيٽ، ٻن جيون جي جهان ۾-

١٣

مغرب ۽ مشرق، ٻئي ٻلا پار ڏيا،
ٻئي مستغرق، آهن هڪ ئي نور ۾-

١٤

توڙي وڃين گلزار ۾، توڙي ريگستان،
آهي هر مڪان، هڪ ئي محبوب جو-

١٥

غنچي کي هيءَ تات، ته رات ڦري پريات ٿئي،
چي: ”سهڻي جواهرات، اُٿي پهريان ماڪ جي“.

١٦

پکين کي پريات، آهي تات لنوڻ جي،
اسانکي هيهات! نڪا تات نه لات ڪا.

١٥٠١

١٣. آرجن شاد

شڪوو

١. بي وفا ڪنهن کي چئبو، ڪنهن کي وفادار چئون
يار کي يار چئبو يا اسين اغيار چئون!

٢. ڪنهن جي دل ۾ جي گهڙڻ جي ڪائي تجويز هجي
چشمِ طلسم کي نہ پلجي بہ حيادار چئون!

٣. جيڪو نشي ۾ ٻين جي ٿو پيالن کي لٽي
بزم معصوم جو ڇا تنهن کي بہ ميخوار چئون!

٤. تنهنجي هر بات لپيٽيل تہ هئي قولن ۾
گلفشانيءَ کي ڇا پهڻن سندي وسڪار چئون!

٥. جنهن کي گلشن جي نظر تنهن کي وڻي جي صحرا
تنهن کي نادان چئون يا کي سمجهدار چئون!

٦. عجز سونهي ٿو، نہ سونهي ٿي گراوٽ سر جي
تنهنجي قدمن ۾ ڪرڻ کي ڇا اسين پيار چئون!

٧. ڇا مٿي هير هئي، ڇا لڳو طوفان تکو
هو بناوت تي ٻڌل عشق جو اظهار چئون!

ڪٿي؟

١. فضا اُها ئي مگر شاعراڻي بات ڪٿي؟
ٻڌاءِ چنڊ! اها منهنجي سهڻي رات ڪٿي؟

٢. هي ڪهڙي شور ۾ سنگيت منهنجو گم ٿي ويو
جيئاريو جنهن ٿي مونکي روح جي سالات ڪٿي؟

٣. گلن جي شوق ۾ هيءَ زندگي شگفته هئي،
هٿن ۾ خار چڀائڻ جي، پياري تات ڪٿي؟

٤. جئڻ جو غم ٿي محبت سان مون مٽايو، پر
آفسونِ عشق ڪٿي، منهنجي مشڪلات ڪٿي؟

٥. اُمنگ دل جو ٿو لٽجي، ذرا سجاڳ به ٿيءَ
مٽائي روپ ستم ٿو، مگر نجات ڪٿي؟

٦. نظر ڪي ڏوهه ڏيان يا ڏيان نظاري کي؟
آسان جي دل جي اُها شاد ڪائنات ڪٿي؟

١۴. سگڻ آهوجا

حال پريشان

١. ڦهلڻ نہ ڏيان ڪنهن ڏي ٿو دامان ڪي پنهنجي،
جيءَ سان ٿو جڙيان حال پريشان کي پنهنجي.

٢. مان حال ٻڌائي، نہ ڏيان غم ٿو ٻين کي،
دل وارو نہ پڻڪائي ٿو مهمان کي پنهنجي.

٣. چپ چپ ۾ الائي ڇو پيري دل ٿي وجهي 'آهہ'،
سمجهيو ٿي اجا ناهي مون طوفان کي پنهنجي.

۴. تو مون کي ڀُلائڻ جو فقط سانگ رچيو آهہ،
ڀلجڻ ٿو گهرين عهد ۽ پيمان کي پنهنجي.

۵. دل ۾ بہ هڪ انسان ڏسڻ وارو رهي ٿو،
ڏاريو ٿي تون ڏاريو نہ لڳي انسان کي پنهنجي.

٦. ڏي، ڏي، ڪو دلاسو ڏي، ڪو ڪوڙو ئي دلاسو-
مايوس اميدن جي نادان کي پنهنجي.

٧. سر اوچو رکي توکان مدد ڪيئن گهران مان،
منهنجي ڪي نہ، چاهين ٿو ڏسڻ شان کي پنهنجي.

٨. خود دار ٿي مان ڪيئن مدد تنهنجي قبوليان،
احسان جو ڏين نانءُ ٿو احسان کي پنهنجي.

خوش رهن

١. عيش نظر کي ڪرائڻ وارا،
خوش رهن دل کي ستائڻ وارا،

٢. يعني مان توکي ڏسان دل کولي؟
ڪنڌ کي هيٺ جهڪائڻ وارا!

٣. ڪنهنجو اڳ ۾ ئي قتيل آهين ڇا؟
وار نظرن جا گسائڻ وارا!

٤. داوَ پهرين ۾ ئي دل هارايم،
ٻي دليا داو لڳائڻ وارا!

٥. منهنجي حالت به ساڳي آهي،
حال دل جو نه ٻڌائڻ وارا!

٦. دل کي هر لطف ڏيڻ ٿا چاهين،
وصل ۾ وقت وڃائڻ وارا!

٧. صبر جي لڄ نه ادائن جي رکيءَ،
پاڻ کي پاڻ منائڻ وارا!

٨. غم جان يا غم دوران رهي،
پاڻ رهنداسين نباهڻ وارا.

٩. منهنجي ساراه ڪندڙ دل ۾ نه ڪڄ!
سڀ سان دل ناهيون لڳائڻ وارا.

١٠. پلجندا ڊنگ جئڻ جا ٿا رڃن،
ڇا پلائن ٿا پلائڻ وارا!

١٥. نارائڻ "شيام"

ماڪ - ڦنا رابيل

١

ڌرتي ۽ آڪاس!
ويچاري درويش جو
هيءُ ئي آهه لباس!

٢

رات وڏي ۽ سيءُ!
اُپ ٽڪيل، ڌرتي ٿڌي!
سائين! پردو ٿيءُ!

٣

ٻجليءَ جا چمڪات!
ڪوئل جي ڪوڪو ٽڪي
ڇيري ويئي ٻات!

٤

سانوڻ سارو مينهن!
ڪڪرن مان اچ اوچتو
چنڊ نچوڙيو نينهن!

٥

تارن جي ٻارات!
سينڌيون خواه سهاڳڻيون
ماڻن ساڳي رات!

٦

ساگر ۽ اٿهوند!
پاڻي پاڻي هر طرف
پر نہ پئڻ لاءِ ٻوند!

٧

تارا سهس هزار!
هو ماناري تي مکيون
ٽپڪي مکيءَ لار!

٨

نور پيري نيراڻ!
چنڊ چڙهي ڪنهن پئي ٽڪيو
تارن ڪي، ڇاڪاڻ؟

٩

گل تہ رهيا ڪن ڪاڻ!
آهه سمايل ساهہ ۾
اڃا سندن سرهاڻ!

١٠

اي گل، ائين نہ سڪاءِ!
پوپٽ جا پرڙا ڏسي
هرڪي سي تہ نہ پاءِ!

(٦)

پل پل گذري ڏينهن ٿيو - ڏينهن گذري ٿيو ماهه
جانب جڏي جيءَ تي - کهڙو آ ويساهه
پويون ڪٽندم ساهه - ايندين تڏهن عجيب تون!

(٧)

مرجهايل مکڙين جا - اڄ مرڪن ٿا مونهن
باغن بستانن ۾ - سرس لڳي ٿي سونهن
وندر ۾ ورونهن - سڄڻ آگي ٿبي پئي

(٨)

پي پي پپيهي جي - ۽ ڪوڪل جي لات
هيءَ چمن جو ڇهڇٽو - هيءَ چانڊوڪي رات
ڇيڙن ٿيون جذبات - مستيون هن موسم جون!

١٧. گووردن محبوباڻي "پارتي"

قطـعا

(١)

معلوم آهي، مان ڪنهن جي لئي، هي سندر گيت رچايان ٿو؟
ايڪانت ڏسي، بيخود بڻجي، ڇو جهرڻن وانگر ڳايان ٿو؟
ڪوڪن لائي، ڪو ڏيان ڏئي، پيل منهنجا گيت ٻڌي نه ٻڌي،
مان پنهنجي گيتن سان ساٿي! پنهنجو ئي من بهلايان ٿو.

(٢)

منهنجا ڳوڙها ڳڙندي ڳڙندي، ويا سمنڊ سموَرا کارا ٿي،
منهنجي آهن جي لهس وچان، ويا سهڻا پؤنرا ڪارا ٿي،
منهنجي اُڌمن جي تڙق ڏسي، بيشڪ بجلي بي چين بڻي،
پر داغ ڏنا جي تو دل کي، سي چمڪن ٿا اڄ تارا ٿي.

(٣)

ساجن سورج کان وڇڙي پيي، مون چنڊ چريو مسرور ڏٺو،
۽ پريتم گل سان ملندي پيي، شبنم کي غم ۾ چوُر ڏٺو،
ٿي ساگر تڙڦيو چوڏس ۾، ڪوئل ڪوڪي برساتن ۾،
اي قادر! تنهنجي قدرت جو، مون اُلٽو ئي دستور ڏٺو!

(٤)

پل وجن وڇوڙي جي غم کان، منهنجي آشا جا ڦول ڇڻي،
پل تنهنجي ياد اچي پل پل، مون برهڻ خاطر سوُر ڪٺي،

جو درد ڏنو آ تو دل کي، ڇو اُن جو آءُ علاج ڪريان؟
يا عمر سمن شل او سائين! منهنجون اکڙيون ناسور ٿيون!

(٥)

آغاز نہ ڄاڻان ٿو پنهنجو، انجام نہ ڄاڻڻ ٿو چاهيان،
شروعات، پڄاڙيءَ جي وچ ۾، ڇا ٿيندو؟ مان ڪيئن سمجهايان؟
واقف نہ اڻانگي رستي جو، معلوم نڪي منزل مون کي،
تہ بہ هلڻو آ جيون-پٿ تي، ڇاڪاڻ تہ مان راهي آهيان!

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. 116
BOMBAY-11

پـريشاني

(۱)

خموشيءَ رات جي سيني تي پيئي بانبڙا پائي
وڪوڙيندي وڃي دل جي نندڍيءَ ڪونيءَ کي ويراني
وڃن ٿا وسرندا ۽ دور ٿيندا شغل سڀ جڏهين
خبر ناهي ڪٿان ظاهر اچي ٿئي تي پـريشـانـي

(۲)

ڪتابن جا ٿها، هي مختصر سامان ڪمري جو
نهاري مونڏي سڀ، منهنجا ٿيا آهن تماشائي
ڪکائينءَ جهوپڙيءَ مان جئن سمي برسات جو پاڻي
ٽي ٽپڪي اُن طرح منهنجين نگاهن مان نراسائي

(۳)

پکڙجي بي عدد ويا ذهن جي چادر مٿان ڪندا
اچي سامهون بهن ٿا نقش ماضيءَ جا ۽ تصويرون
اُباسي ڏيئي منهنجا خواب سڀ ٻل ٻ ئي جاڳي پيا
مڪمل ٿي سگهيون جن جون نه تعميرون، نه تعبيرون

(۴)

...مين سسڪ...
...ريءَ مان...